Gul Hayat Institute

كهات مثان كهنگهور كهتا يم

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

# گهاٽ مٿان گهنگهور گهٽا ۾

## شيخ اياز

Gul Hayat Institute

نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد حيدرآباد سنڌ.
1996ع

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو ڪتاب نمبر ٻه سؤ هڪ

| | |
|---|---|
| ڇپائيندڙ | نيو فيلڊس پبليڪيشنس ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد، سنڌ. |
| ڇپيندڙ | نيو فيمس پرنٽنگ پريس، حيدرآباد. |
| ڪمپيوٽر ڪمپوزرس | عبدالبرادرس، ليزر ڪمپوزنگ سسٽم، لجپت روڊ، حيدرآباد. |
| پهريون ايڊيشن | جون 1996ع |
| قيمت | -/70 رپيا |


Gul Hayat Institute

(سڀ حق ۽ واسطا قائم)

---

GHAT MATHAN GHANGHOR GHATA MAIN. By. SHAIKH AYAZ
Published by New Fields Publications, Tando Wali Mohammad, Hyderabad, Sindh. Pakistan. First Edition June 1996.
Price Per Copy Rs. 70/-
Book No. 201

# انتساب

پاسترناڪ، سولزنيٽس ۽ ٻين شاعرن ۽ اديبن جي نالي، جنهن يو- ايس- يس- آر ۾ آمريت جي ڊونگ کي وائکو ڪيو ۽ اُنهن ٻين روسي اديبن جي نالي جن جيءَ جو جوکو کڻي بہ ايتري گهُٽ ۽ ٻوساٽ جي دؤر ۾ آزاديءَ ۾ ساهہ کنيو ۽ ماريا ويا يا جلاوطن ڪيا ويا.

آن چنان زی که گر از حادثه برباد رَوی،
حسنِ معنی نه گذارد که تو از یاد آوي.
(قاسم خان تبریزی)

ترجمو: ان طرح جيءُ جو حادثو توکي برباد بہ ڪري ڇڏي،
تہ بہ تنهنجي معنيٰ ۾ ايترو حسن هجي جو تون ياد تان نہ لهين.

شيخ اياز
1- فيبروري 1996

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

بیاکه قانده آسمان بگردانیم،
قضا به گردش رطلِ گران بگردانیم.

"غالب"

ترجمو: اچ تہ آسمان جو قائدو ڦيرايون،
۽ قضا کي ڳري پيالي جي ڦيري ۾ چڪر کاتايائون.

دل پھر طوافِ کوئے ملامت کو جائے ھے،
پندار کا صنم کده ویران کئے ھوئے.
"غالب"

ترجمو: دل وري ننوليءَ جي گهٽيءَ ۾ وڃي رهي آهي،
پنهنجي هٺ جو بت خانو اجاڙ ڪري.

طمع مدار ز حاسد فروغ دل فیضی،
سفالِ تیره کجا جامِ آفتاب کجا.
"فيضي"

ترجمو: اي فيضي! حاسد مان ڪشاده دليءَ جي لوڙ نہ رک،
هڪ ڪارو ٺانءُ ڪيڏانهن، سج جو پيالو ڪيڏانهن.

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

# نيو فيلڊس طرفان شيخ اياز جي ڇپيل ڪتابن جي فهرست

چنڊ چنبيليءَ ول (شاعري)
رڻ تي رم جهم (شاعري)
ساهيوال جيل جي ڊائري
ڀڳت سنگهه کي ڦاسي
ڪپر ٿو ڪن ڪري (شاعري)
ڪي جو ٻيجل ٻوليو (شاعري)
خط، انٽرويو ۽ تقريرون (ڀاڱو 1)
راج ـ گهاٽ تي چنڊ (شاعري)
لڙيو سج لڪن ۾ (شاعري)
ٻڙ جي ڇانوَ اڳي کان گهاٽي (شاعري)
آڪن نيرا ڦليا (شاعري)
ڪراچيءَ جا ڏينهن ۽ راتيون
پونم پري آڪاس (شاعري)
جهڙ نيشان نه لهي (شاعري)
وڄون وسڻ آئيون (شاعري)
پنهل کان پوءِ
جڳ مڙيوئي سپنو

اُڀر چنڊ پس پرين (شاعري)
پتڻ ٿو پور ڪري (شاعري)
هيئنڙو ڏاڙهونءَ گل جئن (شاعري)
خط، انٽرويو ۽ تقريرون (ڀاڱو 2)
ٽڪرا ٽٽل صليب جا (شاعري)
وائون ڦلن ڇائيون (شاعري)
الوداعي گيت (شاعري)
ڪَتين ڪر موڙيا جڏهن (ڀاڱو 1)
ڪَتين ڪر موڙيا جڏهن (ڀاڱو 2)
نند وليون (شاعري)
سر لوهيڙا ڳيا (شاعري)
سُورج مکيءَ سانجهه (شاعري)
جر ـ ڏيئا جهمڪن (شاعري)
هرڻ اکي ڪيڏانهن (شاعري)
ڪتي ته پيچيو تک مسافر (آتم ڪهاڻي)
چنڊ ڳليون (شاعري)
گهاٽ مٿان گهنگهور گهٽا ۾

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

# مهاڳ

فيروز احمد ميمڻ مون وٽ آيو هو ۽ چيو هئائين: "اوهان وڌيڪ نثر لکو، ڇو ته ان جي وڌيڪ ضرورت آهي." مون کيس چيو ته: "مان نظم لکندو آهيان، نثر مون کي لکندو آهي." منهنجي سڄي زندگيءَ جا مشاهدا، تجربا، اندروني جذبا ۽ احساس نثر ۾ ئي ته چٽيا آهن. مون روزاني 'برسات' جي مختصر ايڊيٽر شپ ۾ ايترو لکيو جو ائين لڳو ته نثر مون تي برسات جيان لٿو آهي. ايڊيٽوريل، دعائون، نثري نظم جي ڪڏهن بيت وانگر ننڍا هئا، پر بيت کان وڌيڪ موثر هئا ۽ طبيعت جي ناچاڪائي جي باوجود، مان مسلسل لکندو هيس، جڻ ته پنهنجي ڏينهن جو اعتبار ڪونه هو ته مان ننڊ مان اٿندس يا نه!

اهي نثري نظم به مون ائين ننڊ ۾ لکيا آهن جيئن پنهنجي منظوم شاعري، منهنجي تحت الشعور جو اظهار آهي. شاعر اڪثر تحت الشعور ۽ شعور جي وچ تي لکندا آهن، پر هي نثري نظم به مون لاشعور ۽ تحت الشعور جي سرحد تي لکيا آهن. جڏهن مختصر عرصي جي لاءِ، مان روزانو "برسات" جو ايڊيٽر هوس ته تڏهن مان صبح شام نثر لکندو هوس. ايڊيٽوريل ته منهنجي شعوري ڪوشش هيا، باقي نثري چوٽيون ۽ نثري نظم مون تي ائين الهام وانگر نازل ٿيندا ها، جيئن منظوم شاعري ٿيندي هئي. مان رات جو جاڳي جنهن وقت لکندو هوس، ان وقت بتي نه ٻاريندو هوس ۽ نوٽ بوڪ منهنجي پرسان رکيا هوندا هئا. ڪنهن وقت ته مان هڪ ٻئي مٿان به لکي ويندو هوس. ڪنهن وقت نوٽ بوڪ ابتو ٿي ويندو هو ۽ ڪنهن وقت پين جي نب به ابتي ٿي ويندي هئي ته نوٽ بوڪ تي فقط رهڙا اچي ويندا ها. جي قاضي منظر حيات پنهنجي ڏينهن تي نقل ڪندو هو ۽ انهن تي چاڪ پري اکر لکندو هو. وقت ڪي برهم پُترا ۽ سنڌوءَ وارو ڇوهه هوندو هو ۽ ڏينهن ڪنهن خواب وانگر گذرندو ويندو هو.

مان اشتراڪيت جو همسفر رهيو هوس. گورباچوف جي ڪتاب پيرس

Gul Hayat Institute

ٽروٽسڪا جي اشاعت ۽ يو- ايس- ايس- آر جي شڪست و ريخت انسان جي معاشي ۽ اقتصادي برابريءَ جو خواب خوابِ پريشان بڻائي ڇڏيو. چين ۽ روس ۾ ايتري رت پياڪ ڪشيدگي ڏسي، وا ضح ٿي ويو تہ انسان رت پياڪ درندو آهي ۽ فرينچ انقلاب جي محنت ڪش عوام جو برادريءَ وارو تصور ڊانوان ڊول ٿي چڪو هو. جمهوريت ڪيتري بہ بري هجي، پر مون کي هر آمريت کان چڱي لڳندي آهي. پوءِ اها پرولتاري آمريت ئي ڇو نہ هجي. ڇو تہ پرولتاريت جي حڪومت هڪ فريب هئي.

پرولتاريت تي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي حڪومت هئي، ڪميونسٽ پارٽيءَ تي ان جي پالٽ بيورو جي حڪومت هئي، جنهن تي اسٽالن هڪ ڊڪٽيٽر وانگر راڄ ڪري رهيو هو. سارو رت رائيگان ويو هو، جيڪو انقلاب ۾ وهايو ويو هو.

ڪجهہ منهنجي ذاتي زندگيءَ ۾ بہ اهڙا واقعا ٿيا جو منهنجو دل جو آئينو ڀور ڀور ٿي پيو ۽ مان ان نتيجي تي پهتس تہ جيستائين صاحبِ ڪردار شخص اقتدار ۾ نہ ٿا اچن، تيستائين اقتصادي تبديلي ڪوئي انقلاب آڻي نہ ٿي سگهي. اها ڳالهہ جڏهن مون تحرير ۾ ٿي آندي تہ مون کي بار بار غالب جو هڪ سوريئلي (Surrealistic) شعر ياد ايندو هو.

هم نے مجنوں پہ لڑکپن میں اسد،
سنگ اٹھایا تھا کہ سَر یاد آیا.

"غالب"

منهنجي زندگيءَ ۾ ڪميونزم سان وابستگي ۽ ان ازلي حقيقت سان وابستگيءَ ۾ بدلجي وئي، جا قضا ۽ قدر تي حاوي آهي. مون دنيا کي ڄڻ آئينہ سڪندر ۽ جامِ جم ۾ ڏٺو تہ ان جي صورت ٻي نظر آئي. منهنجي انهيءَ فريبِ نظر مان آزاديءَ مون ۾ جا اٿل پٿل پيدا ڪئي، اها هن ڪتاب ۾ شدت سان اظهاري وئي آهي. ايترن ڏينهن ۽ راتين جي محنت منهنجي دل تي ايترو بوجهہ وڌو جو مان ڄڻ بہ اڌ ٿي پيس. ان وقت بيهوشيءَ ۾ مون کي اسٽريچر تي مڊ ايسٽ اسپتال ۾ وٺي ويا، پر ٻئي ڏينهن تي مون کي معلوم ٿيو تہ هڪ سيڪنڊ منهنجي نبض ۽ منهنجي دل بيهي چڪي هئي ۽ جڏهن

Gul Hayat Institute

منهنجي دل کي زور سان جهٽڪا ڏنا ويا تڏهن ان ۾ دک دک واپس آئي. منهنجي بيماريءَ جي رات اتفاق سان منهنجا ٻئي پٽ موجود هئا. جي هونءَ هوندا ئي ناهن. منهنجو هڪ پٽ سليم ڊاڪٽر آهي، جيڪو پاڻ دل جي مرضن جو ماهر آهي، ڪنهن بيمار بيوه جو مفت ۾ علاج ڪندو هو. جنهن جو پٽ ايڌي ايمبولينس ۾ ڊرائيور آهي، جنهن کي گهر تي ايڌيءَ وارن فون به هٿائي ڏنو آهي ۽ هن جي گهر ۾ هڪ ايمبولينس به بيهاري ڇڏي اٿائون. منهنجي پٽ ڊاڪٽر سليم هن کي فون ڪيو ته هو هڪدم پهچي ويو ۽ مون کي بيهوشيءَ جي حالت ۾ اسٽريچر تي لاهي اسپتال پهتا. جيڪڏهن ان وقت لفٽ بند ٿي وڃي ها ۽ مان اسپتال ۾ ٻه منٽ دير سان پهچان ها ته مري وڃان ها. اتفاق سان ڊاڪٽر حق هارٽ اسپيشلسٽ، مريضن جي گهڻائيءَ ڪري اسپتال ۾ موجود هو ۽ معمول مطابق گهر نه ويو هو. هن فرشته صفت انسان منهنجي زندگي بچائي ورتي. جڏهن مان سترهن ڏينهن ڪان پوءِ اسپتال مان نڪتس ته مون کي ڊاڪٽر حق چيو ته لکڻ منهنجي دل تي بوجهه ٿو وجهي ۽ مان ڪافي عرصي لاءِ لکڻ ڇڏي ڏيان. مون 'برسات' مان ته استعيفا ڏئي ڇڏي، پر ان عرصي ۾ ڪيئي ڪتاب لکيم. جن ۾ 'چند ڳليون'، 'ڪٿي ته پيجبو ٿڪ مسافر' ۽ سوين بيت ۽ وائيون. نظم، هائيڪو، ترائيل، سلطان باهوءَ جي طرز تي چوسٽا ۽ آتم ڪهاڻي جو پهريون حصو 'ڪٿي ته پيجبو ٿڪ مسافر" لکيم. شاعري مان ڪجهه حصا رسالن ۾ ڇپجي چڪا آهن. آتم ڪهاڻيءَ جو ٻيو حصو، 'ڪٿي نه پيجبو ٿڪ مسافر' جا پارنهن سؤ صفا لکي چڪو آهيان. مون سوچيو آهي ته آتم ڪهاڻيءَ جي ٽئين حصي جو نالو 'ڪٿي نه پيجبو ٿڪ مسافر' رکندس. جي زندگيءَ وٿي ڏني ته آتم ڪهاڻيءَ جا باقي ٻئي حصا به لکندس.

الائي ڇو مون کي اهو الڪو آهي ته زندگي بي اعتبار آهي ۽ جيترو ٿي سگهي اوترو جلدي لکي وٺان. پٽائيءَ جي هڪ سٽ آهي ته: 'ٻڌندي ٻوڙن ۾، کي هاتڪ هٿ وجهن'. ٻوڙا اجا ته منهنجي هٿن ۾ آهن، پر ڏسجي ته ڪيستائين ٿا سٽ جهلن ۽ درياهه مون کي ڪڏهن ٿو لوڙهي وڃي. هڪ ڀيري مان پنهنجي ڌيءَ ڊاڪٽر روحيءَ وٽ پڊ عيدن ۾ لتل هوس ۽ هن جي

بنگلي جي ٻاهران، چانڊوڪي رات ۾ سُکل گوار جي کيت ۾ پرسان گهمي رهيو هوس تہ اوچتو مون کي خيال آيو تہ منهنجي شاعري بہ انهيءَ چانڊوڪيءَ وانگر رهجي ويندي.

هي چوٿيون ۽ نثري نظم، ننڍا ۽ وڏا، خليل جبران، ٽئگور، آسڪر وائيلڊ ايگريز فلسفي بيکن (Bacon) ۽ فرينچ اديبن مئٽرلنک (Materlink) ۽ آلبرٽ ڪاموء، جرمن ڊاڪٽر آلبرٽ شوائيٽزر ۽ يونائيٽيڊ نيشنس جي سيڪريٽري جنرل ڊئگ هئمر شولڊ وانگر يا گورڪيءَ جي ٽالسٽاء ۽ چيمخوف جي باري ۾ نوٽن وغيره وانگر آهن پر انهن تي ڪنهن بہ مٽي ذڪر ڪيل يا ٻئي ڪنهن اديب جو تاثر نہ آهي انهن ۾ فقط منهنجا ذاتي مشاهدا ۽ تجربا ڏنا ويا آهن.

شيخ اياز

Gul Hayat Institute

# گھاٹ مٹان گھنگھور گھٹا یم

Gul Hayat Institute

- منهنجو هر لفظ لوح محفوظ ۾ سانڍيل آهي، تون ان کي ڇا ڊاهي سگهندين؟
- تون سمجهي نه سگهندين جي مان توکي چوان ته مان شاعريءَ سان روز ميثاق کان عهد نڀايو آهي!
- گوئٽي! مان توکي حافظ به اٿل ۾ ٿو ڏيان، پوءِ به منهنجو پڙ توکان ڀاري آهي.
- سعدي! تنهنجيءَ عمر درازيءَ کي مان تنهنجيءَ بزرگيءَ جو ثبوت نه ٿو سمجهان، ڪنهن وقت شاعر جو هڪ لمحو به صديءَ تي ڀاري آهي.
- اُردوءَ جي شاعرن جرئت ۽ انشا وانگر ڪيچل ۽ لچائيءَ ۾ زندگي گذاري ڇڏي اٿوَ! ڇا اوهان به شاعر آهيو؟ ڇڙو ڇيڇاپور آهيو. ائنڙائيءَ لائي چائيءَ جا چائو آهيو! اوهان سمجهو ٿا ته اوهان پنهنجيءَ ڇترائيءَ مان ڪٿي ڪائيندا؟
- ڪاش! ڪوئي مصور اوهان کي پنهنجي مستقبل جي تصوير ڪڍي ڏيکاري ته اُهو اوهان تي ڪيئن ٿو ڪلي!
- تون ڪير ٿيندو آهين، 'يتائي'، 'يتائي' ڪرڻ وارو؟ يتائي کي مون کان وڌيڪ ڪير سڃاڻي؟
- ڇا تون مون وانگر گلان جا گهنگهرو ۽ يتائي جو يڪتارو ٻڌي سگهين ٿو؟ ڇاڇر ۾ ڇيرون هڻڻ وارا نقاد! هڪ سمنڊ ٿي ٻي سمنڊ جي زيرو بم کي سمجهي سگهندو آهي.
- منهنجيءَ جاءِ نماز جو پاسو مٽي ڪري ڏس! اُتي توکي دنيا جا سارا شاعر سمنڊ ۾ مڇين وانگر نظر ايندا.
- مينهَن! منهنجيءَ محبوبا جي ڳلن تي ايتريون ڇميون نه ڏي! ايءَ اُتر جون هوائون، سارا ڪڪر اُڏاري وڃو! مون کي ڪاوڙ اچي رهي آهي.
- ساڙ ۾ ايترو به نه سڙ جو تنهنجي پلاسٽڪ سرجري به نه ٿي سگهي!
- يو. ايس. ايس. آر ٿئي وٺي. اڳتي لاءِ ڇاتي ڇد ته عا. . شعر خنم ٻارڻ . . . آهي.
- . . . [illegible] آهي . . . جي . . . ۾ . . .

- سرڪاري ڄاڙتو. سڀ ڪان وڏي چيڙ ڪندو آهي.
- مون تي طنز ڪرڻ وارا! ڄاڻين ٿو تہ قدرت توکان ان طنز جي ڪيتري قيمت وصول ڪندي؟
- ڏات ۽ ذات؟ ڀلو آهين.
- زندگيءَ کي ائين ڇڇڙ ٿي نہ چنبڙ! پوپٽ ٿيءُ، پَر کول!
- مان انهي وڳ ۾ شريڪ ٿيڻ نہ ٿو چاهيان جو تو مقبرن ۾ واڙيو آهي.
- رڳو شب خوابي ڪافي نہ آهي، روح جي شب تابي بہ ضروري آهي.
- ڇا شراب نوشيءَ 'حافظ' جي بزرگيءَ ۾ فرق آندو هو؟
- شبلي نعمانيءَ ڏاڙهيءَ تي هٿ ڦيريندي چيو. "عطيہ فيضي ڪيتري نہ خوبصورت آهي!" ۽ پوءِ هن ڪان ديوبند جو سارو علم وِسري ويو.
- فيضي رحمين! جيتري بيقدري تنهنجي ڪئي وئي آهي، اوتري جي منهنجي ڪئي وڃا ها تہ مان موت ڪان پوءِ بہ خودڪشي ڪيان ها!
- ڇا موت فقط هڪ لفظ آهي؟ ماڻهو مري ڪونہ ٿو؟
- هاڻي قوم پرستي هر ڦوروءَ، ڪُپٽيءَ ۽ ڪوڙي ماڻهوءَ لاءِ آڙ ٿي پئي آهي. هن کي پنهنجيءَ تيڙهائيءَ ۽ ڏنگائيءَ کي لڪائڻ ۾ مدد ڏئي ٿي ۽ هو آسانيءَ سان سنڌ جي نالي ۾ نہ رڳو ڪروڙ ڦٻائي وڃي ٿو پر پنهنجي ويريءَ تي وار بہ ڪري سگهي ٿو. اهڙو هرڪو ماڻهو ٻاهران تَن ـ تپائو، ڦڙت ۽ اُديوڳي تو لڳي پر هُن جو اندر ڪينٽرو آهي. ڪنهن وقت هو پنهنجي ڪَڌائي ۽ ڪَماڻپي کي لڪائڻ لاءِ 'شاهہ'، 'سچل' ۽ 'ساميءَ' جون ڪجهہ سِٽون ڏئي، فرضي نالن سان پنهنجي نيچ پڻي ۽ اوچائي جو اظهار ڪندو رهي ٿو ۽ اُن مان هن جي اذيب پسند طبيعت کي تسلي ملي ٿي. مون اهڙا ڪيئي ماڻهو ڏٺا آهن، جي پنهنجيءَ حرامخوري ۽ هيچ تي ڍڪ رکڻ لاءِ سنڌ سنڌ ڪندا وتن ٿا ۽ اخبارن ۾ ڪالم ڪارا ڪن ٿا. انهن ڪان دور رهو! اهي اندر جا ڪارا ماڻهو آهن. بليت ۽ اوهان کي رڻ ۾ روئي رهيا آهن.
- سازندا! ڇا رباب ڪان مٿي ڪوئي مذهب آهي؟

Gul Hayat Institute

● خدا ڪائنات جو عظيم ترين موسيقار آهي. ڏس، ڪيڏا ستارا ستار هلائي رهيا آهن ۽ ساگر انهن سان طبلي تي سنگ ڪري رهيو آهي.

● اڄان سراڻ تي روح کي تکو ڪري رهيو آهين؟ نه ڄاڻان هن ساري اسرار کي ڪڏهن اوچتو ڇهڪ ڏيندين؟

● موت قئنچي آهي يا سلائي جي مشين آهي يا ٻئي آهي؟

● ڪوپلا، ٺيٺ سنڌي لفظ آهي جو ڪهه ٻلا، مان نڪتو آهي. ٻلو ٽپو ڏئي ڇڪي ۾ رکيل کير جو لوٽو پٽ تي ڪيرائي ته سگهندو آهي پر اُن کي واپس ڇڪي ۾ رکي نه سگهندو آهي!

● مون توکي پيچ ٻڌي مهري ڪرڻ چاهيو پر تون لاڏو هئين ۽ تون پنهنجي پرولتاريت نه ڇڏي!

● فلاٽو هاٿي وچي لاٿو رهيو آهي، جنهن کي اُهي چانگا چري رهيا آهن جن ڪاڪ ڪنڌي ڪڏهن به نه ڏٺي آهي!

● ترس! نديون ڏنيءَ ڪني وهنديون! تيستائين هماليہ جي برف کي گهور ۽ مَند بدل لاءِ دعا گهر!

● تو جهڙا ڪميونسٽ مون ماسڪو جي گهر گهر گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ ڏٺا ها ۽ ڪيترن کي ايترا رُوبل به نه هئا جو آئيس ڪريم وٺي سگهن! مون ڏٺو هو ته هوُ سستو ڪواس (روسي بير) وٺي پي رهيا ها.

● پولڙن کي مطمئن ڪري رهيو آهين ته تون هنومان آهين! پنهنجي ٽري نه ڏيکار! ڄاڻان ٿي نانگا پربت ڪٽندين!

● مون کي پنهنجو 'مان' ٽيڻ ڏيندين يا نه؟ مان تنهنجو 'تون' ٽيڻ لاءِ تيار نه آهيان! ٻَڌي جي ڪَٽ وانگر وچڙي ويو آهين!

● ڪامريڊ! مرڻ کان پوءِ رک گنگا ۾ پرواهه ڪندين يا وولگا ۾؟

● تاشقند ۾ مون ابي سينا جي مدرسي ٻاهران هڪ فارسي شعر لکيل ڏٺو، جنهن جو مطلب آهي:

”هي دنيا هڪ سراءِ وانگر آهي جنهن کي فقط هڪ دروازو آهي. سراءِ ۾ سراءِ جي سراءِ ۾ سراءِ آهي ۽ ائين سلسلو ڪٿي ڪٿي نه ٿو. هو هڪ سراءِ مان ٻي سراءِ ۾ نه وڃي سگهي ٿو؟

Gul Hayat Institute

● تنهنجو هر ڪتاب اشوڪ استمپ آهي. اها ٻي ڳالهه آهي ته تون پڳوان ٻڌ نه آهين؟

● "ڇا مري ڪوئي موتيو آهي؟ مان جو بيٺو آهيان؟"

● "قبر ۾ آرام ڪرڻ چو نه تو چاهين؟" هاڻ تو منجهي. ٻاهر ڪيڏي نه پياري هوا لڳي رهي آهي، جنهن ۾ املتاس جا گل ڇڻي رهيا آهن؟

● "گل مهر جا سڀ پن ڇڻي ويا آهن؟" "اِهائي ته بسنت جي اچڻ جي نشاني آهي؟"

● ميان هيءَ رُباعي آهي، چؤپڙ جي راند آهي؟

● نئپولين! موت هر ڪنهن جي ايلبا آهي.

● شيڪسپيئر ڪي ويسٽ منسٽرائبي جي ساري خچر ڪلي لڳ چو پوريو اٿائون؟

● ڇا ڍيءَ ۾ آڙيون مقدر ڦاسائيندو آهي؟

● شاعر! تون ته ائين وڃي رهيو آهين ڄڻ ڪويل جي ڪوڪ ڪيسي ۾ ڪٽي وڃي رهيو آهين!

● مون لنڊن برج تي هڪ ماڻهوءَ کي گهمندي ڏٺو ۽ هن کي ڏسي مون کي ٽي ايس اليٽ جو گمان ٿيو. ڇا هو سچ پچ ٽي. ايس. اليٽ هيو؟

● پوپٽ جا پَر نه پَٽ! پوپٽ خدا جي امانت آهي.

● ايتريون پنيوريون نه ڦاساءِ جو انهن جي گنجار تنهنجي ننڊ حرام ڪري ڇڏي.

Gul Hayat Institute

● سِتون ته آسمان ۾ لکيون ويندڙيون آهن. توکي ته تحفي طور مليون آهن!

● ڏات مون کي خدا ڏني آهي، تون چو ٿو سڙين؟

● وڃي خدا کان پُڇ ته منهنجي بدران توکي شاعر چو نه ڪيائين؟

● ڇا تون سمجهين ٿو ته شاعري مون کي مفت ۾ ملي آهي! نه ميان، مون [illegible] ننڊ ڏئي ورتي آهي.

● سمنڊ جي ڪناري تي جيترا مشتري آهن، اوترائي شعر ڪائنات ۾ [illegible] ٻي ڳالهه آهي ته توکي اهي ڳڻڻ ڪرڻ نه ٿا اچن!

● غالب! هي ساحل تنهنجي والد بزرگوار جي ملڪيت تہ نہ آهي، جيترا موتي ڪٺا ڪيا اٿي، اڌ مون کي ڏي!

● ڇا جن ميرٺ مان ڪاهيو هوءِ ماريا ويا ها، انهن ۾ تون منهنجو لاش سڃاڻي سگهين ها؟

● مير صادق! تو اِها سازش رڳو ٽيپو سلطان خلاف نہ، منهنجي خلاف بہ ڪئي هئي.

● فن جي تخليق هڪ معجزو آهي. مٿان اُن کي لاف سمجهين! مان ان جو زنده ثبوت آهيان.

● منهنجي ننڊ وٺ، شاعري ڏي، اي وقت! نہ تون خساري ۾ ويندين، نہ مان ويندس.

● ساريون راتيون لکي مون ڇاتو آهي تہ وان گوگ مصوريءَ ڪيئن ڪندو هو.

● هاڻي سمهي پؤ! رات ڇا بہ لڳا آهن. ڇپرن مان ننڊ جون پريل ڳوٺيون ڪري نہ پون!

● ايتري اُڄ آهي جو ساري مانسروور پي وڃان!

● شاعر! ڇا پوري خدائي تو ڪرڻ چاهين؟ هاڻي تہ بس ڪر!

● تون ڇا ٿو سمجهين؟ ڇا توکان پوءِ ڪوئي شاعر نہ ايندو؟ تون خدا جي تذڪري ۾ آخري نالو آهين؟

● "لَڙ تو اڇي. ڪٿي فساد ٿيو آهي."

"تون ٻولي غلط ٿو ڳالهائين. فساد ٿيندو نہ آهي. ڪرايو ويندو آهي."

● "تنهنجيءَ ڳالهہ ۾ تضاد آهي، تون پنهنجي اڳئين چئي تان ڦري ٿو وڃين."

"تضاد تجربي جي نشاني ٿيندو آهي."

● دندان ساز عقل موڙ تہ نہ وڃهي سگهندو!

● آءَ تہ سڀ سنگ ميل اڪاڙي ڦٽي ڪيون! سفر آسان ٿي پوندو.

● منهنجو هر ڪتاب ،وت جو سنگ لحد آهي.

● زندگيءَ جي ڪتاب لاءِ قبر رحل وانگر ڪوتجانءِ.

Gul Hayat Institute

● ڏڄ، اُنهيءَ وڄُ ڪان ڏڄ، جا آڪيرا جلائيندي آهي!

ڏڄ، انهيءَ طوفان ڪان ڏڄ، جو هر شيءِ کي ڪک پن وانگر اڏائي ڇڏيندو آهي!

ڏڄ، انهيءَ جوالا ڪان ڏڄ، جو اوچتو ڦاٽ ڪائيندو آهي!

تون جو خدا ڪان نہ ٿو ڏڄين جو جبار ۽ قهار آهي، تون ان جي مادي صورت ڪان تہ ڏڄ جا سيني جا ڇهرا مسخ ڪري سگهندي آهي!

● فاشزم کي ابديت آهي، ڪميونزم فاني هئي. انسان مان ظلم ۽ جهالت ڪڏهن بہ نہ ويندي آهي.

● هي سڀ حقيقت پسند خواب خرام آهن. بلهي شاهہ ڪافيءَ وانگر دنيا جا طالب پنهنجو حصو ڪڻن ٿا، اوٻاڇن ٿا ۽ نيٺ اُلٽيون ڪري مرن ٿا. دراصل سيني جي ڏوني ۾ موت جا ڏند ڪتا پيا آهن پر هو اِهو ڄاڻن نہ ٿا.

● هومر جي ڪردارن وانگر هو جهازن ۾ لنگرانداز ٿين ٿا، شراب جا خم خالي ڪن ٿا، ۽ جهازن سوڌا ٻڏي وڃن ٿا ۽ تحت السرا ۾ ڪنهن جو پتو نہ آهي تہ ڪير جهاز ران هو، ڪير خلاصي هو، ڪير سڙهہ تي اوچو چڙهي ساحل لاءِ دوربين مان تاڙيندو هو! وڏا مڇ هنن جا هڏا ائين رڙڪي وڃن ٿا جيئن ٻار ريوڙيون کائيندا آهن.

● تاريخ کي پڙهہ تہ توکي پتو پوي تہ تو وانگر ڪروڙين آيا ۽ موت جا گرهہ ٿي ويا. موت وڏو مفت خور آهي. هن ڪيڏي ڍؤ تي ڪاڌو آهي، پوءِ بہ هن کي اُلٽي نہ آئي آهي!

● اي موت! نہ ٿو مرين؟ ڇڱو مان توتي هجو ٿو لکان. شاعر جو ٻيو پلئہ ڪهڙو ٿي سگهي ٿو!

● اڄ مون کي پنهنجا جوان چپ ڏي، جوان اکيون ڏي ۽ ڦوڪي ڏس تہ منهنجي رڳ ۾ ڪيتريون چڻنگون آهن!

● ڪامريڊ! توکي ڇيو ڪنهن آهي تہ مون کي سياسي آدرش سمجهہ! ائين تہ نہ آهي تہ تنهنجي تحت الشعور ۾ اهو خوف آهي تہ مان سياسي آدرش ٿي سگهان ٿو؟

● مٿان مون تي وڏو مقبرو اڏائين! مان تارازيءَ جي ساڃي ٻڙ ۾ پنهنجيءَ شاعريءَ سان گڏ مقبرو بہ وجهڻ نہ ٿو چاهيان. منهنجي شاعري

Gul Hayat Institute

تورين تہ سنئين ڳنيءَ تور!

● ميان، جوانيءَ جي وهہ ۾ وهي نہ وڃ! ان وقت جي باري ۾ بہ سوچ جڏهن تنهنجي ديد جهڪي ۽ ڪَن گهبرا ٿي ويندا ۽ تنهنجا ڳوڏا تنهنجو چيو نہ ڪندا! اهو وقت بہ توتي اچڻو آهي، جيستائين خدا توتي رحمت ڪري ۽ توکي ڍوَ ڪان اڳ دسترخوان تان اٿاري ڇڏي!

● نڪ تائين پيٽ نہ ڀر! ڏلهو نہ ٿيءُ! بُک ۾ وڏو سُک آهي! جي تون "رُکو سُکو کائي، ٿڌو پاڻي پي سگهين ۽ پرائيءَ چوپڙيءَ ڏي نہ واجهائين". تہ تون خواجہ فريد ٿي ٿو سگهين.

● جي خدا منهنجو محافظ آهي تہ مون کي ڪي محافظ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟

● مون کي بہ تو وانگر جوانيءَ تي غرور رهيو آهي. دراصل اها عمر ئي انا پرستيءَ جي آهي. جي تون منهنجي عمر تي پهچي ايڏيون ڇپون پاڻيءَ ۾ اُڇلي، ولوڙا پيدا ڪيا تہ توکي فخر جي گنجائش تہ رهندي پر پوءِ بہ غرور جي نہ رهندي، ڇو تہ زندگي بي اعتبار آهي، انت خاڪ آهي ۽ لحد جي انڌاريءَ سراءِ ۾ توکي شمع ٻَولي نہ ليندي.

● مان توکي بُرائيءَ جو جواب نہ ڏيندس، قدرت تنهنجي لاءِ پاڻ ئي ڪوڙڪي اڏيندي.

● احساسِ ڪمتريءَ سبب مون کان ڪيترا دوست جدا ٿيا، جيتوڻيڪ مون انهن جي باري ۾ احساسِ برتريءَ جو اظهار بہ نہ ڪيو هو!

● ڇا ڪُتو لومڙ جي کل پائيندو تہ هُن جي سڃاڻ نہ ٿي سگهندي؟

● ڪنگن ڪالورا نہ ڏس! ونجهہ ڪُجهہ تکيرا هلاءِ!

● 'مٿان مينهن وَسن'، پٽائي اهو ڪهڙي پرينءَ کي پاسي ۾ ڏسي چيو هو؟ *

● مُريد مُرشد کان عظيم ٿي سگهندو آهي پر پوءِ بہ هن جا پير نہ ڇڏيندو آهي ۽ هن جي اڳيان انڪسار جو اظهار ڪندو آهي ڇو تہ هن کي اها عظمت مرشد کان سواءِ ڪيئن نصيب ٿئي ها!

● موت بہ تنهنجي وس ۾، زندگي بہ تنهنجي وس ۾. زندگيءَ کان موت تائين هر شيءِ تنهنجي وس ۾! رهيا منهنجا پير. آهي بہ منهنجي وس ۾

نہ آهن، اهي بہ تنهنجيءَ مرضيءَ کان سوا وِک کڻي نہ ٿا سگهن!

● اي خدا! هن گهايل ڪونج جي ڪِڇي ڏٺي اٿي؟ ڇا تونئي ٿي چاهيو نہ هوءَ اهو گهاءُ سهي؟ ڇا مون کي گستاخي معاف ڪندين جي توکان پڇان تہ تون ايئن ڇو ٿي چاهيو؟

● اي ڪُتِ خلق! منهنجي جان ڇڏ! مان تو مان ڏاڍو ڪڪ ٿي پيو آهيان!

● ڪامريڊ! جي تون اِسٽالن جي دؤر ۾ هجين ها تہ توکي بخارن سان گڏ گولي هڻن ها.

● ڇگو بابا، مان سنڌي شاعري ڇڏي ٿو ڏيان، تون ئي خوش ٿيءُ.

● پلي تہ ڳڙا وَسن! انسان جي انا لاءِ ڪيئي ڇَنا آهن!

● تو وٽ نظرياتي رڳو ڍونگ آهي، هُونءَ ٻيو سڀ ڪجهہ ذات آهي.

● ڇگو ميان، مان ڪجهہ نہ آهيان، هاڻي تہ خوش ٿئين؟ دراصل اها ڳالهہ تہ منهنجي فلسفي جو آدرش آهي.

● مان ڄاڻان ٿو تہ تون دشمن جي ڪفن مان احرام ٺاهڻ وارو آهين.

● مان ان لاءِ تہ نہ مرندس تہ منهنجي موت کان پوءِ تون منهنجو قدر ڪرين! جي تو ائين سمجهو آهي تہ ڀُلو آهين!

● ايتري نراسائي! ايتري نراسائي تہ اُن ۾ بہ نہ هوندي آهي جنهن کي ڪوهہ مان حڪي ڪڍيو آهي! اُن جون اکيون بہ پاڻيءَ مان ستارن جا ڪجهہ پاڇا ڪٺي ايندڙيون آهن.

● جي تون ماڻهوءَ جي من کي سمجهي سگهين تہ ڪائنات کي سمجهڻ مشڪل نہ آهي.

● منهنجا پير اڃا تہ گهايل نہ ٿيا آهن! پَرُ آهي تہ ڪٿي پُلِ صراط سٽي نہ پوي!

● "ڪيڏانهن ٿو وڃين؟"

"بهشت ڏانهن."

"هيءُ رابيل جي ڪَنڊي پاڻي وڄ، گهوٽ وانگر!"

● اڄ تہ دوزخ جي دريءَ مان ڏسون! بهشت ٻري تہ نہ آهي!

Gul Hayat Institute

● هيءَ تنهنجي ڪوثر ۽ تسنيم بہ پلي آهي. پر سنڌو ڪا ٻي شيءِ هئي!

● ”توکي خدا ۾ اعتبار آهي؟“

”هائو“

”پوءِ توکي ڪوئي ڀَوُ ڀولو نہ آهي.“

● جوش مليح آباديءَ جو نظم ”تو اگر واپس نہ آتي بحر هيبت ناڪ سے“ جهڙو حيرت انگيز نظم مون ورلي پڙهيو آهي. لاشڪ اهو نظم هن جي لاشعور جي تخليق آهي.

● جوش مليح آباديءَ جو ’پيرزنِ ليگ‘ جهڙو سياسي نظم اردو جي پوريءَ سياسي شاعريءَ ۾ ورلي آهي.

● هن ڪي ماريندو بہ خدا، جياريندو بہ خدا. تون ڪير ٿيندو آهي وچ ۾ ٽپي پوڻ وارو؟

● تون ڏاهو آهين؟ تون تہ رڳو ڇاهو آهين. ڪنڌا ڪٽي ڪڍيا اٿئي!

● ڪيرَ ٿو چوي تہ موت اٽل آهي؟ موت ٽري سگهندو آهي، پر ڪجھہ وقت لاءِ.

● هر عظيم آرٽسٽ عظيم انسان بہ هجي ها تہ خدا فرشتا ڇو خلقي ها؟

● آرٽ جي عظمت انسانيت جي عظمت کان وڏي شيءِ آهي.

● يورپ جي ساريِ ازمنہ ۽ وسطيٰ کان مائيڪل اينجيلو وڏو آهي.

● ڊاڪٽر عبدالسلام! تون قادياني هئين تہ ڇا؟ تون منهنجو دوست هئين، آهين ۽ رهندين.

● تون خدا جي وجود ۾ اعتبار کان سواءِ نيڪيءَ لاءِ ڪوئي جواز ڏئي سگهين، تہ پلي ڏي!

● خدا ۾ اعتبار توکي نيڪي ڏانهن نہ ڇڪي، اها ٻي ڳالھہ آهي. پر ان صورت ۾ پڪ ڄاڻ تہ تنهنجو خدا ۾ اعتبار نہ آهي.

● نهج البلاغہ ۾ حضرت علي، مارڪس آريليس کان وڌيڪ سياڻو ٿو لڳي.

● تو تہ پاڇاون ڏسي بہ ان ڳالھہ کي لنوايو آهي تہ رات ڪڏهن بہ

Gul Hayat Institute

اوچتو اچي سگهي ٿي.

● ڪوڙ بدوڙ تي نہ گهار، ڏاڙ لباڙ کان پاسو ڪر، پنهنجي پورهئي ۾ جيءَ جان سان جنبي وڃ ۽ اُن مان ڪوئي لوڀ لالچ نہ رک! مان يانيان ٿو تہ خدا تنهنجي پاسي هوندو ۽ ڪڏهن بہ توکي ڪُڌڳ نہ لائيندو.

● ڪنهن جي موت تي خوش نہ ٿيءُ! توکي بہ هُن وانگر مرڻو آهي.

● نادان! جي موت اٽل آهي تہ اُن کان وڌيڪ اهم ڪهڙي شيءِ ٿي سگهي ٿي؟

● تون جو پاڻ کي دانش وَر ٿو سمجهين، ٻڌائي سگهندين تہ علامہ آءِ آءِ قاضي خودڪشي ڇو ڪئي هئي؟

● آءٌ تہ ابي سينا جو دروازو کڙڪايون! اڄ رات سندس مهمان آهيون.

● فارابي! تو ۽ مان ساڳيءَ ڪمسمپُرسيءَ مان گذريا آهيون ۽ ساڳيءَ روشنيءَ ۾ پڙهيو آهي!

● منصور جي دار مان ڪمرڪش ٿو ٻٽائين؟

● المتنبي! تو ۾ ۽ مون ۾ فقط اهو فرق آهي تہ اسان جا دؤر مختلف آهن.

● مون بہ هڪ ٻڪاٽي روپ مٽي هٿ ڪري، راڄڌاني وڃائي.

● مان يانيان ٿو تہ توکي پائڻ لاءِ مون پنر جنم ۾ پروسو ڪيو آهي!
جسم جي تشنگي سوين سراب پيدا ڪري ٿي.

● مٿان موت کان پوءِ مون کي رستي تي سڃاڻين تہ اجنبي وانگر مُنهن موڙي وڃين!

● نا..... سيني ۾ گولي! اڌ دم، پورو دم يا سوال جي نشاني؟
ڪيئن چئجي! تقدير کي اڃا تائين ڪوئي پڙهي نہ سگهيو آهي.

● مقدر ڪو موهن جي دڙي جي ٻولي تہ نہ آهي! ڇو ٿو اِن تي مٿو هڻين؟ اهو تنهنجي سمجهہ ۾ نہ ايندو!

● جي تو اڪيئي لکي ڇڏيو آهي تہ مون تي ڪهڙو ميار آهي!

● سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي تہ توکي لحد ۾ ڪيئن لاٿو هونداٿون؟ تو تہ زندگيءَ جي مهد ۾ پورا جهوٽا بہ نہ کاڌا ها.

Gul Hayat Institute

● تَڪي جا ماڻهو! توکي توهين عدالت جو ڇهبڪ هٿ ۾ هو ۽ ان ڪري مون توکي ڪجهه نه چيو. نه ته تون ۽ عدالت جي ڪُرسيءَ تي، تون جو سراسر جهالت آهين.

● وڏو وڪيل آهين! ڪتاب مان ڪبوتر اڏائي ٿو ڏيکارين!

● وڪيل صاحب ڏيوالي ڪان به ڪيس جي في ورتي ۽ هن کي اها موٽي نه ڏنائين ته قرض خواهن ۾ ورهائي ڏي!

● مُنصف! ڇا تون ساڳيو ڏوهه نه ڪرين ها جي تنهنجون حالتون به اهڙيون هجن ها، جهڙيون ڏوهه وقت ملزم جون هيون؟

● بوقلمون جادوگر! اهي ڪارا جبا ڏيکاري مون تي رعب نه رک! مان تنهنجي ساري قانون کي سڃاڻان. اهو گوهي تڏهن ڪندو آهي جڏهن سوٽو ساڻ نه هوندو آهي.

● مون هڪ سيشن جج جي هن جي رٽائرمينٽ کان پوءِ دعوت ڪئي. دعوت تي مون کي اوچتو احساس ٿيو ته هُو ڏيندو آهي. مون هن وٽ ڪيئي سال وڪالت ڪئي هئي ۽ اڪثر هن کي اسٽيج تي رکيل ڪُرسيءَ تي ويٺل ڏٺو هو. ان وقت ڪڏهن به محسوس نه ڪيو هو ته هو ڏيندو آهي، جيڪو هو سچ پچ هيو.

● آه! مون ڪهڙا ڪهڙا جج ڏٺا! منهنجي ساري زندگي ڪليلا دمنا جو داستان آهي.

● هي ڏيندو، ڏٽو، ڊيمڪٽو مئجسٽريٽ جڏهن ڪُرسي تي ويهي ٿو، تڏهن آسمان سان لائون ٿو لهي!

● وڪيل صاحب! رڳو فيءَ سان ڪم ڪندين يا في سبيل الله به ڪم ڪندين!

● تون ڪتاب مان مون کي سَنَدَ ڏيکاري رهيو آهين ۽ مان چوان ٿو ته اهو قانون ئي بڪواس آهي جنهن تي اها سَنَدَ ٻڌل آهي.

● ٻڌائي سگهندين ته جي ڪائي شيءِ قابل توهين هجي ته ان جي تحسين به ٿي سگهندي آهي ڇا؟

● سکر ۾ ساڌورام نالي وڪيل هوندو هو. هن وٽ جڏهن ڪوئي اصيل تتي ڏينهن جو اچي در ڪڙڪائيندو هو ته هو مٿينءَ ماڙيءَ تان ڪانئس

Gul Hayat Institute

پڇندو هو، ”في آندي اتي؟“

جي هن جو اصيل چوندو هو تہ ”نہ“ تہ هو ڪيس مٿان ٿي چوندو هو، ”ڏينهن ٽتل آهي، ساڏو هيٺ نہ لهندو.“ پر جي هن جو اصيل چوندو هو تہ في آندي اٿر تہ ساڏورام چوندو هو:

”بابا، چانوَ تي وئي. هاڻي تہ ساڏوءَ جو پيءُ بہ لهندو.“

● تون لاش ڪي مڙهہ چؤ، مٺت چؤ جنازو چئہ! نالو ڪهڙو بہ ڏينس پر لاش لاش آهي، اڇر، اڻموٽ، سَمڪ کان سوا، سُن ۾ آيل، ڇا پنهنجي پاڻ مان هو ڪوئي دروازو کولي نڪري ويو؟ هوَ ڪيڏو نہ ڳالهين جو ڳهير هو؟ ڪيڏيءَ دير تائين ڪچهريون ڪندو هو! هاڻي ڪيڏو نہ خاموش آهي!

● وچ، ڳولينس جي ڳولي سگهينس! هو ڪيس مٽيءَ ۾ پوري آيا آهن ۽ مٽي گونگي بہ ٿيندي آهي، ٻوڙي بہ ٿيندي آهي!

● ميان ايڏي تڪڙ! نہ رستي تي مانجهاندو ڪيُءِ، نہ ساهي پٽيءِ! ڇا تقدير سان معاهدي ۾ توکي ايترو ميعاد بہ نہ هو؟

● ميان! ٻي جي موت جو ٻڌي خوش نہ ٿيءُ! تنهنجي پوئين غسل لاءِ بہ پاڻي گرم ٿي رهيو آهي.

● مون کي مرحوم سان ڳالهائيندي ائين لڳندو هو تہ وڪالت تصوف جي ڪا آخرين ڪَڙي آهي. شريعت، طريقت، حقيقت، معرفت، وڪالت اِڪٽي ڪجهہ بہ نہ آهي.

● دشمن جي خون ڪان پوءِ انسان کي آرام جي ننڊ ايندي آهي ۽ هن کي اهو يؤ نہ رهندو آهي تہ مٿان هو پڪڙجي پوي ۽ هن کي ڪئي جو ڪيتو ڏيڻو پوي.

● دشمن جو قتل دراصل قاتل جي خودڪشي آهي.

● پني عاقل جو هڪ جاگيراڻي، جنهن اڳ ۾ سورنهن خون ڪيا ها ۽ هر ڪيس ۾ ڇٽي ويو هو. منهنجي سامهون هڪ نئين ڪيس ۾ ڇٽي ويٺو هو. هن جو آواز ايترو مٺو هو جو گمان ئي نہ ٿي آيو تہ هن ڪوئي خون ڪيو آهي. مون جڏهن هن جو ان ڳالهہ ڏانهن ڌيان ڇڪايو تڏهن هن چيو:

”بابا! دشمن کي ماري ختم ڪيو اٿر. دل تان وڏو بار لهي پيو آهي.

Gul Hayat Institute

● رن تي جهيڙو تہ هابيل ۽ قابيل کان وٺي شروع ٿيو آهي ۽ ڪنهن بہ مهذب سماج ۾ ختم نہ ٿيڻو آهي.

● خيام مٽيءَ جي ڪوزي ۾ انساني مٿو ڏٺو هو. مان هن کان گهٽ ديوانو نہ آهيان!

● ميان تون بہ ماڻهو آهين! تون ڇيڙهون تہ لڳين ٿو. ماڻهو نہ آهين!

● انسان ٿيءُ! سانَ تي جيئڻ جو تو چاهين؟ تونا چو تو هٽين؟

● تون پائين ٿو تہ تون موت کي وساري ڇڏيندين تہ موت بہ توکي وساري ڇڏيندو!

● تون هن جي موت تي نہ روئي رهيو آهين، پنهنجي موت تي روئي رهيو آهين، جو انت اچڻو آهي، اَٽ- تر آهي.

● اي انسان! اُن خدا اڳيان سجده ريز ٿيءُ جنهن هيءَ ساري ڪائنات ٺاهي آهي. تون تہ مريخ تي بہ نہ پهتو آهين جو ڪراٽ پنڌ تي آهي.

● تهذيب جي معنيٰ ڇا آهي؟ صارفين لاءِ گهٽي ۾ گهٽيون شيون، عارفين لاءِ ٿوري ۾ توريون شيون!

● خوشي اِهي تہ ڪنهن پرندي جو نالو هوندو هو. هاڻي درندي جو نالو آهي، جو هر ڪنهن جا هڏا چٻاڙي رهيو آهي.

● موت دونهين وانگر آهي جو منظر تہ ڏنڌلائي ٿو ڇڏي پر اُن تان مٿر بہ سڀ پڇي وڃن ٿا.

● هي ايئرڪنڊيشنر، ٽي وي، ڊش اينٽينا، ٽيليفون، سارو اليڪٽرانڪ- سرو سامان تون ڪڻ! مون کي سانوڻ جي جهڙ ڦڙ هيٺان واڻ واري ڪٽ موٽائي ڏي تہ پاڻيءَ جي ڇڻڪار ۾، رليءَ کان سوا، هير جي جهلڪي تي سمهي پوان!

● انسان کي تمدن ايئن وڪوڙيو آهي جيئن ارڙ نانگ ڪنهن کي وڪوڙيندو آهي ۽ هن کي سگهہ نہ هوندي آهي تہ اُن مان جان ڇڏائي سگهي!

● گانڌي ۽ ٽالسٽاءِ صحيح ها. هيءَ صنعتي تهذيب ساري جڪ آهي. من جي آنڊ مانڊ ۽ چين جي ڦرنٽ آهي!

● ڪتي جي واٽ ۾ هڏو وجهہ تہ هو ڀونڪي نہ سگهي.

● ميان، تون بہ اُٺ کي ڪَلفي ٿو کارائين! هي ڍڳهو بيوقوف تنهنجي

کهڙي ڪم ايندو؟

● هر ڪوئي جيڪو مُرلي وڄائيندو آهي، اُن تي گوپيون نہ مرڪبيون آهن.

● اڄ رات برسات پئي آهي. پورو آسمان هڪ نيري گل وانگر لڳي رهيو آهيُ جنهن تان ماڪ ڦڙا ڇُڪي رهيا آهن.

● ڇا ڪڏهن گلَ گلَ سان حسد ڪندو آهي؟ گلَ تہ هير ۾ ائين لڳندا آهن ڄڻ گڏجي ڪنهن قواليءَ تي ڪنڌ ڌوڻي رهيا آهن!

● شفق ۾ گلِ اشرفي تہ ڏس! ائين ٿو لڳي ڄڻ پيلو خدا جو رنگ آهي.

● رنگ! رنگ! رنگ! بيرنگي مان تنهنجا ڪهڙا رنگ ڏسان!

● ڏس! هي سمندر ڪنهن مصور جي دل وانگر ڇوليون هڻي رهيو آهي! هو ستارا ڪيئن نہ اڃرج مان اکيون ڇنڀي رهيا آهن!

● تون هوا جي جهوٽي وانگر اچي هلي ويئينءَ! هوا جي جهوٽي کان ڪير پُڇي سگهندو تہ هو ڇو هليو ويندو آهي؟

● تنهنجيءَ سونهن مون کان دانُ گهريو. مون اُن کي پنهنجي ننڊ ڏئي ڇڏي.

● منهنجي جادوگري ڏسندينءَ؟ هان، مان توکي شفق مان هي گل چني ٿو ڏيان!

● پيغمبر چوندا ها تہ شاعري ساحري آهي. ڀلا شفق کي سورج مکيءَ جو ڪيئن ساحري ئي تہ بنائي سگهندي آهي!

● وڄ! وڄ ڌرتيءَ سان وابستگي رکڻ وارا! آسمان سان وابستگي رک، جيڏانهن تون وڃڻو آهين. ڌرتيءَ ۾ تہ رکو تنهنجا هڏا وڃي رهندا!

● ڇا هيءَ ڪائنات خدا جو اوجهاڻ آهي يا خدا اُن جو اوجهاڻ آهي؟

● هي سرنگهوءَ جو وڻ جو ڪائنات جي ڪئنواس تي تخليق ڪيو ويو آهي، ان کان وڌيڪ توکي خدا جي وجود جو ڪهڙو ثبوت گهرجي؟

● آءَ مجاز جي پل ناهيون! حقيقت تہ درياهہ آهي، ان ۾ ٻڏي ويندين.

● اي خوبصورت اکين واري! ڪڏهن سوچيو اٿي تہ هرڻين کي موت تائين عينڪ نہ پائڻي پوندي آهي!

Gul Hayat Institute

- اي پياري عورت! مان تنهنجو ڪيستائين انتظار ڪيان؟ تولاءِ تڪيندي تہ صديون گذري ويون آهن!
- تقدير تير وانگر پوري نشاني تي پهچي ٿي. ڇا تون تير کي ٽِڪ ۾ موڙي سگهندين؟
- اي روسي ڍڳا! تو تہ ٿونا هڻڻ ڇڏي ڏنا پر هَر نہ ٿو ڪاهين! اڃا پيو ٻنيءَ تي ڪر ڪرڙين!
- پاڃاريءَ مان ڪنڊ ٿو ڪڍائين؟ ڏسجانءِ تہ ڪنڊ جي هڏي نہ ڦچي پوئي!
- ڪنڊ ائين ٿو ڏکيئي جيئن سَر اُتر واءَ ۾ ڏکندا آهن ۽ نيٺ ٽٽي پوندا آهن.
- شاعري مقصد بالذات آهي. ان لاءِ ٻيو ڪهڙو مقصد گهرجيئي؟
- منزل گاهہ ۾ وڃي گاهہ ٿو رهي، منزل گم ٿي وڃي ٿي!
- ڪنارا هڪڙا اچن ٿا، ٻيا وڃن ٿا. ندي وهندي ٿي رهي!
- هو تہ هليو ويو. اوهان روئو ڪنهن لاءِ ٿا؟
- پاڻ سان ايترو ڪڻ، جيترو ڪوهہ پيما ڪندو آهي. هر غير ضروري شيءِ تري وٽ ڇڏي ڏي!
- مان قطب نما آهيان. جيڪڏهن توکي منزل گهرجي تہ منهنجي پُٺ تان آءُ!
- ميان زلزلي ماپ جو اوزار زلزلو روڪي تہ نہ سگهندو آهي!
- انتظار کان موت سؤلو آهي.
- زندگيءَ جي ڊرامي جي آخري سين جيترو مختصر هجي اوترو بهتر.
- مهاتما ٻڌ! بيماري، ٻڍاپو، موت- واقعي انسان جون آخري حقيقتون تہ، اهي ئي آهن!
- ننڊ، ادب دشمن! هاڻي تہ هتي وڃ! مان لکي رهيو آهيان.
- ننڊ! مون کي زوريءَ اغوا ڪري رهي آهين. مونکي تو لاءِ وقت ڪٿي آهي؟
- وقت ڪئخسرو ۽ ڪئقباد اُڏائي ڇڏيا. تون تہ ردي ڪاغذ آهين!
- آءُ جي جامِ جم ۽ آئينہ سڪندر ۾ پاڻ ڏسڻ چاهين! منهنجو

Gul Hayat Institute

ڪتاب حاضر آهي!

● منهنجي ننڊ نہ ڦٽاءِ شاعري! مان ڪڏهن اهڙو سمهندو سانءِ جو وري نہ اٿندو سانءِ!

● ڳالهين جو ڳڪير آهين. پر ڪنهن ڳالهہ ۾ ڪوئي ڳڻ بہ اٿي؟ ڪنهن ڳالهہ جو ڪوئي ٻڻ بہ اٿي؟ رڳو گهڻ وانگر وقت کي کائي رهيو آهين!

● منهنجو هر لفظ هڪ کهاڻي آهي. ميان محقق! مون تولاءِ ڪافي مواد ڇڏيو آهي.

● منهنجيءَ شاعري کي ڏيان سان پڙهہ! اها اهو ميوو آهي جو آدم ۽ حوا جي اولاد کي بهشت موٽائي ڏنو آهي.

● نفرت سان نفرت ڪر ۽ محبت سان محبت ڪر تہ تو ۾ ماڻهپو اچي.

● ڪيڏو نہ ڏنڌلڪو آهي! هندو ڪش پهاڙ ڪش ٿي رهيو آهي!

● مان هڪ مداريءَ وانگر ٻوليءَ کي ڪلابازيون نہ ڏياريندو رهيو آهيان. اُن ۾ رڳو ڪلا آهي. ان کي ڌيان سان پڙهي ڏس!

● هيءَ سٽ مون چنڊ جي سونهري مس مان قلم ٻوڙي لکي آهي.

● هوَ آواز ڪيڏانهن سڏي رهيو آهي؟ جي توکي شاعري پياري آهي تہ توکي اوڏانهن وڃڻو آهي.

● خدا اُن کي چنڊ ۽ ستارا آسمان جي پنڌيءَ تي رکي ڏنا پوءِ بہ تنهنجي شاعريءَ کي ڊؤ نہ ٿيو!

Gul Hayat Institute

● تون ٿو چئين تقدير ڪائي شيءِ نہ آهي، مان اُن جو مجسم ثبوت آهيان. خدا ساريءَ ڪائنات جي دولت منهنجن پيرن ۾ ڦٽي ڪئي آهي.

● اي ڪاٽ ڪٽا! مَنهنجي شاعريءَ سان پنهنجا پَر مٽائيندين؟

● هُد هُد تنهنجيءَ قسمت ۾ ڪلنگي هئي، ڪويل جي قسمت ۾ گيت هيا. ان تي مان ڇا ٿو چئي سگهان!

● ايڏو نہ ٿڪاءِ. ياڻ کي ايڏو نہ نڪاءِ! سِتار جي تار کي ايڏو بہ نہ تاڻ جو اُها ٽني پوي!

● برف رجي وئي، مون وٽس جذبن جي حارج ڇڏيندي. اليا

امرن برگ وانگر چيو، ’نيٺ برف رجي وئي.‘

● مون کي خبر آهي تہ تون ناشتو ٽي ڪوڙ سان ڪندو آهين پر ان ۾ گهٽيون پليٽون هونديون آهن؟

● سڀ دَر بند ڪَر! جڏهن هوا خوشبو کڻي اچي، تڏهن کولجانءِ!

● وعدي فراموش! توکان ملاقات جو وعدو فراموش ٿي ويجي تہ چڱو! مون کي ڪجهہ وقت بچي پوندو.

● تاريخ ۾ جيترو عوام کي نڪيو ويو آهي، اوترو ڪنهن کي بہ نہ نڪيو ويو آهي.

● عوام ۽ قوام، پٺي هم قافيہ آهن. عوام جي ذهنيت ۽ قوام جي ڪيفيت ۾ ٿورو فرق آهي.

● هيءَ صدي رڳو بدي آهي اُن ۾ چڱي ڳالهہ تہ ڪا ڏِڏاءِ!

● سانَ وانگر تونا نہ هڻ! مٿان ڪاسائيءَ جي وَر چڙهي وڃين!

● هن ڪُت خلق مان مُڪت ڪر! باقي مان سمجهي وٺندس.

● ٿَر ۾ هڪ ڪاري ڪڪر پرسان چنڊ پيل جي گوڪروءَ وانگر لڳي رهيو هو.

● جي مڪاريءَ کان سوا ڪوئي مڪتبہءِ فڪر ناهي وٺين، تہ تون خدا جو منتخب انسان آهين.

● هئملين! آءُ تہ سوداءِ ورهايون. مان تہ هي سڀ اڪيلي سِر برداشت ڪري نہ ٿو سگهان!

● هي سڀ کان مٿي سالڙيا ڳاڙيا اچا سمجهي نہ سگهيا آهن تہ ايڪيهين صديءَ جا مسئلا ڪهڙا آهن!

● هي فون ڪال آهي، يا انت ڪال آهي؟ ڪيتري دير ڪئي اٿائين!

● گشي، نشي ۽ نشي وارا دوست پاسي رک! آهي تنهنجو اجايو وقت تا وڃائن.

● ٺَڪر سان ٺَڪرُ نہ هڻ، مٿو نہ ڦاٽي پوندئي!

● مان ڇاٽان تو تہ جبل مٿان جُج آهي پر جا اهو ڳچ پنڌ تي آهي؟

● اترڙو تو لڳي! پر ڪنهنجي لاءِ! آنءُ تہ سدا گلاب آهيان.

● دال مانــي کــاءُ! دنيـا جي منهن ۾ ڌوڙ وجهــ! هــوا کــان وڌيــڪ

Gul Hayat Institute

آزاد رهه!

- دنيا ڊونڊ تي طالب ڪُتي، - بلهي شاهه! هاڻي تہ دنيا جا طالب بگهڙ ٿي ويا آهن.
- پيرين اگهاڙو گهمين سگهين تہ ڌرتيءَ کي مُنهن ۾ جوتو نہ هڻ!
- ڪاڪ ڪوڙو طلسم تہ هئي! رڳو مينڌري کي ڊوڙائي ماريو هُئائين!
- اهڙي ڀي ڪا هار، جو هار تي چنيسر مٺائين؟
- موکي! جي تُنهنجي مَٽ ۾ سَپُ هو تہ متارا ڇو مارايئہ؟
- سهڻي! درياهہ ۾ ڇا لاءِ ٻڏينءَ؟ ڪير چُڪي تہ ڏم ٻہ پئي ڏنئہ!
- ڪُنڌا! ڇاٽي ٿو تہ تون ڇو سڪو آهين؟ سڀ ڊور- ڏٽي ڏوڪو هيا.
- سنڌي ڪلاسيڪي ادب ساڳي ماني ساڳ سان آهي.
- سهڻي! جي ڪَنگ ٿي تنهنجا ڪانڌي ٿيڻا ها تہ ڇا ميهار لاءِ ٻُڏڻ ضروري هو؟
- رانجهو! توکي جهنگ سيال ۾ مرڻو هو نہ تہ هير سان تنهنجو پلئہ نہ اٽڪي ها.
- ساليءَ لاءِ قحط سالي نہ ٿيندي آهي.
- فيض، نرودا، ناظم حڪمت! ڇگو جو اوهان يو ايس ايس آر جي ٽٽڻ کان اول مري ويئہ ۽ اوهان کي ايوتو شينڪو ۽ ووزنيسينسڪيءَ وانگر گلا جو گهانگهو پائڻو نہ پيو!
- لورڪا! اسپين ائين پئي هلندي. ڏاند کي ڇُڪاري، هُن جي سيني ۾ تلوار کوڙي ويندي. تون ڇا لاءِ مُئين، لورڪا!
- حافظ! شاخ نبات (حافظ جي محبوبا) پُجي رهي آهي تہ انهيءَ ديوان مان تنهنجي جان ڪڏهن ڇُنندي؟
- منصور جا ڪپڙ. پير ڇمي رهيو آهين! مُنهن لالئون لال ٿي ويو اٿي!
- مهدي جون پوري! ڇيچڙي ۾ هڪ ماٺهو ڪافي نہ آهي. شاهہ بلاول سان گڏ مون کي بہ ڇيچڙي وجهہ! ڪجهہ خون تہ پيڙجي نڪري!
- شاهہ عنايت! توکي خبر آهي تہ منهنجو سر گهڻا پيرا اڏيءَ تي ڏسو ٿا ٿئون؟

Gul Hayat Institute

- نور محمد ڪلهوڙا! تنهنجا پٽ تہ موتي آيا. مان اچا تائين نادر شاهہ وٽ يرغمال آهيان!
- مون کي ڪرڙيءَ جي ميدان ۾ مرڻو هو. مان ڪراچيءَ جو پيچي آيو آهيان!
- جي جوانيءَ ۾ مرندين تہ تنهنجو فوٽو ڪڏهن بہ پوڙهو نہ ٿيندو.
- توکي تہ خبر آهي تہ منهنجي هٿ ۾ لٺ نہ آهي، عصائي موسوي آهي جا درياءَ نيل بہ اڌ ڪري سگهندي آهي.
- اڙي امارو! آءٌ تہ هُن جي اکين لاءِ ڪائي تشبيهہ ڳڻجي سوچون! مون اکيلي کي تہ سوچ ۾ نہ ٿي اچي!
- غالب! تون شراب مان استعارا هٿ ڪرڻ لاءِ شراب پيئندو هئين يا تون سچ پچ شرابي هئين؟
- ڇا مان بہ سهرورديءَ وانگر واجب القتل آهيان؟
- حضرت نظام الدين اوليا! مان جڏهن تنهنجي درگاهہ تي آيو هوس تڏهن توکي مون ۾ امير خسرو نظر نہ آيو هو؟
- ملتان انڌو لهي يا سڄو لهي پر شيخ بهاءُالدين ذڪريا جي مزار کي ڏسڻ لاءِ اکيون ڪهرجن جي هر ڪنهن کي نہ آهن.
- حضرت مجدد الف ثاني! مان ڪيتري قدر تزڪِ جهانگيري تي اعتبار ڪري سگهان ٿو؟
- اڄ تہ ڪنڌڙيءَ تي ڏيئو جلائي اچون! جي روحل وسامي ويو تہ هيءَ ڌرتي وسامي ويندي.
- جگر مراد آبادي! تَلير! تو ڪيئن سمجهو تہ پنجاب ۾ تنهنجو قدر ٿيندو؟
- ڇا خدا ساريءَ ڪائنات لاءِ هڪ آهي يا تنهنجي ديس ۾ ٻيو آهي ۽ منهنجي ديس ۾ ٻيو آهي؟
- ڪنهن بہ ٻار جي مُنهن تي مُرڪ ڏِس! توکي ڪائنات رابيل جي گل وانگر ٽڙندي نظر ايندي!
- ٻلي تہ هو هٿ ۾ منيءَ جو رانديڪو ڏسي مُرڪي! ٻار جي مُرڪ ڪائنات جو سرمايو آهي.

Gul Hayat Institute

- جي ٻاراءِ گل نہ مڃن ها، تہ ھن ڪائنات جي تخليق بي معنيٰ ھئي.
- ڇا ھر رھزن ڪنھن وقت ٻار ھو ۽ ٻينيوريون پڪڙيندو ھو؟
- ڀتائيءَ ڪيئي سال مونن ۾ مُنھن وجھي، ڇا ٿي ڏٺو؟
- چِسا سَسا! تون آيو آھين مون کي پوپٽيون پڙھائڻ! جڻ مان تنھنجي اندر جي آرسي ڏسي نہ ٿو سگھان جا ڀڃي پورا ٿي پئي آھي!
- ڪيڏي ڳياڙي ٿو ھڻين؟ ڪياڙي ڪنھڻ جي فرصت بہ نہ ٿي ملئي!
- ڪوڙ! ڪوڙ! ڪُوڙ! تون سارو ڪُوڙ! ۽ تنھنجي ڪُوڙ کي سچ جو ذريعو سمجھڻ سپ ڪان وڏو ڪُوڙ!
- ڳوٺيون نوٽن جون ٿي پريائين جي اڃا سبي بہ نہ سگھيو ھو تہ موت مٿائنس اچي ڪڙڪيو ۽ سندس لاش قبر ۾ لنبي چڏيائين!
- جي تون منھنجي دشمن جو بہ دوست آھين، تہ منھنجو دوست ڪيئن ٿي سگھندين؟

ھي مُرڪ ۾ کھڙو چُرو لڪايو ٿو ڦرين؟

تون جو ناشتو ئي ڪوڙ سان ڪندو آھين، ڪڏھن تو منھنجا خومچا آزمايا آھن، جن جي لذت اوڙ آھي ۽ جن مان ڪنھنجو بہ ڊاڪٽون ھٽائيندين تہ توکي سچ سوا ڪجھ نہ ملندو!

- ڪوڙ فقط انسان ڳالھائيندو آھي، ٻي ڪنھن بہ حيوان جي ڪردار ۽ گفتار ۾ ڪوڙ نہ ھوندو آھي.
- لومڙ جي اولاد! شينھن سان مشق ڪري رھيو آھين؟
- سائيبيريا مان پکي ھر سال ڪيئن ٿا دگ ڳولي لھن، اھو ڇئي سگھندين؟
- ڪنٺيءَ ٽي ڪَنّ ڪيئن ٿي ملي، تون اھو نہ سمجھي سگھيو آھين، تون خدا جي حقيقت کي سمجھڻ ٿو چاھين؟
- تو چيو: "خدا وٽ ... آھي، اندر نہ آھي."

مون جواب ڏنو: "تو خدا جو ... ڏٺو ئي ڪٿي آھي؟ اھو تہ پھاڙ ٻني ڦٽي ڪندو آھي."

- ... ماڪوڙي ڪوھ ... از کي قاضي

Gul Hayat Institute

ڦاڏن ڪان گهڻو عقل هو.

● شاهه لطيف ترقي پسند هو؟ هُن پرولتاري انقلاب ٿي آندو؟ ميان، يا تہ تون چريو آهين، يا مان چريو آهيان!

● تون هڪ درويش جي خرقي مان دستر خوان جو ڪم ٿو وٺين! شاهه جي شاعريءَ کي پنهنجيءَ سياست لاءِ استعمال نہ ڪرين تہ بهتر ٿيندو!

● پاڻو، راڄي پاڄي ٿيڻ سؤلو آهي، پاڄي راڄي ڪرڻ ڏکيو آهي!

● ڇا خدا کي طيش ايندو آهي؟ جي هائو، تہ ٻي طوفان نوح لاءِ وقت ويجهو آهي.

● ٻچرا ڪولي ڇڏ! ڇڏ تہ پکي هير جي هندوري ۾ جهولي!

● خدا رڳِ گردن کان ويجهو آهي پر اي علمِ بدن جا ماهر، اها ڳالهہ تنهنجيءَ سمجهہ کان مٿي آهي!

● اي آزادي! مون تہ طوطي جي ڪنٺي کي بہ غلاميءَ جو طوق سمجهيو آهي!

● هر ڪوئي آزاد ڄايو آهيءِ موت هن کي زندگيءَ جي غلاميءَ مان آزاد ڪيو آهي جو تہ زندگيءَ هن کي پرايو نہ تہ پنهنجو غلام بڻايو آهي.

● پِٽَ ڪپار ۾ ڪير وانگر لڳندي آهي.

● ٻي ڪري تهڪ ٿو ڏين يا تقدير کي ڇهڪ ٿو ڏين، جا ڪڏهن ڪاوڙجي، تنهنجا تارا ڪيي وجهندي!

● نادر بہ نادر آهي پر قادر بہ قادر آهي، پر جيستائين قادر تحرڪ ۾ اچي، پادر بہ پادر آهي!

● تو ڪروبي ڏٺا آهن؟ آءُ هيءَ منهنجي ننڍڙي ڌوهٽي ڏس!

● تولاءِ تہ دروغ ڪوئي ذريعو بہ ناهي، مقصد بالذات آهي.

● اياڳو! ڇا تون آٿيلو کي سمجهي سگهيو آهين؟

● مان مڃان ٿو تہ برائيءَ تولاءِ چڱائي ٿي سگهندي آهي، پر ڪيستائين؟

● تون تہ ائين ٿو لڳين ڄڻ تون ڪراماً ڪاتبين کي بہ ٺڳي ويندين ءِ هُو تنهنجي ڪوڙ کي سچ لکندا!

● خدا جي اسرار کي ڇو ٿو ڄاڻڻ چاهين؟ خدا کي اُن سان همٿ

ڇَراند نہ وٺندي آهي ڏسجانءِ، مٿان اُهو توکي نيست و نابود ڪري ڇڏي!

● خدا توکي ڏکهي رسي ڏني آهي! ڪنهن وقت پاڻ ٿي چوندءِ تہ اُن کي ڪپ ۽ تون پاڻ کي ائين ڪرڻ تي بيوس پائيندين!

● تون منهنجي ڪٿي تو پُڏين! ڏوڪ ڏوڪان ۾ آهين!

پر اِڪتي تہ ڪاهي آهي، اونهي ڪڏ. جنهنجو ڪوئي ترو نہ آهي ۽ جنهن ۾ ڪري ڪوئي ٻاهر نہ نڪتو آهي.

● منهنجو رنج تو ڪٿين، مان جو نانگا پربت کان ڳرو آهيان ۽ تون هنومان بہ نہ آهين!

● رات هڪ ازلي شيديءَ وانگر ساريءَ ڪائنات کي پنهنجي مُگر مان تي نچائي رهي هُئي!

● وچ! مان توکي دعا تو ڪيان! تنهنجا پير ڌسي نانگ پر ۾ لڪي ويندو!

● ماءُ جي دُعا ڪٿ ۽ ڪٿ تي ويهہ! تون پَٽ تي ڪڏهن بہ نہ ڪرندين!

● ماءُ بي بي مريم آهي، پُٽ کان مٿانهين آهي، پوءِ هن جو پُٽ پيغمبر ٿي جو نہ هجي!

● ماءُ جي پيرن هيٺان بهشت آهي، اِترو هيٺ، جيترو ڌرتي آسمان کان هيٺ آهي.

● ماءُ جا پير چُم، اُهي توکي وري نہ ملندا!

هن جي خاڪ تي روئيندين تہ ڇا ٿيندو؟

● سڪندر ماءُ کي چيو، "امان، هي ساريون سلطنتون تنهنجي پيرن جي خاڪ برابر نہ آهن!"

● ماءُ جي تخليق هر آرٽسٽ جي تخليق کان عظيم تر آهي.

● تو جيئري هن جو خيال نہ ڪيو! وچ، ماءُ جي قبر تي روءُ!

پنهنجون اکيون ائين اوت جو انهن ۾ هڪ لڙڪ نہ بچي!

● جڏهن خدا ڪائنات جي هڪ جهڙائي ڏسي پر تي پيو، تڏهن هُن ماءُ خلقي.

● ماءُ جي آغوش جهڙي عالم پناهہ ڪائي نہ آهي!

Gul Hayat Institute

● انسان جي دل خدا جو تار- گهر آهي، ان مان هر مدعا تار وانگر وجي ٿي ۽ منزل مقصود تي پهچي ٿي.

● تو مون کي منهنجي چوٽي ياد ڏياري جا مون به ڪٿي پڙهي هئي تہ. 'پهاڙ جون چوٽيون ٿي هڪ ٻئي کي ڏسنديون آهن.' ان تي مون جواب ڏنو. 'تڏهن بہ ايوريسٽ ۽ اٽاپورنا برابر تہ نہ هونديون آهن.

● ڪاوڙ ۾ ڪو وَڙ نہ آهي. ڪاوڙ ڪوراڙ وانگر ونگيندي بہ آهي. ڏنگيندي بہ آهي.

● ڏوڪڙ کي ڪُڙ نہ ٿيندي آهي، توکي ڇولين ۾ ڇُلائيندا ويندا.

● هر انسان ٻئي کي فاني ٿو سمجهي. پاڻ کي فاني نہ ٿو سمجهي.

● زندگيءَ سان مذاق تہ هر ڪوئي ڪري سگهندو آهي. ڪڙو جر ڪوئي موت سان مذاق ڪري ڏيکاري.

● تو حُب الوطنيءَ جو جُرم ڪيو آهي، مان توکي جنم ٽيپ ٿو ڏيان.

● قدرت مون کي زندگي ڏني، مون تي احسان ڪيو آهي، يا مون قدرت کي شاعري ڏني، ان تي احسان ڪيو آهي ۽ ان جو فيصلو تہ سياڻو ڪندو جڏهن آءٌ نہ هوندس.

● تون ڇا ٿو سمجهين تہ جنهن شاعريءَ جي تخليق ۾ مون سٺ ورهيہ صرف ڪيا آهن، اُن تي تحقيق ۾ توکي اوترا ورهيہ بہ نہ لڳندا؟ تون ڇا ٿو سمجهين تہ رسالا پڙهي، اُن تائين رسائي حاصل ڪري سگهندين؟

● جنهن وقت بہ ڪوئي انقلاب انسان دشمن ثابت ٿئي ٿو، تنهن وقت منهنجو ڪردار انقلاب دشمن آهي ۽ ٿيڻ بہ گهرجي.

● جي تون بہ انقلابي آهين تہ انقلاب ۾ ڪا بُرائي ضرور آهي.

● تاڙي ٻہ هٿي هلندي آهي. مان تہ هڪ هٿ سان ٻجو بہ ورلي ڏئي سگهندو آهيان!

● ڇا اڳي ڪائي اهڙي صدي ٿي آهي جو ڪُتو ڀؤنڪيو نہ آهي؟

● اکين ڀُوت! تون سچ سان اکيون ملائي سگهندين؟

● مون توسان چڱائي ڪئي، موٽ ۾ تو بُرائي ڏني. ٻئي پنهنجيءَ پنهنجيءَ فطرت کان مجبور آهيون!

Gul Hayat Institute

● انقلاب جي مذهب ۾ دروغ گوئي گناهه نه آهي.

● ڇا ڪُتي کي به عقل هوڙ نڪرندي آهي؟

● تون مون کي گار ڏئي سگهين ٿو، مان توکي گار ڪري سگهان ٿو.

● منهنجيءَ چُپ مان ائين نه سمجهه ته مان لاجواب ٿي ويو آهيان. مان گفتار جو عادي آهيان. پڙنڪار جو نه!

● يا خدا! مون کي صبر ايوب ڏي! هو فالج زده ڪُتو به مون تي ڀؤنڪڻ لڳو آهي.

● هر ماڻهوءَ کي پاڻ سمجهه! ساري سنسار سان رشتو پيدا ڪر. ماڻهو ته ڇا هر وَڻ جي ٿُنڊ سان پاڪر پاءِ ان جون ٽاريون ڳلي لاءِ اهو به تنهنجو پاڻ آهي.

● مٽيءَ جي عزت ڪر! مٽي ابدي ماءُ آهي، آخر انهيءَ جي گود توکي ڪم ايندي.

● پاڙي ڪان وَنءُ نه وڃ! پاڙو ابو امڙ آهي. پاڙي ڪان پنڌ شروع ڪر، سنسار جي توڙ تي پهچي وڃ!

● تون ننڊ ۾ ڪجهه چوين ٿو، مان جاڳي ٿو پوان ته جيئن اهو لکي ڇڏيان. ڪجهه ياد اچي ٿو، ڪجهه وسري وڃي ٿو.

● جبريل ترنم ڇهڪا- جوش مليح آباديءَ جو هڪ استعارو آهي. نقاد اُن کي لفاظي ٿا سمجهن. مون کي ته اهو حقيقت ٿو لڳي.

● شاعري ابتدا آهي، نثر انتها آهي. بشرطيڪ نثر پنيان شاعريءَ وارو جذبو ڪار فرما هجي.

رسول اڪرم ﷺ ٽيهٺ ورهين جي عمر ۾ گذاري ويو. بزرگي انهيءَ عمر تي ختم ٿي. باقي درازيءَ عمر آهي.

● جي خدا تنهنجو ساٿي آهي ته توکي ٻي ڪهڙي ساٿيءَ جي ضرورت آهي؟

● بيت آيت سان پنجو آزمايو آهي. ڏس. ڪجهه ڏوڏا ٽڙڪي رهيا آهن!

● اي وڏن وارن واري! ڪاش تنهنجا وار منهنجيءَ چمار کان به وڏا ٿين. ۽ منهنجي ٻوئين دم تائين تنهنجا دام وچابل رهن!

Gul Hayat Institute

● تون ڇئي سگهندين تہ تنهنجا سڀ سياست دان پيٽائيءَ ۽ داتا گنج بخش تي پڙ ڇو ٽا چاڙهن! سڪندر مرزا ۽ ايوب خان تي ڇو نہ ٽا چاڙهن!

● "نصيب در تي بيٺو آهي!"

"ڇئينس تہ ڪجهہ وقت رکي اچي، مان لکي رهيو آهيان."

● "تقدير ڪي لتاڙي رهيو آهين!"

"پلئہ ٿو ڪَيانس."

● هڪ دشمن تنهنجي اندر ۾ بہ آهي. اُن سان ويڙهہ جاري رک! تنهنجا ٻيا دشمن تہ موت ماري ڇڏيندو، ان کي فقط تون ماري ٿو سگهين!

● لينن جو ميوزم بند ڪري تاريخ سان مذاق نہ ڪيو ويو آهي، مذاق جي تاريخ مڪمل ڪئي وئي آهي.

● اي فرانس! تنهنجي اندو چائنا ۾ شڪست ميري انٽونيٽ جي رت جي هڪ بہ ڦڙيءَ جو بدلو نہ چُڪايو آهي. اجا تہ ترس! اجا پورو انصاف ڪٿي ٿيو آهي!

● "ميان! تنهنجو ڳوٺ ڪهڙو آهي؟"

"پريان لوءِ."

"پوءِ تہ ساري ڪائنات تنهنجو ڳوٺ آهي!"

● "تون موري جي آهين؟"

"هائو."

"تڏهن تہ لوڪ گيت وانگر سڀ جي آهين!"

● منهنجون اکيون چشمي وانگر تنهنجو آئينو آهن، تون جا اُنهن ۾ چنڊ جي پاڇي وانگر آهين."

● ڇا تون ڄاڻين ٿي تہ منهنجي در تي تون پنهنجون بہ اکيون ڇڏي وئي آهين؟

● هي ساري ڪائنات مون کي تنهنجين اکين وانگر گهوري رهي آهي.

● مون کي نہ وڃڻو هو. مان موت کي ڏکي تنهنجي ملاقات لاءِ ترسي پيس، تون ڪيڏانهن هلي وئين؟

● گوربي! ڇا تون آمريڪا جو ايجنٽ هئين؟ ايڏيءَ وڏي سلطنت جو سربراهہ ڪنهن جو ايجنٽ ڪيئن ٿو ٿي سگهي! تو وٽ ڇا جي ڪمي هئي،

Gul Hayat Institute

روح جي چٽن ڪان سواءِ!

● انصاف وڪٽين ٿو؟ خدا جي امانت ۾ خيانت ڪرين ٿو؟

● ايترا نوٽ ڇا ڪندين؟ ڪراماً ڪاتبين ڳڻتي ڪجي پونداءِ تنهنجي حساب ڪتاب ۾ دير ٿي ويندي.

● ميان. خالي هٿين سفر ڪيڏو نه ستائو آهي؟ رستي تي ڪيڏي نه اڪي سوا نند اچي وڃي ٿي!

● ڪيڏانهن ويا سومنات جا هيرا؟ ڪيڏانهن ويو محمود غزنوي؟ ڪجهه هت ڪي جهل! ڪجهه پاڻ ڪي پل!

● آءِ. منهنجو قانين پاسي ڪري ڏس! جيڪي ڪٽنو اٿي، ڪٽ!

● پيسي هن کي سقراط بڻائي ڇڏيو هو. هاتي پيسو ويو ته هو سڪرات ۾ آهي!

● جتي انصاف صاف نه آهي. اتي ڪجهه به صاف نه رهندو.

● نياءَ جي تارازيءَ ۾ ڪاڻ نه وجهه! نياءُ انڌو نه ٿي سگهي ٿو. ڪاڻو نه ٿو ٿي سگهي.

● نياءَ تي ٽڪو نه لاءِ! نياءُ سڪي تي نه مناءِ. ڇاهي اهو سونو ڇو نه هجي!

● هو چوي ٿو ته. "مان سياسي ماڻهو آهيان." مان چوان ٿو ته "پهرين ان ڳالهه تي اچون ته تون ماڻهو آهين يا نه. پوءِ ان تي اچون ته تون سياسي ماڻهو آهين يا نه!"

● ميان ايڏو ضرور! مٿي تي قطب مينار کڻي ٿو هلين!

● ماڻهوءَ کان نه بچي وئين. خدا کان ڪيستائين بچندين؟

● جيستائين مون سان تنهنجي نيت سچي هئي. تنهنجو وار ونگو نه ٿيو. جڏهن اها ڦري تنهنجا ڏينهن ڏنگا ٿيا.

● ايفل ٽاور وانگر نه ٿيءُ! تو جهڙن ماڻهن ڪي پئسٽائيل ۾ وجهندا آهن.

● "ڳوٺ ڪهڙو اٿئي؟"

"مُلا ڪاتيار."

"مُلا ڪاتيار ۽ ملاقات يار ۾ ڪيڏو نه فرق آهي؟"

Gul Hayat Institute

● مون کي طعنا ڏيڻ وارا! دستر خوان کشادو رک! ائين نہ ٿئي تہ مون کان اڳ موت اچي تنهنجو مهمان ٿئي!

● اکين پوٽ نہ ٿيءُ! ائين نہ ٿئي تہ تُنهنجون اکيون سدائين لاءِ پوٽجي وڃن!

● ماٺوءَ جو وڏي ۾ وڏو ادرش ماٺو آهي.

● هاٿي تہ مٽي جا وار وڏيڪ اچا ٿي ويا اٿي، ڪير نانگن وانگر!

● پلئہ ٿي ڪرين! افسوس. مون تہ تولاءِ سڄي ڪائنات جهوليءَ ۾ جهلي هُئي!

● پراڻا يار پُراڻي مڌ وانگر وڻن ٿا. اها پي ڳالهہ آهي تہ موڪيءَ جي ڪنهن ڪنهن مَٽ جي وِهہ وهاڻي ٿي چڙي!

● هي تنهنجا ئي هٿ تہ آهن جي منهنجي بنسريءَ تي رکيا آهن.

● آپو ڪڏي چڏ تہ پوڙهاپو پاڻ ئي ختم ٿي ويندو.

● ماءُ ماءُ ٿيندي آهي، پوءِ اها ڪنهنجي بہ ماءُ هجي! هُن جي پيرن تي هٿ رک!

ڀيڻ ڀيڻ ٿيندي آهي، پوءِ اها ڪنهنجي بہ ڀيڻ هجي!
هُن جي مٿي تي هٿ رک!
ديس ديس ٿيندو آهي، پوءِ اهو ڪنهنجو بہ ديس هُجي!
اُن جي مٽيءَ ۽ پاڻيءَ کي خدا ٿاهيندو آهي. پوءِ اهو ڪنهنجو بہ خدا جو نہ هجي.

پيار پيار ٿيندو آهي. دين مذاهب ان سان ٻجي نہ ٿا سگهن. اُن جي جاءِ اوچي ۾ اوچي آسمان تي آهي. پيار جو بندو ٿيءُ! پاڻ تان سڀ بند لاهي ڇڏ!

● رباب تي پيري نہ ايندي آهي.

● اي عورت! تنهنجي پيار ۾ موتئي جي خوشبو آهي. اُن جو کهڙو ڪٿت تہ اها ڪيتري دير هلي.
خوشبو گُل جي شاعري آهي.

● منهنجي موت کان پوءِ تنهنجي صحن ۾ ڪوئي گلاب جو گل ڪڙي تہ ائين سمجهجانءِ تہ مان توڏي موٽي آيو آهيان.

Gul Hayat Institute

● شاعر! توکي غصي لاءِ وقت بہ آهي ڇا؟

● ميان! شراب جو جام اڳيئي ڇلڪي رهيو آهي. اُن ۾ جاءِ ڪٿي آهي تہ وڌيڪ وِهہ وجهين؟

● وڃ، مون توکي معاف ڪيو. ڪنهنجي ڪري، اهو توکي ڇا ٻڌايان!

● تو مهمان سَراءِ کي پيءُ جي اوطاق سمجهيو آهي! لتا چِندي، هَلندو ٿيءُ!

● مان توکي ڳڙڪپيتي جي مَتَ بہ نہ ٿو ڀانيان ۽ تون سمجهين ٿو تہ تون سارو رستو روشن ڪري سگهين ٿو!

● ميان موت جو مهمان تہ تون آهين. مون وٽ تہ اڃا هن جو دعوت نامون ئي نہ پهتو آهي.

● 'رات ڏٺائين روجهہ، ڀانءِ ڪ اوٺي آئيا.' (ڀٽائي)

ڇا روجهہ اوٺي ٿي سگهن ٿا؟ ڇا ڀٽائي دنيا جو پهريون سرئيلسٽ شاعر هو؟

● شاعر آهين؟ اکين ۾ آگر اٿئي؟ روجهہ اڳيئي اُجابل آهن.

● آءُ. ٻوريءَ انسان ذات جي پاران ڳوڙها ڳاڙ! صليب تنهنجي انتظار ۾ آهي.

● ڌهر ۾ ڏيئا ٽم ٽم ڪري رهيا آهن، واريءَ تي آسمان لهي آيو آهي.

● ميان! غيب ۾ ڪوئي عيب تہ نہ آهي؟ جو اهو تنهنجي سات هجي، تہ ڪهڙو هرج آهي؟

● سرءُ جي سانجهي بهار جي باک کان وڌيڪ خوبصورت ٿيندي آهي. پيلا پَن ساون پنن کان وڌيڪ من لڀائيندا آهن.

● اي عمر! شهر زاد وانگر ٿيءُ! هر رات نئين ڪهاڻيءَ جو اضافو ڪندي رهہ!

● تلوار کي اکيون نہ ٿينديون آهن. اها پنهنجو پرائو نہ ڏسندي آهي.

● 'راتڙيون جاڳڻ جي، سي آنءُ ڪندڙي سيڻ' - ڀٽائي! مون کان وڌيڪ شاعريءَ لاءِ راتيون ڪير جاڳيو هوندو؟

Gul Hayat Institute

● نظرئي لاءِ نظر شرط اول آهي.

● ڇا سوريءَ تي ٽنهنجا پير ايترا تڏا ٿي ويندا، جو منهنجا چپ انهن کي چمي ڏيندي گهبرائيندا؟

● ننڍي ڪويل! ٽنهنجي ڳلي ۾ به ساڳيو ئي گيت آهي، جهڙو وڏيءَ ڪويل جي ڳلي ۾. ان ڪري تنهنجن پَرن تي هٿ ڦيريندي مون کي تو ۾ ۽ هُن ۾ فرق محسوس نه ٿيو آهي.

● هي جنگ جو نغارو فرشتن جا ڪن ڦاڙي ڇڏيندو هوندو!

● قلندر جي ڌمال تي نچون يا قلندر جي ڌمال ۾ نچون؟

● هوءَ رابعه بصريءَ وانگر آهي ۽ جڏهن هن جي سهيلي هن سان گڏ هوندي آهي ته هوءَ سچو قلندر لڳندي آهي.

● اي عورت! تنهنجي پيار ۾ موتئي جي خوشبو آهي. ان جو ڪهڙو ڪٿت آهي ته اها ڪيترو وقت هلي!

● منهنجي موت کان پوءِ، هر ڪويل کي غور سان ڏسجانءِ! متان اها منهنجو نئون جنم هجي!

● هر گُل شاعر آهي. اها ٻي ڳالهه آهي ته تون اُن جا گيت ٻڌي نه ٿو سگهين.

● هر پن قدرت جي رُباعي، مخمس يا مُسدس آهي. وڻن ۾ نظم معرا نه ٿيندو آهي. ها، هوا آزاد نظم وانگر گهُلندي آهي. ان تي پابندي اَچائي آهي.

● منهنجي شاعري تهجد کان اڳ شروع ٿيندي آهي.

● مون کي سڀ کان وڏو قطب قطب تارو لڳندو آهي.

● تو ڪڏهن ميري ماجدلين صليب تي ڏٺي آهي؟ ڪڏهن هُن لاءِ يسوع کي روئيندو ڏٺو آهي؟

● ميان، ناموس لاءِ ايترو چتو به نه ٿيءُ! ناموس به فانوس وانگر ٻَري ٻَري وسامي ويندو آهي.

● وڃ ڙي وڃ! مون کي تو دنيا جي حقيقت سمجهائين! ڇا دنيا جي به ڪا حقيقت آهي!

● نئين نازي ازم جا جرمنيءَ ۾ هٽلر واري نازي ازم کي اُياري سگهي

Gul Hayat Institute

ٿي؟ توکي به ساڳيءَ طرح اميد آهي ته پاڪستان ۾ مارڪسزم ڪڏهن اُيري ايندي!

● ميان 'ارورا ڪروزر' تان باليشيوڪ جهنڊو هٽايو ويو آهي. اُهو فقط تنهنجي روح ۾ ڦڙ ڦڙائي رهيو آهي ۽ توکان فيض جي پيغمبرانه سٽ وسري وئي آهي.

اب يہاں کوئی نہیں، کوئی نہیں آئے گا.

● دل چوي ٿي ته ناظم حڪمت تي ايترو روئان جو ڊئنيوب ندي ڀرجي، ڇَلڪي پئي!

● اي ڪميونزم جا مهدي آخر زمان! تون ڪڏهن ٿو اچين؟ هي ويچارا ڪامريڊ تنهنجي انتظار ۾ وينا آهن.

● ائين نه آهي ته مان مايوسي ٿو ڦهلايان. مان اجائي آس جو مُنهِ کان ويري رهيو آهيان.

● ڇهڙ تنهنجي فطرت آهي ۽ رهڙ جو مان عادي نه آهيان.

● حسن بن صباح جي بهشت ۽ ڪميونزم ۾ مون کي ڪوئي فرق نظر نه ٿو اچي.

● راسپيوٽين! گورٻيچوف تو درويش جو پلئُه ڪيو آهي.

● وڻ جي چوٽيءَ تي نه ويهه ته چاڙهاڪي جي شڪار ۾ نه ماريو وڃين!

● سچ اُيار جي آس ڪندي. هُن جا وار اڇا ٿي ويا آهن.

● منهنجو انسان مان اعتبار ڪيڻ وارا! ڪيترا نه انسان دوستيءَ تي وعظ ڪري رهيو آهين!

Gul Hayat Institute

● تون مون کان نفرت ان لاءِ ٿو ڪرين جو توکي محسوس ٿيو آهي ته هي مون کي سمجهي ويو آهي. رڳو ڪنهن سبب ڪري مُنهن تي سچ نه ٿو چوي!

● هن چيو. "جو اندر جي ڪارن تي پنا ڪارا ڪري رهيو آهين؟"
مون هن کي جواب ڏنو. "هن جو منهن ته ڪارو ڪري نه ٿو سگهان. رڳو پنائي ڪارا ڪري ٿو سگهان!"

● [illegible] منهنجو وڏي ۾ وڏو نقصان ڪيو آهي. منهنجو انسان ذات

مان اعتبار ڪڍي وڌو اٿئي!

- تو جهڙي مُرڪ سچي ٿي نہ ٿي سگهي.
- هاڻي آدرشي جيستائين رِشي نہ آهي، هُن مان ويساهہ ڪچي ويو آهي.
- قيامت فقط مڪافات عمل جو علامتي نالو آهي.
- هُن کي سزا ڏيندي پاڻ اهڙو ڏوهہ نہ ڪر جو هُن ڪيو آهي.
- ڏاهو ۽ ڦاهو، لفظ هم قافيہ ڇو آهن؟
- "ہوهو ہارڻ"، انقلابيءَ جو پراڻو ڏنڊو آهي.
- دوستي هڪ ذاتي قدر آهي ۽ هر نظرياتي قدر کان مٿي آهي.
- بي مقصد حياتيءَ کان بامقصد موت چڱو آهي.
- مقصد لاءِ مرڻ وارا! پهريون اهو تہ طئي ڪر تہ زندگيءَ جو مقصد ڪهڙو آهي!
- اسلامي بنياد پرست! تو سنڌ ۾ "بغداد تي ويو" محاورو ٻڌو آهي؟
- ميان، ويهين صدي اڇي پوري ٿي آهي، تون ان جي شروعات ۾ تو رهين، جڻ اڃا ٽراٽسڪي سماڻيءَ ۾ تقرير ڪري رهيو آهي!
- عوام ايئن ٻڙ ٻڙ يا، بي چتا ۽ ڪنور هاڻي ٿيا يا اهي شروع کان آهن؟ ڇو تو پٽرس ڪميون دهرائڻ چاهين؟
- پو ڊاوا! پٽسي توکي مٿي جي آڦري ڏئي ڇڏي آهي.
- فنگ لزي، جي مان تنهنجي جاءِ تي هجان ها تہ بيجنگ ۾ ائين ئي ڪيان ها جيئن تو ڪيو آهي.
- مائوزي تنگ! قاتل! انقلاب جي ڪهڙي قتل تي پردو وجهي، ڪهڙي تي وجهندين؟
- ناديزدا! اسپ ميندانستام جي خون جو حساب ڪهڙي کاتي ۾ وڌو ويندو؟ بس، اهوئي ڪيو اٿائون نہ تہ هُن جي شاعريءَ تان بندش لاٿي اٿائون!
- اليا اهرن برگ اسٽالن توکي ڪنهن ڳالهہ جي ڪري ڇڏي ڏنو يا تو هُن کي بيوقوف بڻائي وڌين؟
- ميان! هلڻ هارن سان چڱو هل! اهي اِڪتي وري توکي ملن ...

Gul Hayat Institute

ڪيئن چئجي، مٿان تنهنجي راهہ ۾ هجي!

● چري! دل ڇو ٽوڙيءِ؟ اها تہ تنهنجو آئينو هئي جنهن ۾ تون پاڻ کي ڏسندي هئينءَ!

● مسافر! سوچي لنگهہ! هن سراءِ جو پويون دروازو کھڙي وقت بہ کُلي سگھي ٿو. ان کان ٻاهر گهٽيءَ ۾ ڇا آهي، اهو ڪوئي بہ نہ ٿو ڄاڻي!

● زندگيءَ جي ڪتاب تي موت مُهر وانگر آهي، تون اها مهر ڦٽڪي هڻين يا ڇٽي هڻين، اها ڳالهہ توتي منحصر آهي.

● زندگي هڪ قلعو آهي. بهتر ٿيندو تہ ان کي چوڏاري عشق جي اوچي ديوار ڏين ۽ ڪافي وقت لاءِ موت جو مقابلو ڪري سگھين

پر اهو نہ وسار تہ موت جو ڪمند ان جي ڪنگري تي ڪنهن وقت بہ اچي اٽڪي!

● مان زندگيءَ جو شاعر آهيان ۽ اُن جي هر گل کي محبوبہ جي رخسار وانگر ڏٺو اٿم. موت جو ذڪر ڪري، مان تو ۾ ڪائي مايوسي پيدا ڪرڻ نہ ٿو چاهيان. رڳو توکي چوڪس رکڻ ٿو چاهيان تہ جنهن وقت بہ ڪوچ جو نقارو وڄي، تنهن وقت تون تيار هجين ۽ تنهنجو هڪ پير اڳيئي رڪاب ۾ هجي!

● زندگيءَ جي ديوار ۾ سوراخ ڪري، ڪنهن بہ ان جي ٻئي پار نہ ڏٺو آهي!

● مومن جي وڏي ۾ وڏي نشاني اها آهي تہ هو هڪ پل لاءِ بہ موت کي فراموش نہ ڪندو آهي. اهڙي فراموشيءَ لاءِ زندگيءَ سان محبت ڇڏڻ ضروري نہ آهي. دراصل موت جي اها يادگيري تہ اهو ڪنهن وقت بہ اچڻو آهي، زندگيءَ سان محبت کي وڌائي ٿي.

● زندگيءَ جي ڳنڍ ڪچي ڌاڳي وانگر رک! جيئن اها ٽٽي تہ افسوس نہ ٿئي!

● موت کان ڊڄ نہ! موت سان محبت بہ نہ ڪر! پر جي ان کان نفرت کي پاسي رکي سگھين تہ تولاءِ چڱو آهي.

● زندگيءَ سان پيار؟ ڏاڍو چڱو! پر اهڙيءَ طرح جو ان کي ڇڏيندي توکي اک ۾ ڳوڙهو نہ اچي!

Gul Hayat Institute

● هو لکاپتي هو پر سکر ۾ هن کي ”ٽگڙي شاهه“ کوٺيندا ها! کهڙو نه بامعنيٰ نالو آهي. سکر بئريج ڏانهن ويندي توکي هُن جو مکان نظر ايندو. ويران لڳو پيو آهي ۽ ڪائي ٽگڙي به ڳولي نه ٿي لڀي.

● سراءِ وارو حيران آهي ته تون زندگيءَ جي خالي تيل صراحيءَ کي حسرت سان ڇو ڏسي رهيو آهين! اها ته هن جي ملڪيت آهي!

● هر فرعون لاءِ وقت دريا: نيل آهي.

● ڇا موت کان پوءِ توکي شاعريءَ لاءِ وجهه ملندو؟ پر موت خود به ته شاعري آهي ۽ هُو هر انسان کي هر- قافيه بڻائي ٿو ڇڏي ۽ ساڳي رديف ڏئي ٿو.

● بحر طويل ۾ هجي يا بحر خفيف ۾. پر ٻنهي صورتن ۾ زندگي مُترنم هجڻ گهرجي. ترنم کان سواءِ زندگي ڪهڙي؟

● بربط کڻ ۽ خيام جي رُباعي ٻُڌ!
پلا چنگيز ۽ هلاکوءَ جو دؤر پيو ڪهڙي طرح گذاري ٿو سگهجي؟

● ڪبابيءَ جي دڪان تي ابوالعلا معريءَ جو ديوان پڙهي رهيو آهين!

● وڃين ٿو؟ ڀلي وڃ! مون کي روئاري ڇو ٿو وڃين؟

● منهنجو هڪ دوست ڏندرو هو. مون هن کي چرچي ۾ چيو ”تون چُپ آهين ته چڻ مُرڪين ٿو، مُرڪين ٿو ته چڻ کلين ٿو، کلين ٿو ته چڻ هوڙ ٿو ڪيائين!“

هو پنهنجو وڏو ڏند ڪيائي، پٺر جو ڏند وجهائي آيو ۽ مون کي ائين محسوس ٿيو ته مون خدا جي اسٽوڊيو ۾ هن جي اجازت کان سوا گهري، هُن جي تصوير سان هٿ چُراند ڪئي!

Gul Hayat Institute

منهنجو دوست کلڻ وقت، جڏهن وڏي ڏند کي لڪائيندو هو، تڏهن ڪيڏو نه خوبصورت لڳندو هو!

● ميان! جام کي تري تائين ته پيتو اٿي. لڳي ايئن ٿو ته اُن جو شيشو به چٻاڙي ويندين!

● تون ته ڪچي پندي هئين، مون توتي ڏيگڙ رکي احسان ڪيو هو.

● هر سوشلسٽ اذيت پرست آهي. اسٽالن ۽ بيريا جي اولاد اڃا مئي نه آهي. ٿري بکڙي وئي آهي.

● ڇڏ يار! مان تنهنجي قد ڪاٺ کي سڃاڻان! جيئن تنهنجي ڪاٺ کي سُرو نڳي ويو آهي، تيئن تنهنجي قد تي طرو وڌي ويو آهي.

● ”يا خدا! منهنجي ديس کي امن ۽ آزاديءَ ۾ اُتار! شايد اهي لفظ ٺڳور جا آهن. ان دعا ۾ ڪهڙو اضافو ٿي سگهي ٿو؟

● جن مائن پيغمبر پيدا ڪيا، اُهي پهرين تو وانگر الهڙ ڇوڪريون هيون.

● اي مهمان! خدا تنهنجو رزق توسان گڏ موڪلي ٿو.

● چولستان، ٿر جي ريگستان کان وڌيڪ غريب آهي. مٿان ان سان نفرت ڪرين! غريب غريبن سان نفرت نه ڪندا آهن ۽ نه حسد! غريبي هڪ قدرِ مشترڪ آهي ۽ نيڪيءَ جو باعث آهي.

● تون ممڪنات مان نه آهين. توکي سمجهڻ لاءِ ناممڪنات جي تهه تائين پهچڻو پوندو.

● مباحثا، فلسفا، لفظي آزاد خياليءَ مذهبي تعصب کان نجات ڪافي نه آهي. جي مان قاضيءَ انقضات هجان ها ته انارڪليءَ بدران اڪبر کي ديوار ۾ پورايان ها!

● عشق ڪيو نه ويندو آهي، ٿي ويندو آهي.

● پَرن ۾ سگهه اٿئي ته اُڏام! آسمان جي وسعت لامحدود آهي.

● هل ته ڪوئٽي جي قبر تي هلون ۽ هن کان پڇون. ”علامه اقبال کي سڃاڻين؟“

● جا ڪنهن وٽ اهڙو رندو آهي جو لوحِ محفوظ کي چٽي صاف ڪري ڇڏي ۽ اُن تي ڪائي تحرير نه رهي؟

● انقلابي! تنهنجي اڳر مگر تي مان اڳر تڪر ناس ڪري ڇڪو آهيان. وري سانڳيءَ طرح ڇپي ڇٽي ڳالهائي رهيو آهين!

● گهوڙو به ٻڌڻ ڪونه ڏيندين! وڻ ته ڪپي ڪونه ٿو وڃان!

● هن کي ڪا خبر نه آهي ته هُن جا ڪيترا مداح اُچي مڙيا آهن، جي سنهنجي صحت مند تفريح جي باوجود، هُن جي حبات بچائي نه ٿا سگهن.

● هو [illegible]

Gul Hayat Institute

ڪوئي نہ آهي.

● سوين اڄن ٿا، سوين وڃن ٿا. وقت جو درياهه وهندو رهي ٿو، پنهنجيءَ رفتار ۾ مست ۽ ڪڏهن بہ ٻڏن تي ٻاڪاري نہ ٿو.

● ڇا ايڏي جدوجهد واري زندگي پوري ٿي وئي!

● مٺا روشنيءَ جي رفتار کان بہ تيز ويندا آهن، پر پوءِ بہ هو توکان دور نہ هوندا آهن!

● خدا آهي تہ سهين، اها ٻي ڳالهہ آهي تہ توکي نظر نہ ٿو اچي!

● ميان، ٻي جهان ڏانهن ٿو وڃين، پنهنجي ائڊريس تہ ڇڏي وڃ!

● مان هن کي گهڻو ٿو چوان تہ اسين دڳ ڀُلجي ويا آهيون، پر هو مون تي الر ڪري چون ٿا تہ تون ٺڪجي پيو آهين ۽ ان ڪري دڳ کي ڪُڏڳ ڪوئي رهيو آهين.

● ايڏي هوڙيائي! ايڏي ڏوڪ ڏوڪان! ڏس تہ سهين تہ دنيا ۾ ڇا وهي واپري رهيو آهي!

● ميان، هي ڳالهہ تہ هيري جي ڪڻي وانگر آهي پر وينجهارڪو ويڙهو ويجهي ڇڪ ۾ نظر نہ ٿو اچي. تون چاهين تہ اها پنهنجي وينڊي ۾ وجهي سگهين ٿو. مان توکي مفت ۾ ٿو ڏيان!

● هاٿيءَ جي هوديءَ ۾ ويهي، اِتي ڏڪر راند نہ کيڏبي آهي؟

● بودليئر پنهنجي تباهي آندي پر فرانس کي تہ اڏي ڇڏيائين!

● هيءَ پکيءَ جي ڪٽنني آهي، ڳچيءَ جو ڳٽ نہ آهي.

● ”ڳنڍيون منجهہ ڳنڍير، مون من ماروئڙن سين“ - ڳنڍير جون ڳنڍيون ڇوڙي تہ نہ ٿو سگهين، ڪپي سگهين ٿو!

● موت! تون هڪ اگري حقيقت آهين، دل چوي ٿي تہ آرٽ جي دنيا ۾ ايترو محو ٿيان جو تون صفا وسري وڃين.

● جهونا ڳڙهہ جهري جُڪو آهي ۽ راءِ ڏياچ جو سِر پنهنجو ڏڙ ڳولي رهيو آهي.

● ڪڙ ڪپيتا ڦاسائي سگهندين، چاندوٽا ڦاسائي نہ سگهندين! شاعري ايتري آسانيءَ سان مُٺ ۾ نہ ايندي آهي!

● ايڏي پنهنجپائي! اڄ تہ ملي آهين پر ڄڻ صدين کان واقف آهين!

Gul Hayat Institute

اهو اکين ۾ ڇا لکايو اٿئي؟

● مون ٿنهنجين اکين ۾ ڪڪر ڪارونيار ڏسي توکي اوڙڪن ڪان اڳ ۾ ئي ٻڌائي ڇڏيو تہ مون وٽ ڇنو نہ آهي!

● هو مرڪزي حڪومت ۾ سيڪريٽري هو. ڪالهہ هن اسلام آباد ۾ مون کي جاءِ تي گهر گهرايو هو ۽ دعوت ٿئہ آب پاره ۾ ڪنهن بيڪري مان ڪيڪ ورتو هئائين. اڄ هو مري ڇڪو آهي. آب پاره ۾ اُها بيڪري اُتيئي آهي. امر جليل! ڇا اها پوري ڪهاڻي نہ آهي؟ ڇا ان جي ڦهلاءُ جي ضرورت آهي؟

● ڪوڙڪيءَ مان هرتي پير جُدائي رهي آهي ۽ چنڊ کي روئڻ اچي رهيو آهي.

● موت بگهڙ آهي. هُن جي پيَو کان لوڙهي کي پُنڊو ڏيڻ اجايو آهي. هو سڀ لوڙها ٽپي سگهندو آهي.

● ميان. سيڪڙوُ تہ سوين. سوال آهي تہ سِر ڪير ٿو ڏئي؟

● ٿنهنجي من کي ايترو تڪو بہ نہ ڪر تہ چاقو سراڻ کي ڪِپي نہ ڇڏي!

● چگي سيڪت ڏني اٿي. وري سنگت ۾ ويساهہ نہ ويهندو!

● ٻٽائي هي ساڳي سگڙي ڪير وڃائي رهيو آهي جا اڳ مون ڪراڙ جي ڪپ تي ٻڌي هئي؟

● هُن جي ڪُلهن تي ڪارا وار ڏسي مُرس ڪڪجي پيو آهي. هوءَ سانوري، سلوني هن کان وسري نہ ٿي وسري!

● ڪُسڪين جو ٿو، ڪُسنبو ئي تہ آهي. ڪوئي ٽپ لاءِ ڪاڙهو تہ نہ آهي! اٿيئي وينو هوندين تہ اُپ گهمي ايندين! ڪڪر رت تيار ڪيون بيٺا آهن.

● ڪرڪريا! ايترو ڪُرڪُرو! هو سُتو پيو آهي جنهن ساري رات نَچيو آهي ۽ فرشتا هن تي مور ننڊ لوڏي رهيا آهن.

● ڪا ڏاڍيہ ڪنڪي رهيو آهي ۽ هو ترڪڻ ۾ باقي رهيل ٽيڙ ٻُجي رهيو آهي!

●  [illegible] ڪوهاٽ

Gul Hayat Institute

● کالهہ هو کاري پاڻيءَ ڏانهن ويندي، پاڻيءَ جي جهاز تي ڳائي رهيا ها.

"مون کي سارو سمنڊ، چڻ آزاديءَ آڇيو."

۽ تيز ڇوليون جهاز سان ٽڪري هڻ سان تال ملائي رهيون هيون. اڄ اهي ڪٿي آهن؟ انڊمان نڪوبار ۾ انهن جي هڏن تي چنڊ جا ڪرتا رات جي ڳوڙهن وانگر ڪري رهيا آهن!

● ڄامشوري جي سرءُ ۾ ڪانگن جا ڪانگيرا ٻڌي، دل ڪيڏي نہ اداس ٿي ويندي آهي ۽ سانجهيءَ جون وِڪون رات ڏانهن ويندي روڪجي ويندڙيون آهن!

● ڄَت واري وقت کان پٽ رهجي آئي آهي. اڳتي بہ تنهنجو آسرو آهي!

● پڪاسو سگريٽ جا ٻہ ڪش هڻي تصوير ڪڍي وٺندو هو. مان بہ ايتري وقت ۾ نظم لکي سگهندو آهيان.

● "لکيو لوهاڻان ڪوٽ پيچي!" ڪيڏو نہ پيغمبرانہ شان آهي انهي ڪهاوت کي!

● نادان! پنهنجي زبان کي لغام ڏي! ڄاڻين ٿو تہ ڪٿي بيٺو آهين؟ هتي تہ حافظ ڪورنش ڪندو آهي ۽ خيام ساقي گري ڪندي اپي ۾ نہ سمائبو آهي!

● هو پوڙهو ٿي چڪو آهي، هُن جون اکيون جهانورجي ويون آهن ٻر هوَ اڃان فرينچ انقلاب لاءِ واجهائي رهيو آهي ۽ اهو ڏسي نہ ٿو سگهي تہ وڏيرو گهوڙي بدران پجيرو جيپ ۾ وڃي رهيو آهي.

● گهوڙي جا نرا ايترا اُيا بہ نہ ڪر تہ اُن جا نعل نڪري وڃن! زمين تہ ڏس! ڪيتري نہ سنگلاخ آهي.

● ليڪ آ، موت کان خوف اڃايو آهي، ڇو تہ موت آهي ئي ڪونہ زندگي جاودان آهي، مسلسل آهي، پر ڇا تون مڪافات عمل کان بہ ٿو ڊڄين؟ ڇا تون اهو نہ ٿو ڄاڻين تہ انسان آسڪر وائيلڊ جو ڊورين گري بہ ٿي سگهندو آهي؟

● ڦمڦما ٻري رهيا آهن. عود ۽ لوبان جي خوشبو اچي رهي آهي.

Gul Hayat Institute

محفل پنهنجي رنگ تي آهي. ڇا توکي معلوم نہ آهي تہ اهي رنگ رڳيون ڪيترو وقت آهن؟ ڇا تون اهو نہ ٿو چاهين تہ هيءَ ڌرتي هڪ وڏي اجگر وانگر وات ٻٽي ويٺي آهي؟ تون جو دسترخوان تي ايترو هشاش بشاش ويٺو آهين ۽ ٽهڪ ڏئي رهيو آهين. ڇا تون چاهين ٿو تہ تون خود موت جو هڪ گرهہ آهين!

● تون خدا جو گناهگار آهين يا انسان جو؟ جي پهرين ڳالهہ صحيح آهي تہ تون ڪوئي خوف نہ ڪر ڇو تہ خدا غفار ۽ رحيم آهي. پر جي ٻي ڳالهہ صحيح آهي تہ خدا قهار آهي ۽ هن وٽ معافيءَ جي ڪائي گنجائش نہ آهي.

● اڄ، ادب سان پير جهُڪائي ويهہ! تون آسمان جي اڱيان بيٺو آهين. تون ان جي اڱيان آهين، جنهن موت جي اسرار کي ڄاتو آهي.

● ڇا تو اڄ تو هر جي ڪنڊياريءَ ٽاريءَ ۾ ڳاڙها گل ڏٺا آهن؟ جي ها تہ ڪجهہ وقت ڌيرج ڇو نہ ٿو ڪرين؟ نيٺ تہ رُت ڦري ويندي؟

● شفق جي ڳاڙهي رنگ ۾ ڦولاريل توهر ڪان وسري ويندو آهي تہ هُن ۾ ڪنڊا بہ آهن.

● ڪنڊو تہ ڪَنڊو ئي آهي. پوءِ اهو گلاب جو هجي يا ٿوهر جو؟ يا ٻنهي ۾ ڪوئي فرق آهي؟

● نعري باز! ڪڏهن هڪڙي رات بہ شهر خموشان ۾ گذاري اٿئي؟

● ڇا سُک اهو پنڇي آهي، جنهن کي ڪنهن بہ ڏٺو نہ آهي. رڳو اُن جون پوليون ٻُڌيون آهن؟

● اي نيرا بادل! ڇا مُنهنجي روح کي تو وانگر اطمينان اچي نہ سگهندو؟

● ڇا تون ڪرامات جو قائل نہ آهين؟ ڇا تون منهنجي شاعري نہ پڙهي آهي؟

● لورڪا! تون نہ خانہ بدوش جا گيت ڳائيندو هئين! توکي هنن مٽيءَ جي گهر ۾ قيد ڇو ڪيو؟

● ناظم حڪمت! پو. ايس. ايس آر تنهنجي ڪان پوءِ تون ٻڌائي سگهندين تہ تو ڇا لاءِ ترڪيءَ ۾ نو سال قيد ڪاٽيو ۽ باقي عمر روس ۾

Gul Hayat Institute

جلاوطنيءَ ۾ گذاري؟

● اي اديب! جي توکي ادب پيارو آهي تہ تاريخ سان گھٽو نہ وچڙ ۽ جي وچڙين بہ تہ رڳو پنھنجي خطي سان وِچڙ! پورو ڌرتي جو گولو ڪلھي تي تہ نہ کڻ!

● پھرين پاڻ کي تہ سڌار، ھليو آھين دنيا کي سڌارڻ!

● تون پھريون پنھنجي پاڙيسريءَ سان تہ چڱو ھل! انسانذات تہ وڏي ڳالھہ آھي!

● اي خدا! مون کي شمس تبريز جون اکيون ڏي تہ جڏھن ڪتابن ڏانھن ڏسان تڏھن انھن مان باھہ جا الا اُڀرڻ لڳن!

● جڏ تہ مان مينھوڳيءَ ۾ واريءَ جي ڍڙي تي مٿو رکي ليٽي پوان! انسانذات، مون کي ڪيڏي وڳوڙ ۾ وڌو اٿي!

● جي پاڳل خاني ۾ پاڳل آھن تہ انھن کان اھي پاڳل وڌيڪ خطرناڪ آھن جي پاڳل خاني کان ٻاھر آھن.

● وجو وجو، اوھان لاءِ پوريءَ دنيا جيترو پاڳل خانو پيو آھي! وجو ان ۾ جوبڙ ڪيڏوءِ ڏارن ٻدران گوليون اُڇلايو!

● ڇا تون وڏو ماڻھو آھين؟

تون وڏو تہ آھين، ماڻھو ناھين.

● بيوقوف!

تيستائين تنھنجي ھٿ ۾ خارش ٿيندي، جيستائين تون سچ کي ٻجو نہ ڏيندين.

● سقراط پنھنجي شاگرد کي چيو:

”جڏھن اوھان منھنجي لاش کي کٽي ھلندؤ، تڏھن مان اوھان جي پٺيان ايندس. رڳو اوھان ڏسي نہ سگھندؤ!“

● منھنجي اکين مان لنگھڻ ھڪ جوالا جي مُنھن ۾ پير رکڻ وانگر آھي.

● سڀ کان ڏکيو سوال، جنھن جو ڪوبہ انسان ھن وقت تائين تسلي بخش جواب ڏئي نہ سگھيو آھي، سو آھي: ”تون ڪير آھين؟“

Gul Hayat Institute

- اي وسريل سنڌ! ڇا تون منهنجي ازلي حافظي ۾ گم ٿي وئين؟ ڇا مون کي ڀي زندگيءَ ۾ ياد ايندين؟
- يا خدا! مونکي تلوار نه کهرجي. مون لاءِ صليب بناءِ!
- جنگ جي وڃائڻ اچي. نه ان کان وڌيڪ ٽکو ڇرو ڪوبه نه آهي.
- توکي ٻرپان ڦٽڪيءَ وانگر ٿو لڳي. هونءَ نه موت مصريءَ جي تڙ آهي.
- زندگي بصر جي ڪل وانگر آهي. ان کي ڏسي ڳوڙها اچي ٿا وڃن نه ته موت ايترو ٻرو به نه آهي!
- جي ٿوري ڳڙ مان ڪم نڪري ته تقرير کي ايترو گوڪائي جو ٿو بڻائين؟
- ڪڏهن خواب ۾ ٻليءَ کي پنهنجا ڇڄڙا به نظر آيا آهن؟
- آبوءَ! هن ڪوس ڪهر مٿان ڪيترڀون نه هليون اچي مڙيون آهن!
- ڇا تون ڄاتين ٿو ته خدا ڪيترو نه چپ چاپ تنهنجي ڪڌ اچي رهيو آهي. رڳو ٿو منهن ورائي نه ڏٺو آهي.
- هر ماڻهوءَ جي ماس ۾ ڪيڙا انتظار ڪن ٿا.
- ڇا. جڏهن ماڻهو گگرين ۽ گولارن کان وڃڙي وڃي ٿو تڏهن ٿي مارئي ٿني ٿو؟
- تنهنجي ساري ڪائنات منهنجي ڪمري جي مَٽ نه آهي. هي ان کان وڏو آهي.
- جميل هاشمي! "دشت- سوس" پڙهي مون کي عجب آيو ته تون مون سان فقط هڪ پيرو ڍاڪا ۾ مليو هئينءَ. تو منهنجي سوانح عمري ڪيئن لکي؟
- ٻارا توکي ننڊ ۾ يادگيري آهي ته جاڳ ۾ تون ٻڪيو هئين يا سڪيو هئين؟
- ڏس! سمنڊ منهنجي ڪمري ۾ پيهي آيو آهي ۽ مان ان جي لهرن ۾ ترندي رهيو آهيان.
- تون جو مون کان منهنجي موت وانگر رُسي وئين آهين؟

Gul Hayat Institute

● واڳون هٿ ۾ ۽ پير رڪاب ۾ رک ۽ اِهو چاڻ تہ عمر جي گهوڙي کي ڪٿي روڪڻو آهي.

● هن ننڍڙي ڪڙڪِبيتي کي سمجهي سگهين تہ سورج تنهنجي پهچ کان ٻاهر نہ آهي.

● ارغون ڪٿي آهن؟ ترخان ڪٿي آهن؟ هي دؤر بہ گذري ويند،

● ڪيڏي نہ تڪڙ آهي مون کي؟ برسات ۾ لياريءَ نديءَ کان بہ وڌيڪ!

● طوفان اچا هَني تي نہ ويٺو آ، اُن جو پير رڪاب ۾ ئي آهي. مان ڪو مصور هجان تہ ان جي تصوير ڪيڏي وڻان ها.

● مون ڪالهہ پي ٽي اين تي "ٽرانسڪيءَ جو موت" فلم ڏسي، سوچيو تہ هڪ هر جي چوني ڪائنات کي بہ اڌ ڪري سگهي ٿي.

● جي مون کي ٻي جنم ۾ بہ شاعر ٿيڻو آهي تہ منهنجي شاعري اُتان شروع ٿيندي جتي مان ڇڏيان ٿو. موت هڪ تسلسل آهي، هڪ قطع ڪلامي آهي، ٿوري وقت لاءِ.

● آنءُ ازل کان اڪيلو پکي هوس. خبر نہ آهي تہ مون کان ماڳ ڪيئن وسري ويو ۽ سڌو چار ڏانهن ويس!

● هومر اُڊيسيءَ ۾ چيو آهي:

هن پنهنجيءَ ڇاتيءَ تي ڌڪ هڻي پنيو ۽ دل کي چيو: "اچا جتاءُ ڪر! تو هن کان بہ گهڻو وڌيڪ سٺو آهي."

● برنارڊشا خدا کي ٺاهي رهيو آهي ۽ خدا مُرڪي هن کي ڍاهي رهيو آهي.

● ميان! تون تاريخ مان سبق نہ ٿو سکين؟ ڇا تون سڪندر کان بہ وڏو آهين؟ ڇا تنهنجو ڪوئي بابُل نہ آهي؟

● "دارا! هي دنيا پاڳل خانو آهي" سرمد چيو، "تون ان جي ڪيڏ لڳي مٿو وڃائيندين! هي اورنگزيب سڀ کان وڌيڪ پاڳل آهي ۽ انڪري تاج تخت جو حقدار آهي."

● "گورباچوف! مان اڪيلو نہ آهيان، ساري تاريخ ان غلطيءَ جي قيمت ادا ڪري رهي آهي تہ اُن بڪونن جي جاءِ تي مارڪس کي ليڊر چو

Gul Hayat Institute

ڪيو؟"

● مان سنڌ ۾ پيدا ٿيو آهيان، شوپنهار جرمنيءَ ۾ پيدا ٿيو هو، جڏهن مان به هن وانگر مري ويندس، ته ان جي اهميت ڪهڙي رهندي ته ڪير ڪٿي پيدا ٿيو هو! جڏهن ڪيڏاريءَ جو تماشو پورو ٿئي ٿو، تڏهن ان ڳولا لاءِ جاکوڙ اجائي آهي ته ڪهڙي ڪٺ پتلي ڪٿي رکي وئي آهي.

● ڇا خدا کي ڄاڻڻ ڪانسواءِ هن کي ائين مڃي نه ٿو سگهجي؟ ڇو پنهنجي ڪَدِ پيو آهين؟

● ڇا اڄ تائين ڪنهن ڄاتو آهي ته وڇوڻ کي ڏنگ مان ڪهڙو مزو ايندو آهي؟

● زندگي نجد جي صحرا وانگر آهي. ليليٰ فقط مجنونءَ جو تصوُر آهي.

● مُصور تصوير ۾ جان وجهي سگهي ته خدا ٿي وڃي.

● اجمير ۾ مان به اکيون ڏٺيون. انهن مُنهنجين اکين ۾ ايتري آراڌنا سان ڏٺو جو آنءَ پاڻ کي سچ پچ دَشينت وانگر سمجهڻ لڳس. جي هوءَ شڪنتلا هُئي ته منهنجي جيون ۾ ڪيترو دير سان آئي هُئي!

● ڇا زندگيءَ ۾ پوري خوشي نه آهي، فقط اُن جي آس آهي؟ ڇا انسان پاڇن پٺيان ڊوڙن ٿا؟ ۽ پاڇا جڏهن لهندڙ سج جا آهن، تڏهن ٿڪجي بيهن ٿا.

● چوندا آهن: "نيڪي ڪري درياهه ۾ وجهه" درياهه ڪيڏو نه وڏو آهي ۽ درياهه ۾ پئي هر شيءِ درياهه ٿي وڃي ٿي.

● پرتري هريءَ ڪانسواءِ، ٻيو ڪوئي پئسي وارو ٻڌاءِ جو شاعري ڪري سگهيو آهي؟ نه وري پرتريءَ هريءَ ان ڪري شاعري ڪئي هئي جو هُن وٽ پئسو هو.

● ميان! پئسو پِٽ آهي، جنهن وٽ آهي اهو عذاب ۾ آهي.

● متعصب انسان! مان توکي چڱيءَ طرح سمجهان ٿو. نيٺ تون اجنتا ۽ ايلورا کي بم سان اڏائيندين، شايد انهن سان گڏ تاج محل کي به.

● سکر بار روم ۾ ويٺا هياسين، 1965ع واري جنگ ڇڙي چُڪي هئي. ريڊيو تي آيو ته، "پاڪستان پائلٽ، هندستان پائلٽ تي حملو ڪيو ۽

Gul Hayat Institute

"اس کے چھکے چھڑا دیا" مون ٺهڪ ڏئي چيو، "هي جنگ کي اڃا ڇوڪرن جي راند ٿا سمجهن. ڪيڏا نہ بيوقوف آهن." ٻي ڏينهن تي مون کي ٽي مهينا جيل ۾ وڌائون.

● زندگي هڪ تبسم جو نالو آهي، پر اها بہ هر ڪنهن کي نصيب نہ آهي.

● تنهنجي پنهنجي موت جو چرو ڏسي نہ ٿي سگهي، جو تنهنجي پويان ٿو اچي.

● توکي تقدير ۾ اعتبار نہ آهي. مان پانيان ٿو تہ اها ڳالهہ بہ تنهنجي تقدير ۾ آهي.

● مون کي مرندي موت محسوس نہ ٿيندو.

● لوئي آراگون ڪميونسٽ نہ هجي ها تہ بهتر شاعر هجي ها. حقيقت تہ هڪ فريب آهي، جو ڪجهہ آهي ماروا آهي.

● امريڪي انقلاب پنهنجي اقتصادي سامراجيت جي باوجود والٽ وٽمئن ۽ رابرٽ فراسٽ پيدا ڪري سگهيو. ان ۾ ڪا تہ ڳالهہ هئي!

● پاسترناڪ مري ويو. زواگو زنده آهي.

● ميان، مرندي تہ تون تنها هوندين. جماعت تہ توسان فقط جنازي نماز تائين هوندي.

● ننڍي ۾ ننڍي جمهوريت وڏي ۾ وڏي آمريت کان چڱي آهي.

● غالب چيو آهي:

"کف افسوس ملنا، عهد تجديد تمنا هے"

ڇا الطاف پائي اها ڳالهہ سمجهي سگهي ٿو؟

● ڪنهن سان اينتري سڪ بہ نہ رکُ، جو اُن ۾ سُڪ ٿي وڃين!

● جي ماٿهوءَ ۽ نانگ ٻنهي کي کير پيارينديـن، تہ توکي ٻنهي ۾ فقط هڪ فرق نظر ايندو. نانگ توکي ڏنگڻ مهل اُن چاڙ کان وانجهي هوندو تہ هو توکي ڏنگي رهيو آهي.

● هو توکي ڏسي سڙي رهيو آهي. پلي سڙي، آخر باهہ تنهنجي تہ نہ آهي، هُن جي پنهنجي آهي!

● مهاڻي سارو ڏينهن مڇيون وڪڻي چانديءَ جا سڪا ڳڻي رهي هئي.

Gul Hayat Institute

اڏيءَ تي پيل چلر هن تي ڪلي رهيا ها.

● ڪرسيءَ جون ٽنگون ڀڃنديون آهن ته انهن جي ملر پڻي نه ٿي سگهندي آهي.

● هي تنهنجو لاش پيو آهي. رڳو تون ئي نه ٿو چاهين ته هي تنهنجو لاش آهي! يا تون چاهين ٿو؟

● ڇا ٽراٽسڪيءَ ۽ اسٽالن جي موت ۾ اذيت ساڳي هئي؟

● تون ڀاڪو ڏيڻ ٿو چاهين؟ چنگيز خان کي ڀاڪو ڏي ڇا مليو؟

● ڇا تون خلاباز آهين يا فقط خلا آهين، نيٺ ته ٻوئين ڳالهه صحيح آهي، بازي ٿوري وقت لاءِ آهي.

● مشتري ۽ مريخ ته ڏاڍو ڏور آهي. توکي انهن کان به پري ٿو ڏسان، پنهنجي پاڻ ۾.

● جي منهنجي شاعري توکي خدا جي وجود جو ثبوت نه ٿي لڳي ته اجا توکي ٻيو ڪهڙو ثبوت گهرجي.

● فيض جيل ۾ نه هجي ها ته اها شاعري ڪري سگهي ها، ڇا هن دست صبا ۽ زندان نامه ۾ ڪٿي هئي؟

● ڇا دست صبا ۽ زندان نامه تخليق ٿيڻي هئي، ان ڪري فيض کي جيل ۾ ويٺو پيو.

● ڪاليداس، وڪرماجيت کان وڏو ماڻهو هيو. ڇا توکي ان ۾ ڪوئي شڪ آهي؟

● تون استريءَ کي ديوي ٿو سڏين! استري ڏونري آهي، تڏو آهي، داڻلو آهي ۽ جي ديوي آهي ته رڳو تنهنجين اکين ۾ آهي.

● تلسيءَ جي ٻوٽي کي پاڻي ڏئي رهيو آهين. صبح کي وڏيڪ اجرو ٿو ڪرين!

● جي تون چاهين ٿو ته ڪويل ڪوڪندي ڇو آهي، ته تون منهنجيءَ شاعريءَ جو ڀرپور اڀياس لکي سگهين ٿو.

● پاڪستان ۾ بنياد پرست رات جو چمڙن وانگر اڏامندا آهن ۽ ڏينهن جو ان جي ڇت ۾ اونڌا لٽڪي پوندا آهن.

● نيٺ ته ڪن پل لڻ ننڊ ڪيڻ؟

Gul Hayat Institute

موت جو ذائقو چکي ورتڻ!

● يا خدا! ڪيستائين انسانن کي جانورن جي رعايا ٿيڻو پوندو؟

● فن جيترو موت جي ويجهو اچي ٿو. اوترو پيلي گلاب جي گل وانگر ٽڙي پوي ٿو.

● جي هاڻي مونکي اهو احساس ٿئي ته تون ايتري پيار جي لائق نه هئينءَ ته ڇا مان توکان ڏنل پيار موٽائي وٺي ٿو سگهان؟

● ڇا موت جي ويسر ۾ ڪائي اهڙي سار آهي جا ويسر واري نه ٿي سگهي؟

● تون چوين ٿو ته موت اتفاق آهي، مان چوان ٿو ته ان جو وقت اُن مهل طئي ٿيو هو، جنهن وقت اجان تون ڄايو نه هئين.

● ڇا روح ۽ شعور ساڳي ڳالهه آهي؟ يا شعور دماغ سان واڳيل آهي ۽ شعور جو خاتمو روح جو خاتمو نه آهي؟ يا شعور روح جو حصو آهي، جو موت کان پوءِ روح ۾ جسم ۾ ڪٿي وڃي ٿو؟ جي ها ته ڪيئن، ڪهڙيءَ طرح، ڪيتري حد تائين، ان جو جواب مشڪل آهي.

● موت کي ڪئلينڊر ته ڪونه هوندو آهي، ڪمپاس هوندي آهي.

● اشوڪ کان اڪبر تائين ڪيتريون صديون گذريون؟ شايد وچ واري تاريخ کي فالج ٿي پيو هو!

● فيض خوش نصيب هو، جو گلاسنوست ۽ پيرسترائيڪا کان اڳ ۾ گذاري ويو.

● موت جي قربت شايد حواس تيز ڪري ڇڏيندي آهي.

Gul Hayat Institute

● هي دنيا هڪ سراءِ آهي، ان مان هر ڪنهن کي لڏڻو آهي. ان ڳالهه تي نه افسوس ٿيڻ گهرجي نه عجب، سياڻپ جي تقاضا اها آهي ته ان کي گهرَ نه سمجهين.

● تون ڪوڙ سان نياءُ ڪري، ڪيڏو نه خوش لڳين. رهيو آهين! پر ڇا تون سچ پچ خوش آهين؟ ڇا تنهنجي چهري تي چمڪ ۽ بيدار آهي؟ يا اها انهيءَ وڄ جي چمڪ وانگر آهي، جا توتي نيٺ ڪري، توکي رک ڪري ڇڏيندي؟

● ڪنهن انگريز جج فتوي ڏني آهي ته، " پنهنجي زال سان نه زنا تي

سگهندي آهي.“

ماڻهن کي عقل ڪيترو نہ دير سان ٿو اچي!

● ماڻهن کي عقل هوڙ ويهارو ورهين کان پوءِ نڪرندي آهي، ڪنهن ڪنهن قوم کي پنهنجيءَ تباهي کان اڳ عقل هوڙ نہ نڪرندي آهي.

● مان تہ توکي بہ بچائڻ چاهيان، پر مان ڇا ڪيان توکي خودڪشيءَ جو شوق ڪنيو بيٺو آهي.

● ڇا مزدڪ وري وري اُيري ايندو؟

● چون ٿا تہ خودڪشيءَ جو بہ هڪ نظريو هوندو آهي!

● ڦوڪٽو نيٽ تہ ڦاٽي پيو. ان جي اندرين هوا ٻاهرين هوا لاءِ ڪيترو بي چئن آهي؟

● سچا دوست ڇڏي تو ڪوڙا اپنايا آهن، جي تنهنجا ڪانڊي بہ ٽيندا، تنهنجي قبر بہ ٽيندا.

● تون جو ڪاذب آهين، پنهنجي قبر تي پاڻ گل رکي رهيو آهين!

● مان ڏسان ٿو تنهنجو موت، جو تنهنجي ترو تازه جسم تي پيل گلاب جا گل سنگهي رهيو آهي!

● هوَ هوا ۾ معلق آهي، نظرئي ۾ ٿو رهي.

● ڌرتي وڏي يا نظريو وڏو؟ ظاهر آهي تہ وڏو اهو ٿيندو، جنهنجو دماغ بادلن ۾ هجي پوءِ هن جا پير ڌرتيءَ تي ٽڪل هجن يا نہ.

● طنز ڏاڻ جي منهن تان رئو لاهي وٺندي آهي.

● ڇا ڀڏي تي کلڻ طنز ۾ شامل آهي؟

● واهہ ڙي مستقبل جي تاريخ!

سنگ پيو آهي، لحد ڪونهي!

● مونکي تخت تي نہ ويهار ۽ تاج نہ پهراءِ، توکي معلوم نہ آهي تہ تاج و تخت جي قسمت انت پيرن ۾ هوندي آهي؟

● موت جڏهن نوڪر ٿيندو آهي، تڏهن هڏا قبرن مان نڪري ٻِڪرن پيترن سان ملي ويندا آهن.

● موت اهو ملاح آهي جو ڪروڙين ڪشتيون ڪاهي ٿو، پر پوءِ بہ هن جا بازو نہ ٿا ٿڪجن.

Gul Hayat Institute

● موت تہ هر ڪنهن کي ماري ٿو ڇڏي، افسوس آهي انهن تي جن کي زندگي ماري ٿي ڇڏي.

● ڇا مون توسان عشق ڪيو هو؟ يا پاڻ سان عشق ڪيو هو؟ يا عشق سان عشق ڪيو هو؟

● منهنجيءَ شاعريءَ مان تنهنجي اکين جي ڳالهہ ڪڍي ڇڏجي تہ باقي ڇا بچي؟

● پنهنجا زلف پيرن ۾ نہ وَٽ، نانگ ديوتا ٿيندا آهن.

● ائين ٿڌي ٿانهري آڱرين جي ڏوڏن مان نڪاوَ نہ ڪَد، مٿان وچ تڙڪاٽ ڪري رهي آهي!

● سارو جهنگ باهہ ۾ وڪوڙجي ويو آهي. هاٿي بتي پارين بہ تہ ڇا، نہ پارين بہ تہ ڇا؟

● ميان! موت تہ ويجهو آهي، زندگي پري آهي!

● ميان توتيو تہ جام ٿو ملي، جي ناس پتو نہ ٿو ملي!

● هاڻ تہ ڪانوَن جا ٻچا عقاب ٿي پيا آهن!

● مان توتي دانهين آهيان اي ديس! مان توتي دانهين آهيان، نيٺ تہ دربار لڳندي، جنهن ۾ منهنجي دانهن پڌبي!

ڏرتي! تون ڪهڙو جانور آهين؟ تنهنجي ٻَچ ٻَچ مان بوءِ اچي رهي آهي!

● اردو اخبارن کان ڪير وڏيڪ ڄاڻي تہ تيليءَ مان ٿنڀ ۽ ٿنڀ مان تيلي ڪيئن ڪبي آهي!

Gul Hayat Institute

● سدائين ڪُتي تہ نہ هوندي، سانوڻ نيٺ تہ اچڻو آهي!

● تون تہ چوين ٿو تہ هن کي اونڌي کوپري آهي. مان پڇان ٿو تہ هن کي کوپري آهي بہ سهي يا آهي ئي ڪونہ؟

● ڇا 'ترٽلو' لفظ 'تر' مان نڪتو آهي. سنڌ جي تاريخ مان جواب جي انتظار ۾ آهيان؟

● صدام حسين! سنڌيءَ ۾ چوندا آهن: "اُٺ جي چاڙهيءَ تي بہ لعنت، لاهيءَ تي بہ لعنت."

● شيوا جي! تنهنجو خنجر توکي لڳي ويو، افضل خان ڪراچيءَ اچي نڪتو.

- ڇا توکي معلوم آهي تہ تاريخ ۾ ڪائي گهڙي صدين ڪان وڏي هوندي آهي؟
- اي لکندڙ آگر! لک، هن وقت تائين، هن ديس کي اُبتي پٽي پڙهائي وئي آهي!
- اي سياست وارؤ! اوهان ڌرتيءَ جي فلسفي ۾ اعتبار نہ تا ڪيو. اڃا تائين اوهان کي اَپ ڏسڻ ۾ نٿو اچي!
- سنڌ جو پاڻي بند ڪرڻ ٿو چاهين! ڪٿي آنو آنڻ نہ ٿي وڃين!
- موت سيني ڪان ڏاڍو آهي تہ بہ ڊڪٽيٽر نہ آهي. سيني کي جمهوريت آڇي ٿو.
- آڪن تي پارو، اکين کي ڪيترو نہ وڻندو آهي. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ آڪن جا پن سڪي سڙي ويندا آهن.
- ٻوٽو هوندءِ تہ ٻاريندين! هيل تہ ٻاري سڀ ٻوٽا سُڪائي ڇڏيا آهن.
- ڇا هيءَ جبل جيڏي رات اڃي پوري ٿي آهي؟
- مون کي سنڄ جهڙيون نگاهون آهن. تنهنجن اڇن وارن جي برف رڃي پوندي.
- نيرو، صدام ڪان تہ چڱو هيو جو هَن وانگر چريو هيو پر رڳو ستار هلائيندو هيو.
- سرمد! تيستائين موت جو ڀؤ ٿيندو آهي، جيستائين جلاد جي تلوار گردن تي ڪرندي آهي.

Gul Hayat Institute

- سڳن آهوجا ڪان گني سامتائيءَ تائين سنڌ ورهاڱي ۾ ڇا نہ وڃايو آهي!
- ڇا پوپٽي، لاڏيءَ جو ٻيو جنم آهي؟
- اُتم بہ سنڌ آهي، ڪميونسٽ آهي تہ پو ڇا؟ متان مونسان اُن جي ڳالا ڪرين!
- هَري! ڇا تون مُنهنجي آڏيسيءَ ۾ هومَر جو ڪوئي ڪردار آهين؟
- نرمل ۽ ٻَرمل لاءِ تہ مون ٻُڌو آهي تہ راجا ڏاهر جون ڌيئر هيون، پر ڪنهن ڇيو ٿي تہ هن کي سندريءَ نالي ٽين ڌيءُ بہ هئي.

● نند جويري! توڙي مان بہ شڪارپور ۾ پيدا ٿيو آهيان پر شڪارپور صحيح معنيٰ ۾ تو مونکي گهمائي آهي.

● شيام جئسنگهاڻي، اها تنهنجي ڳالا نہ آهي تہ تون ڊي- ايڇ لارينس وانگر آهين.

● حشو ڪيولراماڻيءَ کي الهاس نگر ۾ رات گذارڻ لاءِ ڪوئي گهر نہ هوندو هو تہ هو مساڻ جي وچ ۾ سمهندو هو. جتي ڪوئي هن کان پڇندو هو تہ هو ائين ڇو ٿو ڪري تہ جواب ۾ هو چوندو هو: ”نيٺ تہ اُتي ئي وڃڻو آهي.“

● ڪيرت ٻاٻاڻي: تنهنجي ڏاڙهي ڏسي مون کي الائي ڇو بخارن ٿو ياد اچي! پر تون تہ روسي ڳهٽ آهين. هندي وڏيڪ ۽ اُن کان بہ وڏيڪ سنڌي آهين.

● ڇا موت هر ڪنهن کي ماري ٿو سگهي؟ نارائڻ شيام کي تہ ماري ڏيکاري!

● اندرا پونا والا! پنهنجي دور جي تعصب سان پنجو اٽڪائڻ ڪيڏو نہ ڏکيو آهي! ڇا تون روپ متيءَ جو ٻيو جنم آهين!

● تون سچ پچ ڏکايل آهين دوست! مون هڪ ڀيرو توکي سوامي نارائڻ ڪئمپ ۾ ڏٺو هو. ڪاش! مان توکي هڪ ڀيرو ٻيهر ڏسي، تو کان پڇان تہ تو سنڌ ۾ پون ڏان تحريڪ نہ ڏني هُئي ڇا؟

● ڇا لُڀين کي بہ ڌرم ٿيندا آهن؟

● اي هينين طبقي جا سنڌي ماستر! تنهنجي لاڙڪاڻي سان ايتري محبت ڏسي مون کي يقين اچي ويو تہ توکي يار محمد ڪلهوڙي جو روح آهي.

● اي سنڌيو! اوهان مان جن جا نالا مونکان وسري ٿا وڃن، ائين سمجهو تہ اوهان اُها بنا نانو جي شبيهہ آهيو. جا سنڌ جي لوڪ گيتن کي اُهي جن جي شاعرن جا نالا معلوم نہ آهن.

● اي جڳت آڏواڻي! پرمانند ميوارام، ڀيرو مل، مهر چند، لعل چند، امر ڏنو مل. اهي سڀ نيڪ آهن پر سيني کي تنهنجي جتي ويڪري لڳندي!

● ڪيئل داس فاني! تون اجا باقي آهين. باقي رهندين. بقا تہ منهنجي

Gul Hayat Institute

پراڻي ڪنيز آهي، جا مان توکي ٿو ڏيان.

- ڪيڏانهن ٿو وڃين؟ اتي تہ سوامي رام تيرٿ آپگھات ڪيو هو!
- چوندا آهن تہ حسد ڪي پيليون اکيون ٿينديون آهن، پر تُنهنجي اکين ۾ تہ شيشا آهن. ڇا اهي بہ پيلا آهن؟
- سڳن آهوجا گذاري ويو. هن هڪ ڀيري مون کي چيو هو، ”هتي ڪيترا ماڻهو آهن جي امرتا جا ڪانکي آهن . پر انهن کي خبر نہ آهي تہ جڏهن مينهن پوي، تڏهن ڇا ڪنداسين!“
- نارائڻ شيام مون کي هڪ ڀيري چيو هو: ”اياز! موت اسان کي ڍڪ ڍڪ ڪري پيئي ٿو، ڪيت سان نہ ٿو پيئي.“
- مون شيام کي چيو ”شيام! تون اڳئين جنم ۾ وديا پتي هئين ڇا؟“ شيام چپن تي آڱر رکي چيو هو ”شُو... او... مٿان ڀي ڪنهن کي ٻُڌائين؟“ پوءِ هڪ وڏو ٽهڪ ڏنو هيائين.
- پراڻا دوست، پراڻي شراب وانگر ٿيندا آهن. انهن سان گڏ ہے تي جام ڪيتري عمر موٽائي ڏيندا آهن.
- سيٺ! تنهنجو پيٽ تجوڙي آهي.

منهنجو دماغ تجوڙي آهي.

پر ٻنهي تجوڙين جي چابي ساڳي نہ آهي.

- تون مونکي جوانيءَ ۾ ڏسين ها تہ محسوس ڪري سگھين ها تہ اپالو ڇا هوندو.
- ٻَڙ جي ڳھاٽي وڻ هينان نہ ويھ! اُن جا پن توکي ڏسي سُس پُس ڪن ٿا.
- هو شاعر بہ هو ۽ چرين جو ڊاڪٽر بہ هو. ڊاڪٽر جي حيثيت ۾ هن هڪ بہ چريو سچو نہ ڪيو ۽ شاعر جي حيثيت ۾ هن هڪ بہ سچو چريو نہ ڪيو.
- ”دارا! سرمد چيو: تون اهو ڪڏهن بہ نہ وسارجانءِ تہ هڪ ڏينهن توکي مرڻو آهي ۽ اهو ڏينهن اڄ بہ ٿي سگھي ٿو.“
- ائين تہ نہ آهي تہ هڪ اونداهيءَ سرنگھہ مان نڪري، ٿورو وقت ... ۾ گھاري، اسان کي ٻيءَ اونداهيءَ سرنگھہ ۾ گھڙڻو آهي؟ ڇا هن

ڪائنات ۾ سرنگهه پٺيان سرنگهه آهي، جن جو ڪوئي انت نه آهي!

● ميان! تارن پويان ڪيترو ڊوڙندين، پنهنجي اندر ۾ به ته جهاتي پائي ڏس!

● برٽراندرسل، پڙهي ها ته هُن جو فلسفو ساڳيو نه رهي ها.

● رات انڌاري آهي ۽ رستو اڻ ڏٺل آهي. پوءِ به نيٺ ته پنڌ پوڻو آهي. واٽهڙو! ايڏي ھڏتر ڇا لاءِ؟

● ميان تون ته ڪجهه به نه آهين! ڪونج جي پاڇي کي به جڳهه هوندو آهي.

● ادب جي ڳالهه ٿو ڪرين؟ ڪُل جيستائين ڇڙي ٿي ڇڙي، پوپٽ پيا پاسا ڳولن ٿا.

● ڪنهن جنرل چيو آهي ته پنهنجي جوءِ سان عشق ڪرڻ ائين آهي، جيئن ساڳي قلعي کي ٻيو ڀيرو فتح ڪيو وڃي. مان ڀانيان ٿو ته پنهنجي ڇپايل شاعريءَ سان عشق به ان وانگر آهي.

● ٻه چمڙا غار ۾ اونڌا لڙڪيا پيا ها. هڪڙي چيو: "غار کان ٻاهر سج آهي." ٻئي چيو: "جڏهن اونده ۾ رهڻ اسان جو مقدر آهي ته سج لاءِ ڇو سوچيون؟ ها، غار جي ڇت جو الڪو ضروري آهي. جي اها ڊهي پئي ته سج کان پڃي نه سگهنداسين."

● ڪتو ڇا ڄاڻي ته هن جي اوناڙ چنڊ کي نه چيڙائيندي آهي!

● هو رني ڪوٽ تي تحقيق ڪري رهيو آهي. دراصل سنڌ ساري رنيءَ جو ڪوٽ آهي، جا وَني ڪڏهن به نه ٿي آهي.

● سنڌي ماڻهو، جوتا ٻَڌي، مٿي تي کڻي گهمندا آهن.

● هٿ ان لاءِ آهن ته انهن تي باز وهاريا وڃن، ان لاءِ نه آهن ته اُهي نانگن جي ٻِرن ۾ وڌا وڃن!

● هن قوم جو پتڪو نه ٿي، جُتي ٿيءُ، پٽو لاهيندي اُها ويرم نه ڪندي آهي.

● ڪانوَ اهو نه سوچيندا آهن ته هي ڪنهن جون اکيون آهن!

● هُن کي ٻيءَ ير اشارا تي ڪيا سو واڳونءَ کي ٻيڙي سمجهي، ان تي چڙهي ويٺو.

Gul Hayat Institute

● اي قبر! تون ڪيترو نہ خاموش آهين ۽ شب - ماهتاب ۾ ڪيترو نہ وڻين ٿي؟

● هر ماڻهوءَ جي ماس ۾ ڪيڙا انتظار ڪن ٿا.

● ڇا، جڏهن ماڻهو گگرين ۽ گولاڙن کان وچڙي وڃي ٿو تڏهن ٺي مارئي ٿئي ٿو؟

● تنهنجي ساري ڪائنات منهنجي ڪمري جي مٽ نہ آهي. هي ان کان وڏو آهي.

● هاڻ تہ ڪمري کان ٻاهر ٺي نٿو نڪرين. چنڊ ڪي ٻہ چوين ٿو تہ جي مٿو آئي تہ منهنجي دري کُلي پئي آهي!

● سمنڊ تو لاءِ ڪيڏيون ٻانهون وڏايون آهن؟

● سمنڊ وچ تي ڪيترو نہ مانو آهي! جڻ چنڊ لاءِ بِسترو پٿاريو اٿائين تہ ٻلي سمهي پوي.

● هڪ ڀيري اليا اهرنبرگ نيويارڪ جي هڪ رستي تان ٿي ويو. هڙ اوچتو ڪوئي آمريڪي اديب ڏٺو جو هن کي ڏسي، مَنهن ڦيري وڃڻ لڳو. ان تي اليا اهرنبرگ هن کي ٻانهن کان جهلي چيو:

"ڇا تون مون کي نہ ٿو سڃاڻين؟" جنهن تي هن جواب ڏنو:

"ها مان سڃاڻان ٿو. تون اهرنبرگ آهين جو ڪنهن وقت اديب هو."

نہ ڄاڻان اسان جا گهڻا پُراڻا اديب اهو جواب برداشت ڪري سگهندا؟

● جديد دنيا ۾ پهرين خرابي تڏهن پيدا ٿي، جڏهن گلوٽين هيٺان پهريون سرُ ڏسي فرانس جي عوام ٽهڪ ڏنا.

● تُنهنجي منهنجي وچ ۾ هيءَ ڪهڙي ديوار ڳريہ آهي!

● ڪراچيءَ تي هي ماهہ رمضان جو چونڊ آهي يا ڪنهن ارغون جو خنجر آهي.

● مان تنهنجي ساري تاريخ آهيان. ماضي، حال، مستقبل ۽ وقت ۾ سفر منهنجي لاءِ مشڪل ڳالهہ نہ آهي.

● ڪنهن مون کي چيو: "تون ۾ نرگسيت آهي" مون جواب ڏنو:

"نرگس تہ انڌي هوندي آهي. مونکي نو لک نيڻ آهن."

● انهيءَ ڪري مان اڄا زندهہ آهيان. مان جڏهن پورهيو ڪندو آهيان

Gul Hayat Institute

تہ پنهنجو جسم دروازي ڪان ٻاهر ڇڏي ايندو آهيان، جيئن نمازي مسجد جي ٻاهران جُتي ڇڏي ايندا آهن.

● پيٽائيءَ تمر کي چيو: "ان جو پتو نہ آهي تہ موت تنهنجو انتظار ڪٿي ٿو ڪري، ان ڪري تون اُن کي هر پٽ تي موجود پاءِ."

● جڏهن مان شعر لکان ٿو تہ پاڻ ۾ ايتري طاقت پائيان ٿو، جيتري فرهاد کي ڪوه - بي ستون ڪوٽڻ وقت هئي.

● ڪنهن چيو تہ: "تو زندگيءَ تي ٿورو لکيو آهي ۽ موت تي گهڻو لکيو آهي. مون چيو : "ان ڪري جو موت گهڻو آهي، زندگي ٿوري آهي."

● عدالتون؟ منهنجو رڳو تاريخ جي عدالت ۾ اعتبار آهي، پر شايد ان جي فتوي بہ غلط ٿي سگهي ٿي!

● ڏس هي ٽيپو سلطان منهنجو هٿ جوتشيءَ کي ڏيکاري رهيو آهي ۽ پڇي رهيو آهي تہ هن جي ٽولي ۾ ڪيترا غدار آهن؟

● اي خدا! تنهنجو اشرف المخلوقات ڪٿي آهي؟ مون هن وقت تائين تہ رڳو بگهڙ ۽ واگهہ، نانگ ۽ ويڇون، ڪوٺا ۽ لال بيگ ڏٺا آهن!

● ڇا تون نانگ جا ڏند ڪڍي سگهين ٿو؟ جي ها تہ پوءِ هُن کي مارين ڇو ٿو؟

● ڪُتي ۽ ماڻهو ۾ اهو فرق آهي، ڪُتو جيستائين بانورو نہ ٿي پئي، وفاداري نہ ڇڏيندو آهي ۽ ماڻهو جيستائين بانورو نہ ٿي پوي. وفاداري نہ ڪندو آهي.

● هي ذاتي تعلقات ۾ تہ وڏو رهزن آهي، باقي هن کي اجتماعي تعلقات جو ڏاڍو اونو آهي!

● هچڪين، هڏڪين، هبڪين ڇو ٿو؟ پٽ پٽ ڇو ٿو ڪرين؟ ڪهڙو ڪوڙ سٽي آيو آهين!

● ماٺي ڇڏ ڪني! تون ڪهڙو برٽراندرسل جو پٽ آهين جو ٽوڪي بہ ديان سان ٻڌان؟

● اياگو! اٿيلو ٿي تہ ڪل! موت تنهنجي بہ انتظار ۾ آهي!

● مون ڪشف المحجوب جي مصنف جي درگاهہ تي دعا گهري. هن ڪان پڇيو: "تون جو شڪر گنج آهين، منهنجو مُنهن مٺو ڪڏهن ڪرائيندين؟

اجا تہ اهو زهر سان ڀريو پيو آهي!"

● ميان مير! ڇا تون ابدي ننڊ ۾ آهين يا ڪڏهن تون دارا جي قبر تي ويو آهين؟

● ميهار! سهڻي ڏانهن ڏسي حيرت مان سوچيو: "ڇا هيءَ جا ڏم جي ڪچ مان اُتي آئي آهي، منهنجي محبوبا آهي؟"

● سسئي ڌرتيءَ جي وات مان رڙ ڪئي: "پنهون تون ڪٿي آهين؟ ڌرتي مون کي ڳڙڪائي رهي آهي؟"

● سهڻيءَ گهڙي کان پڇيو: "ڇا تون منهنجي تقدير وانگر ٽٽي رهيو آهين."

● ليلا ڪونرو کي هٿي ڏينهن تي چيو: "جي مان توکي مٽيو موٽائي ڏيان تہ تون مون کي ڪلهوڪي رات موٽائي ڏيندين؟"

● ٻيجل راءِ ڏياچ جي ڪنڌ کي وارن کان جهلي ڏسي رهيو آهي ۽ پنهنجي ڪينري ڏانهن حقارت مان گهوري، سوچي رهيو آهي: "ڇا هي ضروري هو؟ هي ڪنڌ ڪلهن تي ڪيڏو نہ چڱو ٿي لڳو؟"

● بنسريءَ جي تان گهڙيءَ ۾ ڀرينءَ ۾ گهيڙ تي وڃي نڪتي ۽ سهڻيءَ جي پيرن ۾ زنجير ٿي پوي.

● دريا خان! ٻُڌين ٿو؟ تقدير جي سُنبن جا نعل گونجي رهيا آهن ۽ موت ڪَن ۾ آڱريون وجهي اُنهن ڏانهن تَڪي رهيو آهي؟

● تو ڇا ڀانيو تہ جڏهن ڪالي ناچ ڪندي آهي تہ هن کي پيرن ۾ گهنگهرو هوندا آهن!

● جي اَواڳون ۾ ڪوئي نياءُ آهي تہ هي باڪڙي ٻي جنم ۾ ڳوهہ ٿيندو.

● تو منهنجي علم کي سمنڊ سان ڀيٽ ڏني آهي، بس!

● اي ڪٿلي! تون هاٿيءَ کان وڌيڪ خطرناڪ آهين. تون هاٿيءَ جي ڪَن ۾ وڃي سگهندي آهين. هاٿي تنهنجي ڪَن ۾ نہ وڃي سگهندو آهي.

● ڇا زُليخا جي تصورُ کان سواءِ عزيز - مصر خيال ۾ نہ ٿو اچي سگهي؟

● هن کي ڪيئي هاٿي گهوڙا هيا. هُن ڪيئي لشڪر چيتاڙي ماريا ها.

Gul Hayat Institute

مورخ ڪاغذ تي قلم روڪي سوچي رهيو آهي تہ ڇا هي هڪ سٽ جو بہ مستحق آهي؟

● تيمور لنگ جي قبر مان هڪ وچون رستو ڳولي رهيو آهي هو منڊو بہ نہ آهي. پوءِ بہ ٻاهر نہ ٿو وڃي سگهي.

● رنجيت سنگهہ ڪاڻو هو. هندو مسلم کي هڪ اک سان پئي ڏٺائين. گهٽ ۾ گهٽ پنهنجيءَ حرم سرا ۾!

● ميان مير! ڇا تو دارا شڪوهہ کي زندهہ جاويد بڻايو آهي يا دارا شڪوهہ توکي زندهہ جاويد بڻايو آهي؟

● غالب! 'بط مَي' جو استعارو تون ئي ڏاهي سگهندو آهين.

● ساحر لڌيانوي! تون ڪڏهن امرتا پريتم سان تاج محل ۾ مليو هئين؟ جي تون هن کي تاج جي نهر برسان جهونجهڪڙي ۾ اپرندو ڏسين ها. تہ اهو واهيات ترقي پسند نظر نہ لڪين ها!

● ڇگو جو ساحر ءِ فيض. ترقي پسند حقيقت نگاريءَ جي موت کان اڳ ۾ مري ويا!

● ڊارون ڇا پٽ! حياتيات ۾ ارتقا هڪ ڳالهہ آهي. اقتصاديات ۾ ٻي ڳالهہ آهي.

● شاهہ حسين! تنهنجو يڪتارو تہ ڪنن ۾ ٻري رهيو آهي پر ڇا مان جيئري توکي اکين سان ڏسي سگهندس!

● اي خوبصورت گل! تون سراپا خوشبو آهين. مان توکي ٽاريءَ کان الڳ ڪرڻ نہ ٿو چاهيان!

● جي توکان ڪجهہ بہ ٻاهر آهي تہ تون همہ اوست نہ آهين. تو ۾ ئي تہ سڀ ڪجهہ آهي. تون ئي گل لالا آهين. تون ئي صداءِ جرس آهين. تون ئي قافلہ - بهار آهين. هي خوشبو تنهنجي آهي. هي ساري خوشبو تون آهين!

● اي خدا! تون فقط چڱائي آهين. هي بُرائي نظر جو فريب آهي. اها چڱائي سان ڪيئن رلي ملي. اُن سان پنهنجو روپ بدلائي ٿي ءِ ان جي ويس ڌاري ٿئي ٿي. اهو ڪوئي ڪيئن ٿو چئي سگهي! تون ئي تہ رنگ منچ آهين. تون ئي تہ سڀ ويس ڌاري آهين. تون ئي تہ انهن جو ڪاريہ ڪرتا آهين.

Gul Hayat Institute

تنهنجي مايا اَسَنيو آهي، اَپار آهي، سڀ ڪنهن جي پهچ کان پري آهي.

● سڀ ڪجهه تون ئي ته آهين، جي ڪجهه به توکان ٻاهر هجي ته تون ڪٿي هجين! سڀ ڪجهه تو ۾ آهي ۽ تون سڀ ڪجهه ۾ آهين. 'ڪجهه به نه' ۾ به ته تون آهين. مان توکي خدا ڪوئي، توتي لوڙهو ڏين نه ٿو چاهيان. ماڻهوءَ جي هر ٻوليءَ ۾ توتي لوڙها آهن ۽ تون چنڊ وانگر سڀ لوڙها پار ڪري وڃين ٿو.

● اي خدا! جي تون چارَ مٿان هِن هيڙهي جي ننڊ ۾ آهين ته مان توکي ڪيئن ڏسي سگهان ٿو؟ ●

● اي خدا! هي پاربهر جو نهر مان پاڻي پي رهيو آهي. اُن جي هر ڳيت ۾ تون آهين. ڇا هي شڪاري اندو آهي. ڇا هن ڪان نور به تو ڪسيو آهي؟ مان تنهنجي ڳجهه ڪي ڪيئن سمجهي سگهان ٿو؟ تون ته هر ڳجهه ڪان وڌيڪ ڳجهو آهين!

تون جو ساري ڪائنات آهين. بارَ جي هر ڳوڙهي ۽ هر مرڪ ۾ آهين!

● اي خدا! جي ڪوئي منهنجي ارادي تي اَثر ٿو ڪري ته اَها اَثر به تون آهين. اُن ۾ تنهنجي ڪهڙي مصلحت آهي، اها رڳو تون ٿو ڄاڻين؟

● رنجيت سنگهه! اندن ۾ ڪاٺو هٺ، سنڌ ۾ لياقت جي نشاني سمجهي ويندي آهي.

● اُرغون ڪٿي آهن؟ ترخان ڪٿي آهن؟ هي دؤر به گذري ويندو.

● توکي 'اڄ' ۾ رهڻ جو فڪر آهي ۽ اِن ڪري چئين ٿو ته سياڻو ٻن ئي پاڻ کي سنڀاري ونندو. ڇا تون جو 'اڄ' ۾ ٿو رهين، اهو ڄاڻين ٿو ته ڀرينهن، سياڻو، اڄ سان گڏ فنا ٿي ويندو؟

● مون هڪ ڪوٺيءَ ۾ پيل ڪي برسات ۾ پڃندي ڏٺو آهي، هن جو پيٽ خالي هوندو آهي ۽ تنهنجي تجوڙيءَ وانگر ڀريل نه هوندو آهي، پر هو توکان وڌيڪ خوشنصيب لڳندو آهي. دراصل خوشي تنهنجي نصيب ۾ آهي ڪٿي؟ رڳو پئسو آهي، رڳو ڪرسيءَ جو نشو آهي ۽ اهو نشو جڏهن ٽٽندو ته تون هر هيروئنيءَ کان برو لڳندين.

● ٽالسٽاءِ جو ڪوئي به ڪتاب هڪ طرف، لينن جا ۽ هن ڪان پوءِ

Gul Hayat Institute

سيني اشتراڪين جا سڀ ڪتاب ٻئي طرف، ٽالسٽاءِ جو ڪتاب ڳورو آهي.

● دوستو وسڪي! تو وانگر مون ڪان وڏيڪ ڪير ٿو سمجهي ته موت سان نزديڪي ڪيتري معنيٰ رکي ٿي!

● لرمنتوف! مان چاهيان ها ته تو وانگر وڙهي سگهان ها. پر مون سوچيو ته هڪ خارش زده ڪتي کي گولي ڇا لاءِ هڻان. هن لاءِ پنهنجي خارش ئي ڪافي آهي.

● ناظم حڪمت! نو سال روس ۾ جلاوطني ۾ رهي مري وئين! نه ترڪي ۾ انقلاب آڻي سگهين ۽ نه روس جو انقلاب ڪوئي صحيح انقلاب هو. تنهنجي شاعري ڪهڙي وَهي ڪاتي ۾ لڪان؟

● جوش مليح آبادي! تو ۾ ڪهن ڪهرج ته ڏاڍي هئي پر تنهنجي شاعريءَ ۾ مون کي مينهن ڦڙي نه ملي!

● جيڪڏهن ڪوئي نازي جرمنيءَ ۾ ڪنهن يهوديءَ کي چوي ها ته تنهنجي پيڙا اجائي نه آهي ته هو ڪيس چريو سمجهي ها. هن کي ڪهڙي خبر ته هن جي پيڙا ڪري ئي مستقبل ۾ اسرائيل وجود ۾ اچڻو هو!

● شيما ڪرمانيءَ جو رقص ڏسي مون چيو ته "رقص جسم جي شاعري آهي."

● ڇا هي ٻڌ چيو هو يا مان ٿو چوا يا ڪوئي آواز اننت ۾ گونجي ٿو جو ٻنهي ٻڌو هو؟ "جم پيڙا آهي، چالاتو پيڙا آهي، ساڳيءَ ريت ڏک پيڙا آهي، گوندر پيڙا آهن، رودَن پيڙا آهن. نراسائي پيڙا آهي. هي سارو سرير پيڙا آهي، جو ڪام ڪرڌ. لوڀ، موهه. اهنڪار تي ٻڌل آهي. انهيءَ جي سڀ هيچ پيڙا آهي. اها ڏک جو ڪارڻ آهي. اِها اچا جنم ڏانهن موٽائي ٿي. ڏک جو انت تڏهن ٿئي ٿو. جڏهن تون سڀ تياڳ ڪرين ٿو. بنا ڪروڌ ۽ ڪوپ جي. تياڳ کي تياڳ ڪرين ٿو. تڏهن اچا مان توکي مُڪتي ملي ٿي. اچا لاءِ اُڪنڊ جي هينَتا (غير موجودگي) تون ۾ آتپن ٿئي ٿي." جڳ ٿي ويا آهن پر اهو آواز مُنهنجن ڪنن ۾ پئي ٿو. جيئن ڪنهن پهاڙيءَ ڇُر ۾ سَمَنڊَ جو آواز پرندو آهي.

● تون چاهين ٿو ته مان اهو ڪجهه لکان جو تنهنجي سمجهه ۾ اچي

سگهي، پهريون ياڻ ڪان پڇ تہ توکي سمجهہ آهي سهين!

● تون چاهين ٿو تہ هن عمر ۾ مان بي انت سمنڊ تي نہ سوچيان ۽ ائين سُتٽڙا ڪَٺا ڪيان، جيئڻ ٻار ڪندا آهن.

● تون اهڙي ڪهڙي خوشبو آهين جا مون کي ٽڻي جي موتئي ۾ بہ نہ ملي آهي!

● ٽڻي جي پوئين پهري ۾ موتيا ڪڙيا آهن ۽ خسروءَ کي تنهنجا رخسار ياد اچي رهيا آهن.

● جي اڪبر جي دؤر ۾ دکن تي ڪاهہ ٿي ها تہ ڇا تانسين ملهار ڳائڻ ڇڏي ڏي ها؟

● حيدر عليءَ، ٽيپوءَ کي چيو: "پُٽ تنهنجي تلوار اُها مضراب آهي، جا رڳو آزاديءَ جي ساز تي وڄي سگهندي آهي."

● غالب! ازل جي نهان خاني ۾ اِجا تنهنجو ڪيترو متاع آهي؟

● گمان مبر ڪي پايان رسيد ڪار مغان،

هزار بادهء ناخوردہ در رگ - تاک اَست.

اهو ڪنهن جو شعر آهي؟ ڇا انهيءَ کي خبر آهي تہ مون انگور جي ول مان پوئينءَ رس ڦڙي نچوڙي آهي. هاڻي جيستائين ٻي ول لڳي، اُن ۾ مٺا انگور رچي راس ٿين. تيستائين هن کي انهيءَ جام مان پيئڻو پوندو، جنهن جي تري ۾ مون ڪجهہ رهائي ڇڏيو آهي.

● ساز جون اڪيون پيليون آهن، انهيءَ ڪامڻ جو ڪو علاج نہ آهي.

● تون پاڻ تي ڪيترو بہ پتل پالش ڪرين، سوني تہ نہ ٿي سگهندينءَ!

● سانجهيءَ جي بانگ اچي رهي آهي. سج، سمنڊ تي پنهنجي جاءِ نماز پٿاري رهيو آهي.

● مون رومي کي قونيہ ۾ چيو "اچ، مون سان گڏ ساڳيءَ صف ۾ نماز پڙهہ!" پوءِ جڏهن سجي پاسي منهن ڪري مون "السلام عليڪم ورحمة الله" چيو تہ ڪنهن ساڳي' لفظ دهرائي مون ڏانهن ڏٺو ۽ خلا ۾ جذب ٿي ويو. ڇا اهو منهنجو وهم هو؟ ۾ مون تہ زندگيءَ ۾ لکين ماٿهو سڄ پڄ

ڏنا آھن جي خلا ۾ جذب ٿي چڪا آھن. ڇا اھي سڀ وھم ھا؟

● يا خدا! ھاڻي تہ قبرستان بہ تشدد کان آجا نہ رھيا آھن، ماڻھو تہ منڪر نڪير کي بہ نٿو بخشي!

● ھي ھارَ آھي يا گل - لالا جو کيت آھي!

● غالب! اڄ تائين لالہ و گل ۾ ڪھڙي صورت ڳولي رھيو آھين؟

● منھنجي شخصيت ۾ اھڙا ڪھڙا شعاع آھن، جي ڪن ۾ مون لاءِ بي انتھا نفرت پيدا ڪن ٿا ۽ ڪن ۾ ان جي برعڪس بي انتھا محبت پيدا ڪن ٿا.

● ڇا مون جيان ٻيو بہ اھڙو شاعر ٿيو آھي، جنھن اڌ صديءَ کان وڌيڪ عرصي لاءِ بيٺل پاڻيءَ ۾ ڇپون ڦٽي ڪري لھرون پيدا ڪيون آھن؟

● خدا ڪُليت آھي ۽ ھر شيءِ اُن جي ازلي وجود ۾ سمايل آھي يا ھن جو وجود الڳ آھي؟ جي ڪا بہ شيءِ ھن جي وجود کان ٻاھر آھي تہ ھو ڪَليت نہ آھي ۽ سڀ جُز ھن ۾ شامل نہ آھن پر مون لاءِ اڃا اھو مسئلو آھي تہ ڇا ھو ھر جُز ۾ سمايل آھي؟

● جي خدا مٿيءَ جي ھر ذري ۾ آھي تہ بُرائي ڇا آھي؟

● ڇا آمريڪا جي جنھن حملي ۾ لکين عراقي ماريا ويا، اھو حملو اُن ازلي حقيقت جي منشا ھئي، جنھن کي اسان خدا چئون ٿا؟

ڇا اھا ھن جي ڪائي ٻيڪي واري رٿا ھئي جا تنھنجي منھنجي سمجھہ کان مٿي آھي؟ ڇا ان ۾ ڪا چڱائي ھئي، جا توھان لاءِ ھن وقت ڄڻي نہ آھي؟ ان مفروضي کان سواءِ، وحدت الوجود جي حقيقت ڪيتري بعيد از فھم ٿي پوي ٿي!

● ھو شعلہ نوا شاعر آھي. ھائو ھَن جا لفظ جھنم جا شعلا آھن!

● اي انقلابي شاعر! تو گل- لالا ڏٺو آھي؟ اھو بہ جَر ۾ جرڪندو آھي پر تو وانگر نہ!

● ڪڏھن تو پورھيت کي ننڊ ۾ ڏٺو آھي؟ ڪڏھن تو اھا دنيا ڏٺي آھي. جا ھوءَ ننڊ ۾ گھمندو آھي؟ تون جو رَتَ جون نديون وھائڻ چاھين ٿو. تنھنجو پورھئي سان ڪھڙو پيار ٿي سگھي ٿو؟

Gul Hayat Institute

- سياسي رهزن! توهان رڳو پنهنجو پاڻ لاءِ آهيو، ٻيا تولاءِ ذريعا آهن.
- هر سياست زهر جي پڙي آهي، ان کان پري پچ، جيستائين تون سقراط نہ آهين.
- سچا ماڻهو سياست ۾ ورلي ايندا آهن، سياسي ماڻهو سچا ورلي ٿيندا آهن.
- توکي ناهر جا ننهن ۽ هاتار جون هوڙون آهن، پر سياسي مُدبر! پاهران تون ڪيترو نہ ٽڌو ٿانهريو آهين!
- مان جو آئينا صيقل ڪندو آهيان، تنهنجي اندر جو آئينو ڏسي حيران ٿي ويو آهيان. ايتري ڪارنهن تہ مون ڪوئلي ۾ بہ نہ ڏٺي آهي!
- سچ سراڻ وانگر آهي، تون ڪيستائين زندگيءَ کي مَڏي چاقوءَ وانگر بند ڪري رکندين؟
- مان زندگيءَ جي تشريح نہ ڪري رهيو آهيان، تخليق ڪري رهيو آهيان، توکي تشريح گهرجي تہ تون پاڻ ڪر. تنهنجو ڪم بہ مان ڪيان ڇا؟
- تون مان اڃي ڪٿي مليا آهيون؟ توتي مُنهنجي نگاهہ پئي آهي، ڇڻ ٿر تي بادل برسيا آهن!
- بہ پهريءَ جو سج ٻري رهيو آهي. ونسينٽ وان گوگ سورج مکيءَ جي کيت جي تصوير ڪڍي رهيو آهي ۽ سج غور سان ڏسي رهيو آهي تہ هو ڪٿي سچو تو لڳي، سورج مکيءَ جي کيت ۾ يا مصوري ۾!
- شيطان صفتي کي ڪائي ڪشش آهي جا هڪ رهزن کي ٻئي رهزن سان ملائي ٿي. پوءِ اهي هڪٻئي جي خون جا پياسائي ڇو نہ هجن!
- هي مُرڪ ۾ ڪهڙو خنجر ڇُپايو ٿو گهمين؟

بروٽس! مان توکي هجوم ۾ هڪ نگاهہ سان سُڃاڻان!

- عورت تہ عورت آهي. مون کي اهو شوق ڇو آهي تہ هوءَ هر روز ڪِليوپيٽرا وانگر هڪ نئين عورت هجي.
- ڪرشن سوچيو "جي تاري پڇي پئي تہ ڇا ڪائي بہ گوپي مون کي بنسريءَ سوڌو جهول ۾ جهپي وٺندي!"

• رات موت تنهنجي گهٽيءَ مان ٿي ويو. تُنهنجي لاءِ نياپو ڏئي ويو تہ: ”منهنجو انتظار ڪجانءِ. مان سياڻي موٽي ايندس.“

• هي لاش آهن انهن جا جن آزاديءَ جا پير چميا ها. موت ۾ آزادي انهن جا پير چُمي رهي آهي، پر اُن کي ڪوئي ڏسي نہ ٿو سگهي!

• تو ڏاڍي جي بندوق نہ ڏٺي آهي، رڳو هيٺي جي ڇاتي ڏٺي آهي.

• لاش تہ ٽاڻي تي ڪٽي ويا فقط پهاڙيءَ تي رَت پيو آهي، چنڊ اُن تي اچا تري نظر وجهي وڃي رهيو آهي، نہ ڄاڻان هي ڪير آهن؟ ڇو مُئا آهن؟ ڇا لاءِ مُئا آهن؟ رت جو دُٻو سوال جي نشانيءَ وانگر آهي، عجب جي نشانيءَ وانگر بہ آهي، اڌ دم وانگر بہ ٿو لڳي. ڇا آزادي پنهنجو جملو پورو ڪري نہ سگهي آهي؟

• مون شفق مان هڪ گل پٽي تُنهنجيءَ چوٽيءَ ۾ لڳايو ۽ پوءِ شام جي سمنڊ ڏانهن ڏٺو!

• تون هيءَ حياتي ڪڏهن ٿو موٽائي وٺين، مان توکي وياج سان موٽائي ڏيڻ لاءِ تيار آهيان. هاڻي مون کي پنهنجي قرض مان آزاد ڪر!

• يا خدا! تو هي ڪهڙا زنجير مون تي وڌا آهن؟ نہ پاڻ ٿو لاهين، نہ مان ٿو ڇني سگهان!

• ڪنهن غلام کي بازار- عڪاظ ۾ وڪيو ٿي ويو. هن پاڻ موڪو ڏنو: ”آهي ڪوئي غلام، جو هن آقا کي خريد ڪري!“

• مان ازل کان آزاد آهيان، تون مونکي گرفتار ڪرڻ لاءِ سَوَ ترڪتال ٿو ڪرين، پر مان تنهنجي ڄار کي ڇني اُن مان بار بار نڪري ٿو وڃان؟

• جي سرمد منصف هجي ها تہ ڇا هو قاضي القضات کي واجب القتل قرار ڏئي ها؟

• تون جڏهن سياڻي اچين تہ مٿان مان نہ هجان! بهتر آهي تہ جي گل مون لاءِ آندا اٿيئي، مون کي هاڻي ئي ڏئي ڇڏ!

• ڪائنات ۾ ڪيتريون بہ ڪتيون ڇو نہ هجن! پر انهن جو مَٽ نہ آهن، جي تنهنجي ڇاتيءَ تي بہ قمقما ٻَري رهيا آهن.

• پروانا ڪٿي نہ ڪُتندا. هاڻي هي شمع وسائي ...

Gul Hayat Institute

● شمع کڏهن صبر ڪان ڪم ورتو آهي؟ اي آخري رات جا پروانا، مٿان تون به آگ جي لپيٽ ۾ نه اچي وڃين!

● جميله هاشمي! "دشت- سوس" پڙهي مون کي عجب آيو ته تون مون سان فقط هڪ پيرو ڍاڪا ۾ ملي هئينءَ، تو منهنجي سوانح عمري ڪيئن لکي؟

● ٻار! توکي ننڊ ۾ يادگيري آهي ته جاڳ ۾ تون ٻُڪيو هئين يا سُڪيو هئين؟

● ڏِس! سمنڊ منهنجي ڪمري ۾ پيهي آيو آهي ۽ مان اُن جي لهرن ۾ لڙهي رهيو آهيان.

● تون ڇو مون کان، منهنجي موت وانگر رُسي وئي آهين؟

● واڳون هٿ ۾ ۽ پير رڪاب ۾ رک ۽ اِهو چاڻ ته عمر جي گهوڙي کي ڪٿي روڪٿو آهي.

● شمع وسامي رهي آهي. ستارن جا ڏيئا هڪ هڪ ٿي ٻجهي رهيا آهن. اي پرهه! تون اڃا ڪيترو پري آهين!

● تون منهنجي سامهون ائين ويٺي آهين، جيئن شمع آئيني جي سامهون رکي هوندي آهي.

● ڇا مان تنهنجي ننڊ ۾ آهيان، جيئن تون منهنجي ننڊ ۾ آهين؟ ڇا آڳ اڳ ئي پرواني جي پرن ۾ جرڪندي آهي، رڳو نظر نه ايندي آهي؟

● ماديت پسند، ڪينه پرور، سازشي! تون انسانيت پرستيءَ جو لبادو پائي هاٿي مونکي ٺڳي نه ٿو سگهين. توکان ڀرواري مسجد ۾ مَلان چڱو آهي، اُن ۾ انسانيت جي رمق آهي. تون مردو به آهين ۽ ڳوريٽ به آهين ۽ پنهنجو مردو پاڻ کائي رهيو آهين!

● "پنهنجيءَ پيڙا کي سمجهڻ کانسواءِ خدا کي سمجهڻ ايترو جوکائتو آهي، جيترو خدا کي سمجهڻ کانسواءِ پنهنجي پيڙا کي سمجهڻ جوکائتو آهي." اها ڳالهه جڏهن پاسڪل لکي ته هو سوچي رهيو هو ته خدا پنهنجي ابهام مان نه نڪري ته چڱو آهي، ڇو ته هو ابهام مان نڪتو ته انسان ڪِنائيءَ ۾ پنهنجي بگاڙ پَرجهي نه سگهندو ۽ ٻنهي اونداهه ڇانئجي

ويندي تہ هن کي چارو نظر نہ ايندو.

● منهنجي دل آئيني پنيان ڪيئي آئينا ڏسي رهي آهي، جن ۾ تنهنجي تصوير نظر اچي رهي آهي. مٽان اهي سڀ آئينا تڙڪائي وجهين!

● تون دانشور آهين؟ تون دانش جي دعويٰ تو ڪرين. جا هڪ اٿاهہ سمنڊ وانگر آهي! ڇا تو غواصن جي ڳُت ڄاتي آهي، ڪنڌيءَ تي ڪوڏ ڪَنا ڪرڻ وارا!

● پنهنجو چهرو آئيني ۾ ڏسڻ چاهين تہ آسڪر- وائلڊ جو ڪتاب "ڊورين گريءَ" پڙهي ڏِس!

● مون پنائيءَ جي ساري آس نراس تي سوچيو آهي، جڏهن سياري جو اتر جي هوا لڳندي آهي يا جڏهن بسنت ۾ واهوندا ورندا آهن. ڪوسيون هوائون لڳنديون آهن ۽ ڏينهن ڏاڍا تپندا آهن. آن آس نراس کي اوهان ڏٺو آهي تہ اها زميني زندگيءَ سان واڪيل بہ هوندي آهي بہ ازل جي باري ۾ آس نراس بہ آهي. هن جي پنهنجي "پاڻ" جي باري ۾ آس نراس آهي ۽ جو بہ سچ پچ نراس هوندو آهي، اهو نہ ڄاڻندو آهي تہ هن ڪان پوءِ ڇا ٿيندو. هو سمجهندو آهي تہ هن جي نراس جو سنهنڌ ڌرتيءَ سان آهي، سچ پچو تہ اَهو اَننت سان آهي.

● جڏهن بہ دروازي تي کڙڪو ٿئي ٿو، مونکي ان تي تنهنجي دستڪ جو گمان ٿئي ٿو، پر جڏهن مان دروازو کوليان ٿو تہ بہ ڪنهن کي موجود نہ ڏسان. مان ڪيستائين تنهنجو انتظار ڪيان؟ پر اهو سوال تہ اجايو آهي. مان سراپا تنهنجو انتظار ٿي چڪو آهيان، تنهنجي غير موجودگي منهنجو وجود ٿي چُڪو آهي ۽ تنهنجي پيار سان ئي منهنجي زندگيءَ ۾ اعتبار وابستہ ٿي چڪو آهي. تون جا اڳي پوءِ اچڻي آهين ۽ ڪڏهن ۽ ڪيئن جي سَڌ ڪنهن کي نہ ٿي ڏين!

● هي انهن جا لاش آهن، جي بي سبب ماريا ويا آهن، ڇا اهي مان تقدير جي ڪاتي ۾ تنهنجي نالي لکان؟ تون اهو قرض لاهيندين تہ ضرور پر ڪڏهن؟

● ڇا تون ڄاڻين تہ ڏيڏرَ تلاءَ ۾ ٽپو آپگهات لاءِ نہ ڏيندو آهي!

● اي دهريت پسند! منهنجو اوهان کي هڪ ئي جواب آهي:

"اسان چاهيون ٿا ته اسان ضروري هجون. انهيءَ اسرار مان اُيري اچون جو اوس ٿيڻو آهي. اٽل هجون. ازل کان وٺي مقدر جو تسلسل هجون. سڀ مذهب، گهڻو ڪري سڀ فلسفا ۽ سائنس جو هڪ حصو پڻ، انسان جي انهيءَ دليريءَ واري، اورچ ۽ اڻٿڪ آدم جو ساکي آهي، جو هوُ انهيءَ انڪار ۾ ڪري رهيو آهي ته آنءُ ڪوئي اوچتو واقعو نه آهيان."

ڇا اهي لفظ لڳ ڀڳ جيڪس مونا د جا آهن؟ نه اهي لفظ منهنجا به آهن، ڇو ته مون ساڳيءَ ريت سوچيو آهي. رڳو مونا د مون کان اڳ انهن کي اظهاريو آهي.

● اڄ ڪيڏي نه گهري ننڊ اچي وئي هئي؟ جي مان نه اٿان ها ته....؟

● مون شفق مان گل چُني هُن جي ڊگهي چوٽي ۾ لڳايو، پر شايد هُن نه ڏٺو!

● اي خدا! منهنجي ڪنجهڪار به تون. ڪُرلاهو به تون. منهنجي دوا درمل به تون آهين. هي ويڄ طبيب ڇا ٿا ڪن؟ ڇا اهي منهنجي هڪ گهڙي وڌائي يا گهٽائي سگهن ٿا؟ ڇا انهن جا چوڪيدار منهنجي روح کي روڪي سگهندا، جڏهن اهو اسپتال مان ٻاهر هليو ويندو؟

● مون کي سَمنڊ تي سج ٻيرين پئي چيو: "تون ڪجهه وقت جيءُ! تنهنجي جاءِ تي مان تو ٻڏان."

● ڇتي ڪُتي جي ڳگ وهي رهي آهي، تون اڃا عُرفيءَ کي ياد ڪري رهيو آهين؟

● تنهنجي تصوير سوَ پورا ٿي وئي آهي. تون سمجهين ٿو ته تون اها ڪنڊي سگهندين!

● هي دونهين جا بادل آهن يا گهٽائون آهن؟ انسان! فطرت سان ڪيڏو نه ڪُونسي رهيو آهين!

● مون ڪنهن مذهب جي بنيادي فلسفي ۾ ايتري بُرائي نه ڏٺي آهي. جيتري ڪميونزم ۾ آهي!

● سنڌ جا سپوت! ڇا تو انهيءَ جو تعين ڪيو آهي ته سنڌي ڪنهن

Gul Hayat Institute

ڪي ٿو ڪوٺين؟

● نفرت، حسد ۽ غداري جيتري سنڌي قوم ۾ آهي، اوتري شايد ئي قوم ۾ هجي! ڇو؟ ڇو؟ ڇو؟

● "خدا ماڻهوءَ کي پنهنجي تصور تي ٺاهيو ۽ هوبهو ائين ٺاهيو، جيئن خدا جي باطن ۾ آهي. انهيءَ ڪري ئي انسان جو باطن هن لاءِ به قابلِ فهم نه آهي. ڇو ته اُن ۾ خدا جي تصوريت آهي."

(سينٽ آگسٽين)

ڇا تصوف جي بيان لاءِ مون وٽ ان کان بهتر لفظ آهن؟

● مون هُن کي چيو "جي تون سورج مُکي ٺاهي نه ٿو سگهين ته ان ڳالهه تي اعتبار ڪر ته ان کي خدا ٺاهيو آهي."

● مون تولاءِ پنبڻين سان ٻُهاريو هو، پر جڏهن توسان پلڻ اٽڪيو ته تنهنجي ٻَج ٻَج مان بوءِ اچي رهي هئي.

● ڪتي جي ذات پڇاڻڻ لاءِ نِڪَر جي دانگي ته ئهيو جي سوني جي ٿالهي به پچي پوي ته قيمت ڪِري نه آهي.

● رات اکين ۾ ڪاتجي وئي. ڇاڇا نه اکين اڳيان ڦري ويو! نيٺ توکي سمجهي ويس ۽ توکان اکيون ڦيري ڇڏيم.

● جڏهن کان تنهنجو پاڻي ڪچي ڇڏيو اٿم، تڏهن کان پاڻيءَ مان نه ٿو نِڪران. نه وري تون مونکي پاڻيءَ مان ڪڍي ٿي سگهين!

● تنهنجيءَ ڪاڪ کي ڪهڙا تَڙ آهن؟ ڪتي ڪتي نينهن اُجل ڏني اٿي؟

● توکي ڪهڙا پيرا چيو هيم ته: "ان کي سنڀالي رکجانءِ، هي دل آهي، شيشو نه آهي. جو ٽُٽي ته وري ڳنڍي سگهجي."

● جڏهن کان دِل تان ڪِري پئي آهين، ڪنهن تحت السرا ڏانهن وڃي رهي آهين، اچا ته ڪِري رهين، ڪِري رهين، ڪِري رهي آهين....

● چنڊ پيلي سمجهي ته هوَ آسمان ۾ آهي. چشمي ۾ هو ڪارونجهر جي پيرن ۾ هوندو آهي.

● تو منهنجي محبت جو قدر نه ڪيو. تون ته مُرجهايل پيلي گلاب وانگر ٿي وئي آهين. اها مُڪڙي به نه آهين، جنهن کي مون سنگهي شاخ تي

ڇڏي ڏنو هو!

● مان توکي شاعريءَ ۾ اَمر ڪيو آهي يا تو منهنجي شاعريءَ کي امر ڪيو آهي. اهو سوال مُنهنجو تہ نہ آهي! امرتا تہ تون آهين، هٿ ۽ پير تہ تنهنجا آهن، منهنجي شاعري تہ رڳو انهن تي ميندي‌ءَ جا گل آهي.

● پوئر ڪنول کي ڳوليندو آهي يا ڪنول پوئر جي انتظار ۾ هوندو آهي. ڪيئن چئجي!

● افسوس انهيءَ موتيءَ تي، جنهن کي هنس نہ چُڳيو آهي!

● پاڳل جي اولاد! تنهنجي گهر کان گدوبندر تائين رِڪشا وارو گهڻو وٺندو؟

● دوستو وِسڪيءَ جي اها چوٽي تہ: "جي خدا نہ آهي تہ پوءِ هر ڳالهہ روَا آهي" ڪيڏي نہ صحيح آهي! مان اِن ۾ چا تو وڌائي سگهان!

● مون پانهن تنهنجي هٿ مان ڪڍي ورتي آهي، هاڻي لهرون ۽ لوڏا تنهنجو مقدر آهن.

● مان ائين پتائي نہ آهيان، جيئن ڪاليداس ۽ ٽئگور نہ آهيان. نہ وري آهي ٿئي مون وانگر هُيا. منهنجو وجود پنهنجو آهي، جو مون ڪنهن سان نہ ورهايو آهي ۽ نہ ورهائڻ لاءِ تيار آهيان.

● ميان سرمستي تہ چڱي. مون کي خرمستيءَ سان نہ پوندي آهي.

● ڪبير! ڪورڪو پاڙو شڪارپور ۾ منهنجي گهر کان سوَ قدم پري هو.

Gul Hayat Institute

● هن سنڌي ڪنڌ جي تاريخ ۾ شاعر ٿيا گهڻا آهن؟ جو تو وات کولائين؟

● ساريءَ دنيا ۾ ڏهاڪو شاعر مس ٿيا آهن، شايد مون انگ وڌايو آهي!

● اهي جيڪي نوبل پرائيز ڏين ٿا، انهن کي مشرقي شاعريءَ جي "شين" جي بہ خبر نہ آهي!

● منهنجيءَ عظمت کي سمجهڻ لاءِ توکي سنڌي ٿيڻو پوندو، پيءُ ڀلايءِ ۾ تون مون کي پڇي بہ نہ سگهندين!

● ڏيڏري نعل هٿائي تہ ڇا دريا خان جو گهوڙو ٿي سگهندي؟

● مون موت کي چيو تہ "ايتري مهلت ڏي تہ هي رابيل جو گل سنگهي وٺان!"

● "اننت ۾ ٻيو ڪُجھ بہ نہ آهي، نہ ڪالھہ آهي، نہ سڀاڻو آهي، رڳو هاڻي آهي." (ميسٽر ايڪهارٽ)

پر ڪلھہ ۽ سڀاڻي تہ سپنا آهن، "هاڻي" ساپيا آهي. ڇا اهڙي ساپيا منهنجيءَ ڪويتا کي راس ايندي؟ مان ڀانيان ٿو تہ منهنجيءَ ڪويتا کي اننت جي لوڙ نہ آهي، جنهن ۾ تون ۽ مان ٻئي الوپ ٿي وڃون. ڳوليون بہ تہ هڪٻئي کي پائي نہ سگهون!

● اردو ٻوليءَ ۾ ڪلھہ ۽ سڀاڻي لاءِ هڪ ئي لفظ "ڪل" آهي. اهو مانهو ڪهڙو نہ سياڻو هوندو، جنهن اهو لفظ ڳولي ڪڍيو هوندو؟

● اڙي موت! وري تاڪ جي وٽيءَ مان ڏسين ٿو تہ مان لڪان ٿو پيو! ٿورو صبر نہ ٿو اچيئي؟

● او سڪ ڦٽا مَن! توکي ايتري ڦٽ ڦٽ ڇو آهي؟ ڪجھ ساهي ڇو نہ ٿو پٽين؟ ڏس هيءَ نينگري ڪيتري نہ صورت وَند آهي. ڇا خدا تو ڏانهن تنهنجي جنم ڏينهن تي پنهنجي سوکڙي ڪري موڪلي آهي؟

پرستش کے یاں تک کہ اے بت تجھے،
نظر میں سبھوں کے خدا کر چلے۔
(میر)

Gul Hayat Institute

مير! جي تون هُن کي گهوري ڏسين ها تہ تون پرستش کانسواءِ بہ مقصد حاصل ڪري سگهين ها.

● عمر خيام ساريون رباعيون ڏئي، تو جهڙو هڪ مصرعو تخليق نہ ٿو ڪري سگهي.

● عطار! ڇا خدا گل ان لاءِ پيدا ڪيا آهن تہ تون انهن مان عطر ڪڍين؟ انهن کي ڇڏي ڏي تہ پل هوا ۾ لڏن!

● ڪيڏو مينهن وسي رهيو آهي! ڇا هي توبهہ جي موسم آهي؟ ڇا ٿوري وٿي ڏي!

● چيني پيغمبر لائوٽسي چيو آهي: ”دنيا ۾ ڪروڙين شيون آهن جي ڪنهن شيءِ مان پيدا ٿيون آهن، جا خود ”ڪنهن به شي“ مان پيدا نه ٿي آهي.“

ڇا چيني پيغمبر سڀ ناستڪ ها؟ لائوزي ناستڪ هو. ڪنفيوشس ناستڪ هو. ٻڌ ناسڪ هو! اهي ڪنهن به خدا جي وجود ۾ اعتبار نه ڪندا ها ء مائو، جنهن جي ڪڇ ۾ ڳاڙهو ڪتاب هو. پاڻ کي انهن کان به وڏو ناستڪ سمجهندو هو. انهيءَ جي شاهي ٻت کي ڳچي ۾ زنجير وجهي چيني عوام بيجنگ جي چؤنڪ تان لاهي ڪنهن گدام ۾ بند ڪيو.

● مائوءَ ڪنفيوشس جو مندر ڊهرايو هو. هن جو پنهنجو ڪوئي مندر نه آهي، چيني پنهنجي زندگي خدا کانسواءِ گذاري سگهن ٿا. گهڻ ۾ گهڻ صدين کان گذاري اٿائون. ڇا هو روح ۾ ڪائي خلا محسوس ڪن ٿا؟ جي هو خلا نه محسوس ڪن ها ته مشهور چيني ڏاهولن يوتانگ نه چوي ها ته، ”خدا کانسواءِ مان پاڻ کي يتيم ٿو محسوس ڪيان.“

● مائوزي تنگ ۽ هوچي منه- واهيات شاعر ته هيا پر ڇا هو وڏا انقلابي ها؟ انقلاب! ها... ها... تو ته اخبارن ۾ پڙهيو هوندو، ڪيترا چيني، ويتنامي جي. ويتنام جي سرحد تان سمنڊ ۾ ڏڪيا ويا ها، سمنڊ ۾ ٻڏي مئا ها!

● ڇا هي تون هئينءَ جا اکين اڳيان ترڪي وئين؟ منهنجي اکين ۾ ڳوڙها ڇو اچي ويا؟ مان اهي هار ٻي ڪنهن کي ته نه پايان ها!

● تون منهنجي ۽ موت جي وچ ۾ اچي وئي آهين، مان توکي هٽائي به ته نه ٿو سگهان!

● تون مون ۾ رهندينءَ، مان جتي به هوندس. هن ڌرتيءَ تي يا ڌرتيءَ کان ٻاهر.

● اڄ توکي ڏسي مون محسوس ڪيو آهي ته منصور جي هر انگ مان ”اناالحق“ جو نعرو ڇو ٿي نڪتو!

● اهڙيون ڪاريون اکيون ته ڪنهن هرڻيءَ کي به نه آهن، نه اهڙا ڊگها وار گهنگهور گهٽائن کي آهن!

Gul Hayat Institute

● ڇا خدا منهنجي حسن جي تصور کي مجسم ڪيو آهي؟ ڇا مان تو ۾ ساهه ڦوڪيان ها تہ ٻي نموني ٺاهيان ها، تون ڇا قوس- قزح وانگر آهين ۽ جنهن کي بادل ڏسي حيران آهن تہ اهڙا رنگ تہ اسان اڳ ڪڏهن بہ نہ ڏٺا آهن!

● اديبو! شاعرو! شعر ۽ ادب صديون جرڪندو رهي ٿو. سياست دان گهڙيءَ جا گهاڙو آهن. اوهان انهن جا جڙوٽا نہ ٿيو!

● هي مارڪسزم جي باقيات جي سياسي محرقي ۾ ٩ .ٽلا آهن، انهن جي ويجهو نہ وڃو! ائين نہ ٿئي تہ انهن جا جيوڙا اوهان کي لڳي وڃن!

● مون اوهان کي بار بار چيو آهي تہ اُهي بہ خدمت ڪن ٿا جي ترسن ٿا ۽ تاڙ رکن ٿا. وهلور نہ وڃو، ابتيون سُبتيون اوليون نہ هڻو، تاريخ جي ڌارا سِڌي وڃي رهي آهي ۽ اوهان جي ناوَ پنهنجي منزل- مقصود تي پهچڻ واري آهي.

● اوهان ۾ جي نفرتون مارڪسزم پيدا ڪيون آهن، پهرين انهن مان جان ڇڏايو. اڳيان نعرا اوهان لئہ جڙورن تي پيا آهن ۽ اوهان کي رت پوٽو ڪري ڇڏيو اٿائون. مان ڏسان ٿو تہ سنڌ تي سج اُڀرڻ وارو آهي، في الحال هيڏانهن هوڏانهن اجايون هٿورازيون نہ هڻون!

● رهزن اوهان وٽ رهنما بڻجي اچن ٿا. اوهان ۾ انهن جي اڳواڻيءَ جي اور انڪيل آهي. هو اوهان کي چون ٿا تہ پنهنجا هڏ پيچي، باهہ ۾ ڦٽي ڪيو تہ پيڙ مچي! هوَ پنهنجا هڏ، پنهنجي اولاد جا هڏ، ان اڳ کان پاسي رکڻ چاهن ٿا. رڳو اوهان تي مچ مچائي هٿ سيڪڻ چاهن ٿا. تاريخ ڪيترو وقت سبئاندي ۾ رهندي؟ اها توهان لاءِ مچ پاڻ ئي ٻاريندي.

● هي جي رڻ جا راهي آهن. اهي قافلو بہ ناهي نہ ٿا سگهن. پنهنجا پنهنجا سنک هلائي، اوهان کي مختلف ڏس ڏسن ٿا. انهن کان پاسي رهو، اهي اوهان کي رِڻ ۾ رلائي ماريندا.

● هي ٻيندَ، هي تڏا، هي نتوٺان، ڪڪڙَ جا ٺرا، هي جو ٽوپي ٽنڊ تي رکي هلن ٿا، هي پَچ ڪڙا، پوءِ ڊاوا، اهي اوهان وٽ رڳو ڪڪڙوڪون وجي ڇڏيندا، انهن کان پاسي رهو. اهي رڳو اوهان کي ڊوَ تي ڪوڪلا نعرا ڏئي رهيا

آهن تہ. 'سنڌ ٻڏي رهي آهي' انهن مان گهڻا درياھ جو وهڪرو سڃاڻن ٿا؟ هو ڏنڌ ۾ اها ناوَ ڏسي نہ ٿا سگهن. جا سنڌ کي پنهنجيءَ ڪنڌيءَ ڏانهن وٺي وڃي رهي آهي.

● تون ٿو چوين شاھ سير سفر ڪيا ها. هائو ڪيا ها پر هُن پوئين اڌ عمر رڳو پٽ تي گذاري هئي جا ڪائنات ڪان وڏي هئي.

● تون ان تي فخر نہ ڪر تہ تو پيالا نہ پيتا آهن ۽ ان ڪري تنهنجي هانءِ ٻُوٽي نہ پئي آهي. تو پنج سال وڏيڪ جيئين تہ ڇا؟ تو اهڙيون پنج سٽون بہ نہ لکيون آهن. جي امر آهن. تو اهي گهڙيون وڃايون آهن جي حافظ ۽ خيام جي حصي ۾ آيون هيون.

● توکي اها خبر آهي تہ تنهنجي اڳين پيرو مرشد اسٽالن ۽ ان جي پالٽبيورو جو ڏينهن، رات ڪان پوءِ شروع ٿيندو هو ۽ هُو ساري ساري رات ويٺا ها ۽ حڪومتي امور تي فيصلا ڪندا ها؟

● تون خدا کي ڏسي سگهندين؟ هونءَ تہ منهنجو سينو ڪوھِ طور آهي!

● سولزي ٽتسن مغرب کان پڇيو هو: " روس ۾ ڪيترو وقت صليب گدام ۾ پئي رهندي ۽ يسوع ڳوليو نہ ليندو؟"

● فيض، زندان جي دريچي ۾ صليبون ڏٺيون هيون.
ڪاش هو ڇاتي سگهي ها تہ ڪنهن جي لاءِ مصلوب ٿي رهيو آهي!

● مان نتشي هجان ها تہ ڪوچہ و بازار ۾ چوندو وتان ها: " ڪنهن ڪان نا ڊڄو. موت مري چڪو آهي."

● نتشي جو زردشت ساں ڇا وڃي! ڇا هن اُها ازلي آگ ڏٺي هئي. جنهن ۾ سڀ ڪجھہ ازل تائين جرڪي رهيو آهي؟

● ايترو گم سُم آهيان. جڻ دل ڪٿي وساري آيو آهيان!

● سبط- حسن! ڇا تون ڇاتين ٿو تہ عمر خيام جي پيدائش وڏي ۾ وڏو انقلاب- ايران آهي.

● تون لابي تہ آهين. انقلابي نہ آهين.

● اي هيڊ ڳڙيءَ جا پساري! هاتي ڪوئامار ۾ ڪٺن تو لڳين؟

Gul Hayat Institute

- ڏکيءَ عمر وارو، ڏکي قد واري وانگر عقلمند گهٽ ٿيندو آهي.
- تنهنجو رباب تہ قاتل آهي، جيڪو رڳو اڳيان هلائي رهيو آهين!
- لينن جا پوٽلڳ ائين ختم ٿي ويا، جيئن حسن بن صباح جا پوٽلڳ ختم ٿي ويا ها. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ اڄ بہ ڪجهہ ماڻهو حسن بن صباح کان متاثر آهن.
- پاڳل خانو تہ ڍهي پيو. پاڳل سوچي رهيا آهن تہ هاڻي مٿو ڪٿي ڇُپايون؟
- اڃا ويهين صديءَ ۾ ٿو رهين! ايڪويهين صدي مٿان اچي وئي آهي.
- انتخاب ٿو چاهين يا انقلاب ٿو چاهين؟ جي انقلاب ٿو چاهين تہ چو ٿو چاهين ۽ ڪهڙو ٿو چاهين؟
- انقلابي! توکي ڪتر ۾ چنڊ پسند آهي، تون ان کي سنڌوءَ جي ڇولين ۾ ڏسڻ نہ ٿو چاهين!
- ڪي ماڻهو پنهنجي خول مان نڪري نہ ٿا سگهن. تو گهريتڙي ڏٺي آهي نہ؟ اها مٽيءَ جو گهر ٺاهي، اُن ۾ پاڻ کي پوري جڙيندي آهي. ڪي ماڻهو ائين ٿين ٿا.
- توکي تہ انقلاب جي خوني رنگ واري عينڪ پيئي آهي. تون حقيقت کي اکين ۾ ڇا گهوري سگهندين؟
- حقيقت تيزُ گهوڙي تي ڊوڙي رهي آهي ۽ تون واريءَ تي منڊي وانگر آهين. تون اُن کي ڪيئن پُڄي سگهندين؟
- ٿوري ٿيڪر تي اچيئي تہ نوڙيءَ تي ٿو گهمين! اهو نہ ٿو ڏسين تہ نوڙي ڇڄي پئي آهي ۽ هيٺان ٻرندڙ ٽانڊا آهن؟
- ڇا ڪوئي پٺاڻيءَ جو تر ڪٿي ٿو وڃي؟ نہ وري ڪوئي پالوا مان مارئي اغوا ڪَري ٿو سگهي. هوءَ اڃا تہ گهڙو ڀري رهي آهي، جو ٿمٿار ٿي ڇلڪڻ وارو آهي.
- ياسر عرفات مان اُتساهہ وٺڻ وارا! ڇا تو ڪڏهن يروشلم جي تاريخ پڙهي آهي؟
- اڄ هڪ دفنائي آيئہ، سڀاڻي ٻيو دفنائي ايندؤ. پرينهن ٽيون، هن

Gul Hayat Institute

ڌرتيءَ جو پيٽ پرجهڻو نہ آهي.

● چا مجاز حقيقت جي پل آهي. مجاز تہ اهو درياهہ آهي، جنهن ڪيئي پُليون لوڙهي ڇڏيون آهن.

● مجاز هر حقيقت کان وڌيڪ خوبصورت آهي.

● ڪاش! مجاز کي پائندگي ملي سگهي! ڪاش گلاب ٽِڙي وري نہ مرجهائجي!

● فنا کي جا سونهن آهي سا بقا کي ڪٿي! اها تہ الوٽي، اڻ سجلائتي آهي، اُن ۾ اجائي اڪارٿي ڊيگهہ آهي، خالي پيلي پٽاڙ آهي.

● رات مون لاءِ پيلي کان پيلي مَس ڪُپڙي آهي. مان ۽ چنڊ ساڳي اوجهي وٽ وديارٿي آهيون.

● اي خوبصورت وَل! تون انهيءَ وڻ تي چڙهي رهي آهين، جو سائو نہ رهيو آهي.

● ايتري خوبصورت! ڪُن فيڪون وقت تون ايتري خوبصورت تہ نہ هئين!

● اي ازلي حقيقت! جي تون هن عورت جيتري خوبصورت آهين تہ تون مون کان جدا ڇو ٿي هئينءَ؟

● چا چنڊ ڪوئي گل آهي؟ اُن ۾ تنهنجي سڳنڌ آهي.

● خوبصورت گل چيو، "تون مون کي تاريءَ تان پٽين نہ ٿو؟ مان تنهنجين آڱرين لاءِ آتو آهيان." مون گل کي چيو: "منهنجون آڱريون بہ تولاءِ آتيون آهن، پر مان توکي چنڻ نہ ٿو چاهيان، تون تاريءَ تي خوبصورت ٿو لڳين."

● ڪيئين ڇنڇي ڪيتريون صديون تنهنجون اکيون مون ڏانهن ڏسي رهيون هيون! مون رڳو توکي هڪ پيرو ڏٺو ۽ ڪنڌ جهڪائي ڳالهائيندو رهيس.

● مون يسوع کي چيو: "توکي مصلوب ٿئي تہ بہ هزار سال ٿيا. تو واري صليب اڃا پڳي نہ آهي؟"

● قراة العين طاهره! جڏهن جلاد توکي گهٽو ٿي ڏنو تڏهن بہ خدا

يُحب الجمال هيو؟

● ڇا تون ڄاڻڻ چاهين ٿو ته خدا ڇو آهي ۽ ڇا آهي؟ ههڙو خوبصورت مکڙو هتي ۾ جهلي اهو سوال ڪيئن ٿو پڇين؟

● مون ته ڪمري کي اندران بند ڪري ڇڏيو آهي. تون بار بار ڪيئن ٿي هلي اچين؟ ڇا تون منهنجي شاعري آهين؟ منهنجي ’مون‘ جو حصو آهين؟

● ميري ماجدلين يسوع جي پيرن وٽ ويٺي هئي ۽ هن جا ڏکها وار ڌرتيءَ تي ڪِري رهيا ها. اوچتو صليب تان رت ڦڙا هن جي ڳلن تي ڇڪيا ۽ هن جي ڳوڙهن سان گڏ ڪري، مٽيءَ ۾ سمائجي ويا. مان جو اڄ به ٻنهي کي ڏسي رهيو آهيان، سوچي رهيو آهيان ته واقعي رت ڦڙا ڳوڙهن کان وڌيڪ مقدس ها؟

● مان توکي اکين ۾ ڏسي نه ٿو سگهان! انهن ۾ ته ڪيئي صديون آهن جي مون کي سمنڊ جي واريءَ وانگر لوڙهي وڃن ٿيون.

● بودليئر! گناهه واقعي گل جيترو خوبصورت هوندو آهي، پر اُن ۾ خوشبو نه ٿيندي آهي.

● غالب! تون واقعي ’گلشن- ناآفريده‘ جي عندليب آهين، پر اهو گلشن اڃا تائين ته پيدا نه ٿيو آهي؟

● ائفرو ڊانٽي! تون اُن وقت منهنجيءَ زندگيءَ ۾ ڇو نه آئينءَ، جڏهن مان آپالو هوس؟

● ڇا تون ۽ مان اڳي بيئيٽرس ۽ ڊانٽي ته نه هياسين؟ تون منهنجي زندگيءَ جي جهنم ۾ ڇو آئي آهين؟

● ”شاخ- نبات!“ حافظ چيو: ”تون منهنجي هر غزل کان وڌيڪ پياري آهين، تنهنجا چپ ڪنهن به غزل جي مطلع کان وڌيڪ شيرين خوبصورت ۽ مترنم آهن.“

● مون ننڊ مان اک پٽي، ڪڙڪيءَ مان جهونجهڪڙي جون ريکون ڏٺيون ۽ خدا جو ٿورو مڃيو ته مون کي هڪ ڏينهن ٻيو به ڏنو آٿائين. انهيءَ جو امڪان به هو ته مان اک ئي نه پٽيان ها ۽ ابدي ننڊ ۾ هليو وڃان ها.

Gul Hayat Institute

جنهن ۾ ڪنهن نہ ڪنهن وقت وڃتو آهيان.

مون خدا جو ٿورو مڃيو تہ هن مون کي هڪ پيرو پرهہ جا پکي پيهر ڏيکاريا آهن جي آسمان ۾ اڏري رهيا آهن يا اچا وڻن ۾ چون چون ڪري رهيا آهن يا منهنجيءَ بالڪنيءَ جي ٻاهران رکيل ٺڪر جي ٻاٽ مان پاڻي پي رهيا آهن ۽ چوڳو چڳي رهيا آهن (منهنجيءَ زندگيءَ ۾ سڀ کان چڱو ڪم اهو آهي تہ رات جو مان انهيءَ ٻاٽ ۾ پاڻي ۽ چوڳو وجهي سمهندو آهيان. انهيءَ آس سان تہ پرهہ جو اُتي اُن تي پکيئڙن جو ميڙاڪو ڏسندس)

مون خدا جو ٿورو مڃيو تہ هُن وري مون کي صبح ۽ شام جي شفق مان سورج مُکيءَ چنڊ جو وجهو ڏنو آهي.

مون خدا جو ٿورو مڃيو تہ ساڻوڻ جي مُند آهي، ممڪن آهي تہ ڪاريون گهٽائون اُڀري اچن ۽ مان انهن جي موسلا ڌار مينهن ۾ وري وهنجي سگهان. اوچتو منهنجيءَ دريءَ مان ڪو پوپٽ اُڏري آيو. مون ان جو آڌرڀاءُ ڪري ان کان پڇيو تہ ڇا هُن جو پيغام آندو اٿي، جنهنجا رنگ تو وانگر خوبصورت آهن ۽ جنهن کي پرن کان پڪڙي، خدا منهنجي هٿ ۾ ڏنو آهي ۽ ان جي پرن جي سلامتيءَ لاءِ منهنجا هٿ ذميدار آهن.

مون خدا جو ٿورو مڃيو تہ مون کي هر سنساري ٻنڌن کان آجو ڪري، هڪ ئي ڪرتڪار ڏني اٿائين تہ ڪويتا لکان ۽ اُهين لکان جو ان مان منهنجيءَ جوانيءَ يا پيريءَ جو پتو نہ پوي. پر مون اڃا تائين هن جو هڪ ٿورو بہ نہ لاٿو آهي. مون اڃا تائين اهڙي ڪويتا نہ لکي آهي، جنهن ۾ هن جي اهڙي عبادت هجي، جا روز سج، تارا ۽ ڪتيون ڪن ٿا. مون اڃا تائين اهڙي ڪويتا نہ لکي آهي، جا پکين جي گيتن ۾ آهي. جي عبادت ڪانسواءِ ڪجهہ نہ آهن.

اي خدا! تون مون کي اڃا ڪجهہ ڏينهن ڏي تہ مان تنهنجو ٿورو لاهيان. مان گيت اُهين ڳايان، جو انهن جي اڳيان هر عبادت جهڪي لڳي.

اي خدا! مان تنهنجو پوءِ بہ هڪ ٿورو بہ لاهي نہ سگهندس، تون تہ اکٽ پندار آهين. منهنجيءَ جهول ۾ ڪٿا آهن گهٽا؟ مان توکي ڇا آڇي سگهندس. مان توکي ڇا آڇي سگهندس؟

● نتشي! ڇا تون زردشت کي سمجهيو به هو يا هُن جي پيغام کي توڙي مروڙي پيش ڪيو هو، جيئن اڳتي هلي اُهو ڪيئي نازي پيدا ڪري؟

● تون چنڊ جو ڪٽر ۾ پاڇو هُئين؟ توکي ڏسي مون پڇتايو آهي؟

● اي وديا پتي! تو اهڙي ماڪيءَ جي مک ڏٺي هئي جا گل کي نه سمجهي اُن ڏانهن اُڏري وئي هجي؟

● تاريخ جي نديءَ ۾ ترندي مون سان ڪيترائي تيراڪ (تارون) مليا آهن، جي ٻڏي ٻي پار وڃي نڪتا آهن.

● ڇا هي منهنجي وات ۾ مانيءَ گرهه پويون گرهه ته نه آهي!

● اي آگ جي دريا جي مصنف! تنهنجي ڪتاب جو نالو بي معنيٰ تي چُڪو آهي. ڏس ايران جي نار ۾ پيٽرول جا هزارين ٽَن وهي رهيا آهن!

● ”مير درد!“ مون پڇيو: ”هي سڀ ڪيڏانهن ويا؟ ڇا اسان کي به ساڳي راهه تي هلڻو آهي يا تنهنجي منهنجي راهه الڳ آهي.“

● ”ٻلي شاهه! دنيا ڍونڊ جا طالب، واقعي ڪُتا آهن!“

”اڄ ته تون مان پنهنجي الڳ دنيا وسايون.“

● ”مادول لال حُسين! تنهنجي نالي تان سِرُ صدقي، شال تون جڳا جڳ جيئين!“

● ”ميان مِير! اُتي ته دارا کي ڳولي لهون! هو ڪيڏانهن گم ٿي ويو آهي؟“

● تنهنجو شڪر آهي منهنجا رب! اڄ مون کي اڌ مانيءَ پورو ڪتاب نصيب ٿيو آهي.

● ٻڌ! تو مون کي ڪهڙو ڏک ڏنو هو؟ مان اُن وقت انهن جي پنٽان بيٺل هوس، جنهن وقت ڪنهن کي بيمار ڏسي، تو ۾ ڪَهل اُپري هُئي، ٻيهاپو ڏسي توکي ٻاجهه آئي هئي ۽ ماڻهوءَ جو مرتبو ڏسي، تنهنجو جيون مان موهه کڄي ويو هو. ائين ڇو ٿيو ته انهن ساڳين ڳالهين منهنجو جيون ۾ موهه وڌايو؟

● يا خدا! مون کي نانگ کان ڏنگاءِ.
ڪنهن همعصر سان نه ملاءِ.

اي ذوق! تو چيو آهي:

اے زوق کسي همدمِ- ديرينہ کا ملنا،
بهتر هے ملاقاتِ- مسيحا و خصر سے.

Gul Hayat Institute

ا پر جيڪڏهن ڪنهن جا مسيحا ۽ خضر ئي فقط همدم- ديرينه هجن ته پوءِ؟

● ماڻهو يا برا آهن يا چڱا آهن. وچ ٿرو ڪوبه نه آهي ۽ جي ڪوئي وچٿرو آهي ته ان جهڙو برو ڪوئي نه آهي.

● ”اڙي! هي ته مون سان پڙهيو آهي. هي ايترو مٿي ڪيئن پهتو آهي.“

”احمق! ڪي هنومان وانگر ٻاهران باندرسئنا جو حصو لڳندا آهن، پر هڪ ئي ڇلانگ سان نانگا پربت تريءَ تي ڪٽي ويندا آهن.“

● ”توکي نندڙو ٻار ڏيان يا رابيل جو گل ڏيان؟“

”جيڪي به ڏين، مون لاءِ ٻئي هڪجهڙا آهن.“

● ٻاهران رڍ جي کل پاتي اٿي! بگهڙ. تون رڍ جون اکيون ڪٿان آڻيندين؟

● جي تو ماڻهو اکين مان نه سڃاتو، ته هن کي ڪڏهن به سڃاڻي نه سگهندين.

● اڻين ته نه آهي ته يسوع جي رات جي پوئين، مانيءَ ۾ مان به شريڪ هوس؟

● ڊچ انهيءَ وقت کان جڏهن تون به جاندهه ۾ پيسبين!

● تون. تقدير کي نه ٿو مڃين، تقدير جا تنهنجي پٺيان ترار اُڀي ڪري بيٺي آهي!

● تو سمجهيو آهي ته تو خدا جي رَسيءَ کي مضبوطيءَ سان جهليو آهي! تنهنجو هٿ ته ڦاسيءَ جي ڦندي ۾ آهي جو تنهنجي ڳچيءَ ۾ پيو آهي.

● تون تقدير کان بچي ويندين. تون ايڏو ڏاهو آهين!

● ڪوٺي سِڪي وانگر ڪڙڪي رهيو آهين. مون کي تنهنجيءَ کل تي ويساهه نه ٿو ويهي!

● ڇا انڌي کوهه ۾ به شفق جو پاڇو پوندو آهي؟ توکي ٻي هنڌ سچ لهندو نظر نه ٿو اچي؟

● ’تِر جي گٽي سؤ چوٽون کائي‘. ڪيڏين صدين جي تجربي ان پهاڪي کي ٺاهيو آهي! پهاڪو ساهتيه ۾ سوچ ۽ سچ جو سنگم آهي.

Gul Hayat Institute

● جڳو جو مارڪس لنڊن ۾ پوريل آهي، جي هو ماسڪو ۾ پوريل هجي ها تہ هن جي ڪفن کي سائبيريا جلاوطن ڪن ها!

● يا خدا! تون ڪيترا رنگا رنگ گل منهنجي جهوليءَ ۾ ڦٽي ڪندو رهيو آهين! هاڻي تہ منهنجي جهوليءَ ۾ جاءِ بہ نہ رهي آهي!

● هر خوبصورت چهري تي تنهنجو گمان ٿئي ٿو. تون تہ وحدت الوجود وانگر ڦهلجي چڪي آهين!

● ڪنڊڙيءَ جا شاعر فقير بهترين انسان ها. تو کي انهن کان بهتر ٻيا ڪهڙا انسان گهرجن؟

● مون تنهنجي شاخ مان موتئي جا گل پٽڻ تي چاهيا پر پوءِ هٿ روڪي ڇڏيو. تنهنجيءَ شاخ تي موتيو ڪهڙو نہ چڱو ٿي لڳو!

● اي خدا! ايتريون خوبصورت اکيون تہ تو نرگس جي گل کي بہ نہ ڏنيون آهن، پر نرگس جو گل تہ اندو آهي، اُن جي هنن اکين سان ڪهڙي ڀيٽ ٿي سگهي ٿي!

● خمينيءَ جي دؤر ۾ شيراز ڏسي مون کان وسري ويو تہ مون حافظ پڙهيو آهي. ڇا ايران جو انقلاب اِهو آهي؟

● هر انقلاب مان سڀ کان وڏيڪ نقصان شاعر، اديب ۽ آرٽسٽ جو ٿيندو آهي.

● مون مانيءَ ۽ بهزاد کي سڏي چيو:

”منهنجي ڪيڏ اچو! مان اوهان کي اهڙي تصوير ڏيکاريان جا اوهان جي خواب خيال ۾ نہ آئي هجي! اها تصوير آهي تہ انسان جي پر ان جو ساڳيو مصور آهي، جنهن چنڊ کي ٺاهيو آهي.“

● اي وَلَ! تون وڻ کي ڪيڏو نہ وڪوڙي وئي آهي، هاڻ تہ اُن جا پن بہ نظر نٿا اچن!

● اڄ تہ ڪوراڙ تي جهولو جهُوليون! وڻ جي تاريءَ وانگر لڳي رهي آهي!

● تو مون کي ايڏي زندگي آڇي آهي جو موت کان وڌيڪ ڇَپ ڏئي ڇڏي آهي.

● تنهنجون اکيون ڏسي، مون کي ائين محسوس ٿيو تہ مون شراب

Gul Hayat Institute

نوشي اچا نہ ڇڏي آهي.

● نانگ وارو ويڙ تہ فقط انسان رکندا آهن. نانگ تہ نالي ۾ خوار آهي.

● مٿان منهنجا ڪتاب سنڌالاجيءَ جي قبرستان ۾ پورين!

● منهنجيءَ دل ۾ ايترو پيار آهي جو اُن ۾ ساز جي لاءِ ڪائي جاءِ نہ آهي.

● مان تنهنجي ياريءَ ۾ پيهر اچان! تو پنهنجو چار ڏلو آهي؟ هنڌان هنڌان ڦاٽو پيو آهي.

● مون تو ڏي ڏسي سوچيو: ”خدا مون ڏانهن اڏ- تـڙيل رابيل جو تحفو موڪليو آهي.“

● مير! توڪان تہ غزال وحشت ڪندا ها! مون کي تہ خوبصورت اکين واريون هرڻيون اچا تائين ڳولي ٿيون لهن.

● هي دور- جديد. جنهن مان الحاد جا آلا اُيري رهيا آهن! مان خُدا جي باري ۾ لکي ڇڻ گناهہ ڪري رهيو آهيان!

● ميان! مان باغي آهيان، انقلابي نہ آهيان. انقلابي تہ سڀ ڪوڙا نڪتا.

● لينن ڪان زردشت چگو هو. هن جي آگ ٻاهر تہ ٻرندي هئي، لينن جي آگ تہ ماڻهوءَ جي من کي وڪوڙي وئي هئي.

● دنيا ڪيڏي ڦري وئي آهي؟

ڳڻو تون لانوڻءَ وانگر تڪ ٻڌي بيٺو آهين؟

● مان تنهنجي هڪ مُرڪ جو ٿورو لاهي نہ ٿو سگھان. تون جا ڪائنات جهڙي خوبصورت آهين.

● ائين تہ نہ ڏس! مون کي جُڳ جُڳا نتر ڪان پري تہ نہ اُچل!

● هَن نگاهہ جي رسي ڪيڏي نہ ڏکهي آهي! ڇڻ صديون مون کي پاڻ ڏانهن ڇڪي رهيون آهن!

● جيئن سمندر جو شور ڪوڏ ۾ ٻرندو آهي. ائين تون منهنجي هانوَ ۾ هُري رهي آهين.

● تو سرءَ ۾ پوپٽ نراس ٿيندي ڏٺا آهن؟ جي نہ، تہ تنهنجو ء انهن

Gul Hayat Institute

جو خدا ساڳيو نہ آهي.

● تون تہ روبس پيئريءَ سان گڏ دفنايو ويو هُئين! تون ڪٿان آئين؟

● سنڌي ادب اسرافيل جي صورَ تي آتي تہ آتي، في الحال تہ ان جي نبض بيهجي وئي آهي.

● 'واهہ جو تون آن!' جيڪڏهن آنءَ ائين چوان تہ تون انڪي وحدانيت جو اظهار سمجهندينءَ!

● چنڊ کي ڏسي مون کي تنهنجي ياد چو ٿي اچي ءَ توکي ڏسي چنڊ ياد چو ٿو اچي؟ ڇا تون استعارو آهين يا چنڊ استعارو آهي؟

● تو منهنجي مخالفت ڪئي، خُدا منهنجي مدافعت ڪئي. هاڻي نتيجو ڏسِ!

● تون منهنجي نندا ڪري، اُن ڪَنَ ڏانهن ڏڪجي رهيو آهين، جنهن ۾ ڪيئي پٽي ويا.

● تون جنهن ذرتيءَ کي مون سان تڪرائي رهيو آهين، ڏسجانءِ متان اُها ڇيهون ڇيهون نہ ٿي وڃي!

● ڪنهن ڪنهن انسان جي ارادي ءَ مشيت- ايزديءَ ۾ ڪوئي فرق نہ هوندو آهي.

● موت مون تي فتح پائيندو يا مان موت تي فتح پائيندس. اهو تہ اجا ڏسڻو آهي.

● جي تون واقعي ازلي ءَ ابدي آهين، تہ هي وچ تي ڇا آهي؟

● مهدي جونپوري! شاهہ بلاول تہ هڪ پيرو ڪهاڻي ۾ پيڙايو ويو هو. تون اجا تائين پيڙجي رهيو آهين!

● سرمد! مون سارو لٽو ڳوليو، مونکي تنهنجو محبوب ڪٿي نظر نہ آيو! ها، مون تنهنجو روح گهٽين ۾ گهمندي ڏٺو، جو هن جي تلاش ۾ سرگردان ٿي لڳو.

● سرمد! جڏهن تو جلاد جي تلوار هيٺان خواب- عدم لاءِ اک پوري تہ تو انهيءَ خواب ۾ ڇا ڏٺو؟

● ڪنهن سبزيءَ واري کان پڇيو، "ڇا هي شيخ اياز آهي؟" سبزيءَ واري ڪنڌ ڌوڻي چيو: "هائو تو هن جا فوٽا رسالن ۾ ڏٺا نہ آهن ڇا؟" پوءِ

Gul Hayat Institute

هن مو ... مان ڏاڍو مُنجهي پيس. نيٺ هن کي چيم "مان؟ مان نه ڄاڻان ... ... بس اهو معلوم آهي ته توکان سبزي وڻ آيو آهيان. شيخ اياز، جنهن جو نو فوٽو ڏنو آهي، منهنجي ڪمري ۾ شعر لکي رهيو آهي."

● هيءَ ڪنڊ جتي مان لکي رهيو آهيان، ساريءَ ڪائنات کان وڏي آهي، تو منهنجا نظر ڏٺا آهن، جن جو مان پروردگار آهيان ۽ جن ۾ مون ائين ساهه ڦوڪيو آهي، جيئن شينهن نئين چاول ٻچي ۾ ڦوڪيندو آهي.

● ڪوهڪن! مان توکان وارو ٿو وٺان، ڇڏ ته هاٿي اها ڪير جي ندي مان تاڪيان؟

● منهنجو هر نظم چاهه- تخشب آهي، جنهن مان روز چنڊ اڀري رهيو آهي. منهنجيءَ شاعريءَ کان وڏي ڪرامت ڪهڙي ڏسڻ ٿو چاهين؟

● خدا مون کي چيو ته پنهنجو اعمال نامو پاڻ لک! ڪراماً ڪاتبين لکي لکي ٿڪجي پيا آهن.

● گهڻا سال گهوڙي تي ٻيلهه وڃي رهيو آهين، ڪهڙي چنڊ جي تلاش ۾؟

● هو نندو ڪڪر، وڏي ڪڪر سان ٻهاڻ وانگر وڃي رهيو آهي!

● سانوڻ جون بوندون توکي ڳولي رهيون آهن، تون مٽيءَ جي ايترن تهن هيٺان آهين جو پهچي نه ٿيون سگهن!

● محبت اهو گل آهي، جو ڇٽي پيهر نه ڦٽندو آهي.

● تنهنجي خوشبو ڦرني جي اچي گل وانگر آهي. ڪيتري نه تيز، ڪيتري نه مدهوش ڪندڙ!

● مون توڏانهن غور سان ڏسي چيو: "هي گل پٽيا وڃن ته تولاءِ چڱو آهي ڇٽي ويندا ته توکي ڇا ملندو؟" تو مُرڪندي وراڻيو: "ها پر ڏسجانءِ، توکي ڪوئي ڪندو نه چڀي وڃي" ۽ اڄ تائين مون کي انهن جو ڪنڊو چڀي رهيو آهي جو خوشبوءِ کان وڌيڪ جٽادار آهي.

● هي لاش ته الاجي ڪنهنجو آهي! تون جنهن کي ڳولي رهيو آهين، اهو ته تنهنجي پٺيان بيٺو آهي ۽ توتي مرڪي رهيو آهي!

● ليلائون ڪيئي، تون ڀهرين مجنونءَ وانگر ديوانو ٿيءُ ته سهين!

Gul Hayat Institute

● غالب! جي تون ولي هجين ها تہ ڪھڙا قاڙها مري پون ها! تنھنجي باري ۾ بادہ خواريءَ ڪانسواءِ سوچي بہ نہ ٿا سگھون! تنھنجي ولايت تہ اِهائي آهي.

● مومن! منھنجو بہ آخري وقت آهي پر عشق- بتان مان بيزار نہ ٿيو آهيان.

● دَمريا! تو پنھنجي باري ۾ ڪڏهن هي سوال پڇيو آهي تہ، ”هن زندگيءَ کان اڪتي مان ڇا ڪندس؟“

● موت جون اڪيون فرينچ انقلاب وانگر ڳاڙهيون نہ آهن، ميري انٽونيٽ وانگر نيريون آهن.

● اي نيريءَ ڇتيءَ وارا! تنھنجي ڇتيءَ کي مان ڪاڪا ڏيان؟ اَن مان مينهن وَهي رهيو آهي.

● هُن چيو: ”نئون پيار ڪر تہ توکي نئين جواني ملي“ مون جواب ڏنو: ”مھڙي پياري پيري گنوائي مان نئين جواني پائي ڇا ڪندس؟“

● آخر گهٽا گل پٽيندين؟ تنھنجي جھولي تہ پرجي وئي آهي، دل نہ ٿي پرجي!

● هن ڪائنات ۾ جي تنھنجي مُرڪ امر نہ آهي تہ ڪا شيءِ امر نہ آهي.

● موناليزا! توکي مُرڪندو ڏسي ها، تہ ليوناردو ڊوانچيءَ تي ڪاوڙجي ها.

● اوه! هوءَ ڳلابي خوشبو، جنهن جي هوا ۾ مسرت هوندي هُئي!

● ”اکيون بہ مُرڪنديون آهن ڇا؟“

”دراصل مُرڪ ٿيندي ئي اکين ۾ آهي.“

● تنھنجي مُرڪ جڏهن دستر خوان تي پئي تہ ڪاڏي جو سواد وڌي ويو.

● قراۃ العين طاهره عبدالباب کي اکين ۾ ڏسي نہ سگھي. هن جي پيرن کي ڏنائين ۽ سوچيائين، ”ڪاش! هنجي جتي منھنجي ڪل مان سبي وجي ها!“

● بي آب و گياه دشت سوُس ڏسي، حلاج بن منصور چيو: ”منھنجو ...

اندر ۾ به هڪ دشت- سوس آهي، تون ڪڏهن ٿو بارش وانگر اچين.“

● ڇا ميان مير وانگر مان پنهنجون ڪرامتون بيان ڪيان ته مون کي ڪوئي داراشڪوه ملندو؟

● مان تنهنجو ٿورائتو آهيان، منهنجا خدا! وري پرهه جا پکي چون چون ڪن ٿا.

● هيءَ رات به ننڊ ۾ گذري وئي ۽ هڪ نئون صبح ڏيکاريئه، اي ازلي حقيقت! تنهنجي مهرباني!

● اي ڪراچيءَ جي آمدورفت ۾ ڪِرچيون ڪِرچيون ٿي ويل رات، ڇا مون کي سنڌ جي آئيني جهڙي خاموشي وري نه ملندي؟

● تنهنجو فون تي آواز آيو يا آسمان تي اندلٺ نڪتي.

● ايترا لمبا وار ته گهٽائن کي به نه هوندا!

● اي حُسن! مون توکي جهرندو ڏٺو آهي، پر جيترو وقت تون تروتازه آهين، اوترو وقت بُت پرستي اپاريندو رهيو آهين.

● اردو شاعر ، بوب کي بُت جو چوندا آهن ۽ سنڌي وري بَدن کي بُت جو چوندا آهن؟

● اي ڪاريون اکيون! مون تي اِجا تائين پونرن وانگر جو ٿيون پرنديون وتو، مان ته مرجهائجي چڪو آهيان!

● ڇا تنهنجي ڪاوڙ ۾ ڪو وَزُ آهي؟ مان سڀ سِتا سمجهي سگهان ٿو تنهنجي هر وِڪ کي ويجهائي سگهان!

● تون جو جبل پاڙئون پَني ٿو اِجلائين، پنهنجي پاڻ ۾ ته ڪنول جي ڪوٺيءَ ڪان به نرمل آهين!

● ڪڏهن پنهنجي پاڇي ڏي ڏسي سوچيو: جي مونکي گولي لڳي ته هُن کي به ضرور لڳندي. هي مون کان ڌار ته نه آهي!

● غالب! ڇا دنيا بازيچهء اطفال آهي؟ ڇا سڀ [illegible] ۾ اُن ڪاٺي وانگر آهي، جنهن تي ٻار سواري [illegible]

● [illegible] ۾ تون [illegible] سين، اها وردي لاهي هاريءَ وانگر [illegible] ڏيکار [illegible]

● ڇا اُن ڪري [illegible] تنهنجي موت تي توکي

اڪوبهه ڪن سٽليوٽ ملي آهي ۽ هزارين پکي چرڪ پري هوا ۾ اڏاميا آهن؟

- مسولنيءَ جي بريچز ڪي پنيان چهڪ ڏئي ڏس ته توکي ڪنهن به مزدور ڪان مختلف نظر نه ايندي!
- ڪروڙين هٽلر ملي هڪ آئن اسٽائن پيدا ڪري نه ٿا سگهن.
- موت اهو ڏاڙيل آهي جو توکي ڏاڙ ڏاڙ ڪرڻ جو وجهه به نه ڏيندو.
- ماڻهوءَ جي پٽ گوليءَ وانگر آهي جا بندوق ۾ واپس اچي نه سگهندي.
- ماڻهوءَ جي ٻچي مان هَوَس وڃي ته هو پکي نه ٿي پوي!
- لينن گراڊ ڪان فنلئنڊ ڏانهن ويندي، مان ۽ لينا لانچ جي ڪائونٽر تي وينا هياسين ۽ ڪئويئر جون سنڊ وچون ڪائي ۽ روسي شئمپين پي رهيا هئاسين. اوچتو لينا سرگوشيءَ ۾ پڇيو:

"تون روسي انقلاب جي باري ۾ ڇا ٿو ڀائين؟"

مون جواب ڏنو: "منهنجي دل ٿي چوي ته جيئن هي انقلاب آيو هو، ائين ئي تخريب ۽ تباهيءَ ۾ ان جو انت ٿيندو؟"

"ڇا تون به راسپيوٽين وانگر آهين؟" لينا آهستي پڇيو: "ڪجهه ڪجهه" مون جواب ڏنو، "مستقبل مون تي به هن وانگر پاڇاون وجهندو آهي."

لينا هيڏانهن هوڏانهن ڏٺو ته ڪوئي ٻڌي ته نه رهيو آهي.

- هي ڊان اخبار ۾ فوٽو ڏٺئه؟ ميڪسيڪو جي اڳين پريزيڊنٽ ائنٽونيوريگا (Antonio Noreiga) کي ٻه سپاهي جيل ڏانهن اماڻي رهيا آهن جو ته هن کي آمريڪي عدالت 40 سال ٽيپ ڏني آهي. هو جو ديومالائي پکيءَ گرڙ وانگر ٻڌبو هو، ڏس ته ڪئن نه مينهن ۾ ڀڳل چوزي وانگر وڃي رهيو آهي!
- يا خدا! مون هيءَ رات تنهنجي سپرد ڪئي آهي. صبح سان اٿارين يا نه اٿارين، تون وس وارو آهين؟
- ايتريءَ حد تائين ڪنهن سان گستاخ نه ٿيءُ جو اها حد اورانگهي نه سگهين.
- پائپي. دوستي سڀ نيڪ، گستاخي چڱي نه آهي.

Gul Hayat Institute

● مان اوهان سڀني کي هڪ لفظ 'محبوبہ' جي آغوش ۾ سمائي سگهان ٿو، جيتوڻيڪ هر ڪنهن جو خدو خال جدا جدا آهي، هر ڪنهن جي خوشبو جُدا جُدا آهي.

● مون هن کي ڪيئي سال پوءِ ڏسي سوچيو: "ڇا اسان اهي انسان آهيون جي ڪيئي سال اڳ سمنڊ جي ڪوهيڙي ۾ ڇُميون ڏئي رهيا هياسون؟ يا انهن کي سمنڊ لوڙهي ويو ۽ اسان پيا بہ انسان آهيون، جي هڪٻئي کي ڏسي ڪائي ڇڪ محسوس نہ ٿا ڪيون!"

● "ڇا توکي اڳين؍ زندگيءَ جي گهاٽي ڪوهيڙي ۾ ڪجهہ نظر اچي ٿو؟ ڏس تہ سهين؟!"

● ڇا اهو صحيح آهي تہ موت ڪونہ آهي، رڳو زندگي آهي؟

● هن مون کي هڪ ڪتاب ڏئي چيو: "هي هر مرض جو نسخو آهي." ان تي مون هن کي چيو، "پر جي سڀني مرضن کان وڏو مرض اهو ڪتاب هجي تہ پوءِ ڇا ڪيان؟"

● ڪڻ! تون جو ڪانڊين جي ڪلهن تي بار آهين. هي سون چاندي سڀ ڪڻ! ائين ڪٿ تي اڪيون ٻوٽي ڇو پيو آهين؟ ڏسي بہ نہ ٿو سگهين تہ مون ڇا ڪَنو ڪيو آهي!

● مان توکي پڪيءَ وارا پَر آڇيان ٿو. ڦِٽي ڪر اهو سارو بار- اهو سرو سامان، اها زر و سيم، اهو مال و منال!

● اي خدا جا بندا! جي ٿنهنجو جيب خالي آهي، تہ غيب تہ توسان گڏ آهي.

● مُنهنجون " جوڙيون ڪوليندين تہ توکي رڳو نوٽ ملندا. ڇاپيل نہ، هٿ سان لکيل نوٽ!

● انسانيت جي تہ جوڙي کي ٽي جوڙ آهن- پيار جو، سهپ جو ۽ ...مر- سگهتا جو، ان کي ڪوئي ٽوڙي نہ ٿو سگهي.

● ... ڪيڏي پل ڪيئہ؟ پنهنجي ڪَڏ عُمر وڃايئہ؟ ٻُڌا! پوئين گهڙيءَ گهٽا ... ٻاند ۾ ڪٿا ڪيا اٿي؟

● ... ـجي عمر مراديءَ ۾ نوٽ ڪٿا ڪيا آهن، هن ماس جي ... ... بروست ڪيو هوا

● منهنجو توسان پيار ٿي ويو آهي ته تون چنڊ ستارا آهين، هونءَ نه تون ڪجھ ڪوڙيون به نه آهين.

● عورت جي وڏي ۾ وڏي خوبصورتي هن جي سچائي آهي.

● ڇا هيروشيما جي بمباريءَ جي زد ۾ آيل عورت سان محبت نه ٿي ڪري سگهجي؟

● ڇا سونهن رڳو چمڙيءَ جي آهي؟ ڇا تون ان ڪان سواءِ ڪجهه نه آهين؟

● ڇا جي مون کي اکيون نه هجن ها ته تنهنجو آواز ڪافي نه هو؟ اهو وساري ڇڏ ته نڪ نقشي کانسواءِ انسان وڻي نه ٿو سگهي.

● چنڊ جي عمر به ته تو وانگر تنهائي ۾ گذري آهي، پوبه گل- مهر ڇڏهن تڙي پوندا آهن ته هن کي ڪيترو نه وڻندا آهن!

● مون کي توسان ڳالهائيندي ڪڏهن ائين محسوس ٿيو آهي ته مان ڪونه آهيان، رڳو تون آهين. تون ڇا مون مان ڳالهائي رهي آهين. جيئن سانوڻ جي رُت ڪوئل مان ڳالهائيندي آهي ۽ گهٽائن ۾ سمائجي ويندي آهي.

● توکي خبر آهي ته لينن اُن ڏينهن مري چڪو هو، جڏهن هن اشارو ڏنو هو ته زار ۽ هن جي پوري خاندان کي ماريو وڃي ۽ هن جو انقلاب به هن سان گڏ مري چڪو هو؟

● اجايا ڪنب نه ڪوهه! به ڏار ڪپجي ويا ته ڇا، سارو آسمان ته پيو آهي!

● جنهن سان به جيترو به توکي پيار هجي، اوترو ان سان اظهار نه ڪر.

● تون نه آئينءَ ته مون کي شاهه حسين جي سؤلي ۽ سڌي سٽ ياد آئي:

"مڇي وانگيان مَٿن پئي تڙفان."

واعدي فراموش! ڇا تون اها ڪيفيت سمجهي سگهين ٿي؟

● اي موت! تون مون تي ڪيترو نه مهربان آهين! تون دَر جي وِٿي ڪولي ڏسين ٿو ته هي لکڻ ۾ مصروف آهي ۽ پوءِ دبي پير موٽي وڃين ٿو. جيئن منهنجو ڏيان توڏانهن نه ڇڪجي. پر تون اهو نه پل ته مون کي ياد

آهي تہ مون مهمان ڪي ملاقات لاءِ ڪافي ترسايو آهي. پر مان ڇا ڪيان. هي صفحو اڃا پورو نہ ٿيو آهي!

● آسمان تو ۾ غارون آهن. جن ۾ منهنجو آواز گم ٿي وڃي ٿو ۽ ٻي پار پهچي ايڏي پڙاڏي سان گونجي ٿو. جو پڙاڏي جي پڙاڏي جو پڙاڏو ڪنهن کي ننڊ ڪرڻ نہ ٿو ڏئي ۽ ڪروٽي پاسا ورائي سوچي رهيا آهن تہ خدا ڪنهن ڪنهن انسان کي رڳو آواز جو ٺاهيو آهي؟

● ڇا ـو ـجنبي گهوڙي سوار اڃا تائين گهوڙو جهلي بيٺو آهي؟ اُن کي چؤ تہ ڪجهہ وقت ڪان پوءِ موٽي اچي؛ مان اڃا سفر لاءِ تيار نہ آهيان.

● ازل کان منهنجي درگاهہ تي ڌمال وڄي رهي آهي، رڳو تو نہ ٻڌي آهي!

● تون پڇين ٿو تہ، 'خدا ڇا آهي؟' ۽ مان پڇان ٿو تہ، 'خدا ڇا نہ آهي؟' ٿي سگهي ٿو تہ اسان ٻئي ساڳيا سوال پڇندا هجون، ٿي سگهي ٿو تہ اهي ٻہ الڳ سوال هجن.

● زندگيءَ جو چيچڙو الائي ڪيترين صديون ڪنهن بلاول جو انتظار ڪندو آهي!

● مَن هرڻ جي پوٺ ڪي ائين چميو جڻ مَن جو پيارو نئون جنم وٺي آيو هو.

● ينيرُڪي جي ويرا آهي، فلئٽ جي دريءَ مان ڪويل جي ڪوُڪ اچي رهي آهي. جڻ چئي رهي آهي، "اُٺي تنهنجيءَ شاعري جو وقت آهي."

● ايترو ساڄهر ٽرئفڪ جو ڪيترو نہ شور آهي! شهر ۾ سڀ پيٽ قوت لاءِ ٻج ڊوڙ ۾ آهن. ڇا هو، اهو سمجهن ٿا تہ انسان رڳو پيٽ نہ آهي، ٻيو ڪجهہ بہ آهي!

● فلم ائڪٽر نصيرالدين شاهہ هڪ فلم ۾ چيو هو: "انسان رڳو پيٽ ۽ ڪجهہ پيٽ جي هيٺان آهي."

فلمي مسودي جي ليکڪ کي الائي اهو چو نہ سُجهي آيو هو تہ "انسان مٿو بہ آهي ۽ ڪجهہ مٿي جي مٿان بہ آهي."

● ٻاهران تون ڪيترو نهنو آهين؟ ڪنهن ڏنو آهي تنهنجي پوڙهاپي ۾ آيي ڪي!

● ماحول توکي خوني ۽ جنوني ڪري وڌو آهي، تون ماحول کي خوني ۽ جنوني ڪري رهيو آهين خير اهو به پلوَ جو هڪ طريقو آهي.

● هر پڳهه تلاوَ جي پَر تي گگدام ٿي ويهندو آهي.

● اڄ مسين مسين برسات پئي آهي. درياءَ مان ٿڌڙي هوا اچي رهي آهي! ڪاش مون کي پکيءَ جا پر هجن ها ته اڏري تر پهچان ها ۽ ڪنهن ڪونئڻ تان ڏانگڙي کي ڏسان ها!

● اڄ شهر ڪيڏو نه گدلو ۽ ميرو آهي. آسمان ڪيڏو نه صاف آهي جڻ مون کي چئي رهيو آهي ”چڏ انهيءَ ويساريءَ ڌرتي جي پڃر! اءُ، مون ڏانهن اءُ! مون ڪترو وقت تنهنجو انتظار ڪيو آهي.“

● هي انبوهه مُنهنجو به ته نه آهي! ڇا اهي ساڳي ڳالهه چاهن ٿا جا مان چاهيان ٿو؟ ڇا انهن تاريخ جي آئيني ۾ پنهنجو مڪروهه چهرو ڏٺو آهي؟ ڇا منهنجي شاعريءَ پٿر سان سِر نه ٽڪرايو آهي؟ ڇا هي مون کي سمجهن ٿا؟ هي پاڻ- هر ترڙيا، هوڙها، پنهنجي رَوَ- مت جا آهن. جن کي اهو به معلوم نه آهي ته انهن کي اُمائي وِڪ وهائي رهي آهي، جن کان مان ڪين روڪيندو رهيو آهيان؟ هي ڪڏهن پنهنجي پاڻ ۾ پيهي ڏسندا؟ هي ڪيڏيءَ ڪَل ۾ ڦاسي ويا آهن! ڪڏهن پاڻ کي پنهنجي اَنڌ مان آجو ڪندا؟ مان باقي عمر انهن تي ڇو وڃايان؟

اي ماڪ ۾ پني باڪ، اي سَر ۾ سمايل سانجهيءَ جا سج، اي هوا ۾ تنتر جي اُڏار، اي گل مهر جا گهاٽا پاڇاوان! مان انهن تي وڌيڪ ڏات وڃائڻ نه ٿو چاهيان. هي مون کي هڪ صديءَ کان پوءِ سمجهندا! هو پوءِ سمجهي سگهندا ته منهنجا سرتا انهيءَ ٿانوَ مان پي رهيا ها. جنهن کي بار بار ڪُتا لَڪي چُڪا ها! الا! مان انهن لاءِ ڪيڏي عُمر اجائي وڃائي آهي!

● چڱو به مرتو آهي جيئن بُرو مرتو آهي ۽ نيٺ قاتل جي هٿ مان خنجر ڪري پوتو آهي. هيءَ حوا پنهنجا وار ڇو پٽي رهي آهي؟ اهو ڇو نه ٿي سمجهي ته موت جهڙو معاون ٻيو ڪوبه نه آهي ۽ هو ڪيتري صبر سان انتظار ڪري ٿو، مظلوم کان وڌيڪ ظالم لاءِ!

● مائهو ڪيڏو نه نرجو آهي! هو چنگيز ۽ هلاڪوءَ جي موت کان پوءِ به نه سمجهي سگهيو آهي ته هر ڪنهن جو انت ساڳي ڪَڏ آهي! جڏهن

Gul Hayat Institute

اهو اَنڌ جي گهوڙي تي سوار آهي ته هُن جون اکيون ڏرتيءَ ڏانهن هيٺ نه ٿيون ڏسن!

● موت نه حلاليءَ کي ڇڏي ٿو، نه حراميءَ کي، موت جو خود نه حلالي آهي نه حرامي ۽ جنهن جو پيءُ اجا تائين لاپتي آهي!

● هي منهنجو هٿ مستقبل جو هٿ آهي، تقدير جو هٿ آهي، مشيت ايزديءَ جو هٿ آهي، پارڙا تون ان جي ڇيچ کي پڪڙي ٿو سگهين!

● حسين بن منصور حلاج! جي تون منهنجو همعصر هجين ها ته تون به مون کي پٿر هڻين ها.

● سرمد هٿي وڃ! ڇڏ ته مان تنهنجيءَ اڏيءَ تي سِرُ رکان! تولاءِ ته هڪ اورنگزيب هو، مون لاءِ سوين آهن.

● شاهه عنايت! هر شهيد مقتول ٿيندو آهي، هر مقتول شهيد نه ٿيندو آهي.

● زندگي تير جيان هڪ هنڌ بيني به آهي، اڏامي به رهي آهي!

● مان هي خدا جو ثبوت! هي پوپٽ، جنهن کي مون سانگهر جي گل تان پڪڙيو آهي!

● سمنڊ تي سج لهندي چيو: ”مان غروب ٿي رهيو آهيان، مون سان گڏ هلندين.“ مون جواب ڏنو:

”مون ۾ هڪ ٻيو به سج آهي جو اجا نصف النهار تي آهي. مان انهيءَ سان گڏ آهيان.“

● مون جمنا جي ڇولين کان پڇيو: ”رام تيرٿ اوهان ۾ ڇا ڏٺو هو جو اوهان ۾ ٽپو ڏنو هئائين؟“ ڇولين مون ڏانهن ڪنڌ ورائي نه ڏٺو ۽ ويندي يون رهيون!

● درياه! جي چنڊ تو کان رُسي ويندو ته تنهنجي وهڪري ۾ ڇا ڪوئي ڦيرو اچي ويندو؟

● ڇا نوح جي ٻيڙي ۾ ڪوئي شاعر به هو؟ جي نه هجي ها ته پڪي ايترو وقت انسان گڏ گذر ڪيئن ڪري سگهن ها؟

● ’من عرف نفسه فقه عُرف ربه‘ يعني جو خودشناس آهي سو حقيقت شناس آهي.

Gul Hayat Institute

● تون تہ هن سراءِ تي ٿي قبضو ڪري ويٺو آهين! ڇا توکان وسري ويو آهي تہ توکي فقط رين- بسيري جي اجازت آهي؟

● هرڻ کي پيريل واٽهڙيءَ تي ڏسي توکي آواگون جي ايرڪا نہ ٿي آهي؟

● پاڻي تي لهندي سج چيو. "مان توکي ابدي زندگي عطا ڪيان؟" ندي مرڪندي وهندي رهي.

● پٽائيءَ تهجد جو سجدو ڪيو. هن کي اهو سج نظر نہ آيو، جو هُن جي نرڙ ۾ پري رهيو هو!

● تون دهريو آهين، توکي ان تي غصو ٿو اچي تہ مان وحدانيت ۾ اعتبار ڇو ٿو ڪيان! مان تہ رڳو اهو سوچي رهيو آهيان تہ ڪاٿ ڪُٺي ڪي، جنهن جا رنگ شفق کان سهڻا آهن، خدا کانسواءِ ٻيو ڪير ٺاهي ٿو سگهي؟

● ڇا تون پاڻ ڏٺو هو تہ توکي فلاڻيءَ ماءُ ڄڻيو هو؟ جي نہ، تہ پوءِ تون ڪيئن ٿو چوين تہ تون فلاڻيءَ ماءُ جو پٽ آهين؟ هيءَ ڪائنات بہ خدا ائين خلقي آهي پر ان جي اکين ڏٺي ثابتي ممڪن ناهي.

● تون ڄاڻڻ ٿو چاهين تہ زندگي ڇا آهي ۽ مان ڄاڻڻ ٿو چاهيان تہ موت ڇا آهي؟ ڇا اسان ٻئي ساڳي تلاش نہ ڪري رهيا آهيون؟

● خدا جي ڏڳ تي ڪيڏا نہ ڪندا آهن ۽ مون کي ڄُتي بہ نہ آهي!

● اي ڪاش! مان تنهنجي ڄُتي هجان ها! تون ڪهڙيءَ گهٽيءَ مان گهمي آيو آهين جو تنهنجا پير ائين ڪجي رهيا آهن، ڄڻ وِڪ وِڪ تي گلاب جا گل ڦٽي رهيا آهن!

Gul Hayat Institute

● تون جنهن سفر ۾ آهين، جي منهنجيءَ ڪل مان ڄُتي ٺاهي سگهين تہ مان تنهنجو احسان مند رهندس.

● سرمد مسجد جي مينارن کي چيو: "جاڳو اوهان گهٽي ننڊ ڪئي آهي ۽ چنڊ اوهان جو انتظار ڪري رهيو آهي."

● ڇا منهنجو رمضان سڄي عمر رهيو آهي؟ ڇا هيءَ پهرين عيد آهي ۽ تون هلال وانگر نظر اچي رهيو آهين؟

● اڄ! سومهياڻيءَ جي ٻانگ اچي رهي آهي ۽ تو اڄا منصور وانگر پنهنجي رت سان وضو نہ ڪيو آهي.

● مون ڪارڊيو وئسڪيولر انسٽي ٽيوٽ ۾ هڪ دوست ڊاڪٽر سان سرگوشي ڪندي پڇيو، ”ڊاڪٽر ٻڌاءِ تہ هتان جا گهڻا ڊاڪٽر دل جي بيماري ۾ مُئا آهن.“

چيائين تہ، ”اهو رڳو توکي ٿو ٻڌايان، پنج ڊاڪٽر مري چڪا آهن. انهن مان هڪڙي تہ اينجوگرافي ڪرائي سرٽيفڪيٽ ورتو هو تہ هن کي ڪجهہ بہ نہ آهي، هتان اچا فريئر هال تائين مس پهتو تہ هن کي دل جو دؤرو پيو ۽ مري ويو.“

● تون لوح و قلم کي نہ ٿو مڃين؟ تنهنجو علاج ... ۾ ڪامياب ٿيندو، جڏهن ان جي ڪاميابي لوحِ محفوظ ۾ هوندي. جي تون مون کي وهمي ٿو سمجهين تہ تنهنجي اها سمجهہ بہ اڳ ئي لوحِ محفوظ ۾ آهي.

● جا بنياد ... بلهي شاهہ ۽ باهو، سچل سرمست ۽ شاهہ لطيف کي مٿائي سگهيا ... ساهہ ۽ ٻيا بنياد پرستن جا بنياد کڏي وجهندا؟

● ڪيڏي نہ خوش نصيب آهي صليب، جنهن تي تون مسيح کي چاڙهي رهيو آهين؟

● چون ٿا تہ توکي خدا جي تلاش آهي. ائين تہ نہ آهي تہ اها تلاش خدا جو ٻيو نالو آهي؟

● مون ڪاهوءَ جي دڙي تي هڪ پراڻي سڪي کي ڏسي سوچيو تہ اهو ڪنهن ڪنهن جي هٿ ۾ رهيو هو؟

● غالب! ڇا واقعي موت قيد - حيات ۽ بند - غم مان نجات آهي يا اُن قيد ۽ بند جي ٻي شروعات آهي؟

● اي موت! تو ڪيئي ڀيرا مون کي پريان سلام ڪيو آهي. مون سان هٿ ڪڏهن ملائيندين؟

● اي موت! ڇا تون ٻج جو موت آئي ٿو سگهين؟ ٻج جو موت تہ وڻ جي پيدائش ٿيندو آهي؟

● ڪنهن جي موت تي خوش نہ ٿيءُ! تنهنجو وارو بہ اچڻو آهي.

● سازشي! ڇا توکي خبر نہ آهي تہ موت سڀ کان وڏو سازشي آهي.

● ڇا توکي خبر نہ آهي تہ ڪريملن ۾ اسٽالن جو لاش هن جي قبر مان ڪڍي ٻي هنڌ ڦٽي ڪري آيا ها ۽ هاڻي شايد ليئن جو وارو آهي.

Gul Hayat Institute

● جي تون موت جي حقيقت نه سمجهي سگهيو آهين ته زندگيءَ جي حقيقت ڪيئن سمجهي سگهندين؟

● قبر لڳي رهي هئي ته، ”ههڙي غليظ انسان کي مون ۾ ڇا لاءِ پوريو ويو آهي؟ مون کهڙو ڏوهه ڪيو آهي؟“

● توکي اعتراض آهي ته مان موت کي ڇو ٿو ياد ڪيان، ڇا تنهنجي ائين نه ڪرڻ سان موت تو تان ٽري ويندو!

● ڪوئي جهرڪيءَ جو آکيرو ڊاهيندو آهي ته عرش معليٰ لڏي ويندو آهي. تون ته ماڻهوءَ جو گهر ڊاهي رهيو آهين!

● ماڻهو ڄمي ته فرشتي وانگر ٿو، پر ڪڏهن ڪڏهن هو وڏو ٿي بگهڙ ڇو ٿو ٿئي؟ اڃا ڇئين ٿو ته اڳيون جنم نه آهي!

● ڇا ماضي، حال ۽ مستقبل هڪ هنڌ آهن ۽ هي وقت جي رواني فقط نظر جو فريب آهي؟

● جيئن خلا ۾ وقت بيهجي ويندو آهي، تيئن مون وٽ وقت بيهجي ويو آهي. مان ڌرتيءَ جي مدار کان ٻاهر نڪري چڪو آهيان.

● دانائيءَ جي انتها نادانيءَ جو احساس آهي.

● شبليءَ منصور حلاج کي گل ڏنا، مون هُن کي مُرڪي ڏٺو. هُن اهي گل پٿر سمجهي لنوائي ڇڏيا ۽ هن جي اکين منهنجيءَ مرڪ مان ڪل ڄڻا. ٻي اڃا تائين هن سان آهن ۽ مرجهايل نه آهن.

● بيدل دهلوي! هي تو ڇا چيو هو ته:

’تون آئيني جي دروازي کان ٻاهر آهين‘

● اڪثر نه نيڪ ڪي گڏباسين نه ملي هان.

● ميان! تون ته مرحوم ٿي چڪو آهين! تنهنجي ايصال و ثواب لاءِ ڪجهه ڪرَ!

● توکي موت پٺيان وٺي گهوري رهيو آهي ۽ تون ڪبوتر وانگر اکيون ٻوٽي ويٺو آهين!

● وچ، وچ! هاٿي ڇو آيو آهين؟ هاٿي ته مينهن وسي تنهنجا پيرا به مٽائي ڇڏيا آهن!

● مون جڏهن به ڪُتي کي ماڻيءَ ٽڪر ڦٽي ڪيو آهي تڏهن هن جي

Gul Hayat Institute

اکين ۾ بہ احساس جي لهر ڏني آهي. اي اشرف المخلوقات جا پٽ! تون ڪتي ڪان بہ پري آهين!

● بارَ آباس! ڪيڏي نہ ننگي ڪئي آهي تو ڪرسٽ سان! چند صليب تان هن جا لٽڪندڙ پير چمي رهيو آهي ۽ ميري ماجدلين کي ٽڪجي نند اچي وئي آهي. تون ڪيستائين پچندين بار آباس، موت تولاءِ صليب ۾ ڪوڪا ٺوڪي رهيو آهي، ڪوڪا ٺوڪي چڪو آهي!

● تون تہ اجا ٻار وانگر واريءَ تي ٻانبڙا پائي رهيو آهين! اڃتي ڪيڏو نہ کهرو سمنڊ گجي رهيو آهي؟

● جي عقل ۾ اعتبار ڪندا ها. سي تالان والان ٿي ويا! ڇا توکي ٿين اک آهي؟ ٻن اکين وارا تہ پنهنجي هار مڃي چڪا آهن؟

● هي تنهنجيءَ پيشانيءَ تي ڇا آهي؟ ڇا هي ڪائي ڪشتي آهي، جنهن تي ڪوئي آفتاب اُيري رهيو آهي؟

● ڇا پنهنجي همسفر جو موت نہ ڏٺئہ؟ پنڌ گهٽو نہ آهي. توکي بہ ٻيءَ اسٽيشن تي لهڻو آهي.

● خدا جو ثبوت گهُرجيئي؟ اُءِ هن جي صورت ڏس! ڇا خدا کان سواءِ ڪوئي هن کي ڏاهي سگهي ها!

● جنهن کي ڪافر واري جذبات آهي، اهو ان کان بَرو آهي، جنهن کي ڪافر وارا خيالات آهن.

● تو بهشت جي دروازي ۾ ايترا سَل ڪيا آهن جو اهو دروازو نہ رهيو آهي.

● اچ! پوئين سج سان گڏ تلاءُ ۾ ٽپي ڏي! شايد تون رات جي اسرار کي پائي سگهين!

● توکي نمرود جي خدائي تہ آهي پر مون کي يقين آهي تہ بندگيءَ ۾ منهنجو پلو ڀيندو.

● هي ٻار جو تنهنجيءَ جهوليءَ ۾ ڪَڏ ڪيون ڪائي رهيو آهي، ان کان وڌيڪ خدا جي ثابتي توکي ڪهڙي گهرجي؟

● هو پوڙهو ائين مري ويو جيئن ٻيت تان ڪِرڙي ڪري پوندي آهي تہ سائي ٿي مري ويندي آهي.

Gul Hayat Institute

● خدا تہ تر ڪان گهٽو وشال آهي، پوءِ بہ واريءَ جي هر ڪڻي ۾ آهي!

● واريءَ جي ڪڻي ۾ پيهي تہ ڏس مٿان توتي ساري سنسار جو راز پڌرو ٿي پوي!

● علم؟ ڪهڙو علم؟ ڇا توکي معلوم آهي تہ چيلڙيءَ ماٿوءَ ۾ سانڍيو ساهہ آهي؟ ڇا تون ڄاڻين ٿو تہ نم جا پن ستارن سان ڇا ڳالهائيندا آهن؟

● ازل کان ابد تائين سڀ ڪجهہ روان دوان آهي؟ يا سڀ ڪجهہ بيٺو آهي؟ هي وڻ، هي پکي جي انهن ۾ ٻولي رهيا آهن ۽ اُن ۾ ميوو ٽڪي رهيا آهن، هي جر جو وهي رهيو آهي، هي عورت جا نيسر هيٺان وهنجي رهي آهي. سڀ صدين کان اتيئي آهن، اتي ئي رهندا ۽ رڳو منهنجي نظر دوکو کائي، اهي سڀ وڃائي وهندي؟

● ڇا زمان ۽ مڪان حقيقت آهي؟ تہ پوءِ باقي ڪوڙ ڇا آهي؟

● جيڪو آهي بہ ڪونہ، اُن کي نہ ميرائڻ لاءِ تون ايڏي محنت ڇو ٿو ڪرين؟

● ميان! تون تہ مري چڪو آهين. رڳو توکي خبر نہ آهي ۽ نہ ڪڏهن پوندي!

● اي خدا دشمن رهزن! تنهنجيءَ زندگيءَ جي مشاهدي تہ مون ۾ خُدا دوستي پئدا ڪئي! مان تنهنجو ٿورائتو آهيان!

● موت! تون تہ حرير ۽ ديبا وانگر آهين. تون مون درويش ڏانهن ايندين؟

● موت! مان توکي هٿ لائي ڏسان؟

● مون ڏرتيءَ تان پکين جا ڪيترا نہ پَر ڪنا ڪيا آهن ۽ هاڻي اِهي پولڙيون ڳولي رهيو آهيان، جن سان انهن پَرن ساٿ ڏنو هو.

● اي خدا! هي ڪٺلي جا پر ڏانهن ڊوڙي رهي آهي، ان کي ڪيئن خبر پئي تہ بادل وسڻ وارا آهن؟

● اي خدا! ڇا تون مونکي پنهنجي زندگي موٽائي ڏيندين؟ مون دل ۾ پيو ڪجهہ سٽيو آهي.

● اي ٻيچئن مَن! توکي ڇا ٿيو آهي؟ تون ساري ساري رات ٿو جاڳين ۽ توکي وهم ٿي پيو آهي تہ جي توکي اک لڳي وئي تہ اُها نہ پٽبي!

● اي صحراءِ سنڌ جي خاموشي! تنهنجو هر لمحو عصر جي اذان وانگر آهي!

● نانڪ! ڇا ڪنهنجي ڪتاهہ پرساد ۾ هو چنڊ ۽ ستارا بہ شريڪ آهن!

● شڪي شرمندو ٿي موٽي آيو آهين، فقط اَرڙ جو رُوڪاٽ ٻڌي! مون تہ توکي جهليو ٿي تہ اڳتي نہ وڃ، تقدير توکي ڇڪي رهي آهي!

● "تمر!" ٻنائيءَ چيو: "تون ڪهڙي پٽ لنوائي ڪهڙي لنوائيندين، موت تہ هر هنڌ لکي ويٺو آهي؟"

● ڏاڪوءَ ڪان ڏڄين ٿو؟ وڏي ۾ وڏو ڏاڪو تہ تنهنجي اندر آهي جو توکان هر وقت ڪنڪ ڳهڙي ڪسي رهيو آهي.

● لوهر جي ڪارائي، واهولو، رواٽ، پٽاس، هٿوڙو، ٻرمون وغيره سڀ پٽ تي پيا آهن. ڏنوٽي ڦوڪجي رهي آهي ۽ ٽانڊا ٻري رهيا آهن. اوچتو هو ٽانڊن پرسان ڪري پوي ٿو. هن جي دل ٻيهجي وڃي ٿي. ڏنوٽيءَ مان هوا آهستي آهستي نڪري رهي آهي، جڻ زندگي موت تي ٿڌا ساهہ ڀري رهي آهي.

● هي پُتليون ناٽڪ- گهر جي رنگ ڀوميءَ ۾ رهيون پيون آهن. ڏوري مداريءَ جي هٿ ۾ آهي. اوچتو هڪ پتلي جي هٿ ۾ ڇا ڪاٺ جي ڪٽاري آهي اها ڪٽاري ٻيءَ جي ڪنڌ تي زور لڳي ٿي ۽ ان جو ڪنڌ ٽٽي پوي ٿو.

مداري جيستائين اهو ڪنڌ ٽٽل پتليءَ جي ڪُلهن تي ٻُڌي تيستائين تماشو بند ڪري ڇڏي ٿو. ائين اڳي بہ ٿيو هو. ڪنهن وقت بہ ٿي سگهي ٿو. تماشو هلندو رهندو. پتليون. ناٽڪ. گهر. رنگ ڀومي ڪِڻ ڀنگ بہ آهن تہ جٽائو بہ آهن.

تماشو مهمليءَ ڪان ٻوءِ وري شروع ٿي وڃي ٿو پر ڪيستائين؟ نيٺ تہ مداري ٿڪجي پوندو. ڪڪ ٿي ٻوندو!

● موت سان مذاق ڪري رهيو آهين! موت جو صبر پرکين ٿو؟

● توکي اها خبر آهي تہ مُئا جيئرن کان وڌيڪ جيئرا آهن.

● اي مرڻ وارا! ڇاڻين ٿو ڪيڏانهن وڃي رهيو آهين ۽ اُتي ڪيرُ ڪيرُ تنهنجو ڪيتري وقت ڪان انتظار ڪري رهيو آهي؟

● خدا جو شڪر ڪر ته توکي مال منال ۾ نه، مِٽيءَ ۾ پوريو ويو آهي.

● ڪجهه لوڀ لالچ کي گهٽاءِ! جيترو گهٽ هوندو اوترو اُهو ڇڏڻ توکي آسان لڳندو ۽ ان تي توکي افسوس گهٽ ٿيندو.

● تو ڇا سمجهيو آهي؟ موت توکي ملاقات لاءِ وزٽنگ ڪارڊ موڪليندو!

● ڊانديئڙي جي آکيري ۾ ڪهڙي ازلي حقيقت لڏي رهي آهي؟

● توکي اها خبر آهي ته زندگي موت جي ننڍڙي ڀيڻ آهي؟

● مان شعلهءِ مستعجل آهيان، منهنجي روشني ۾ جيڪي ڏسڻو اٿئي ڏسي وٺ!

● مان شمس تبريزي ته نه آهيان جو سج کي چوان ته هيٺ لهي اچ! پر جي لهي ايندو ته گهاٽي ۾ نه ويندو.

● شمس تبريزي! حديثِ خواب اڪٿ آهي ۽ اُها هر ڪوئي نه ٻڌائي سگهندو.

● گلِ لالا جو ڪنڌ ٿو ڪپين! پنهنجي گردن جو خير گهُر!

● اڄ ته هن جي قبر تي گل وجهون! هو شاعر هو ۽ هن دنيا کي ايترا گل ڏنا ها. جيترا دنيا جي ڪنهن لاله زار ۾ نه آهن!

● نورجهان، جهانگير جي قبر تي انارڪليءَ جي خون مان اڃا چراغ جلي رهيو آهي. ها. تنهنجي قبر اونداهي آهي.

● امان. تو مونکي جنم ڏنو هو! تون مها مايا ڪان ڇا ۾ گهٽ هئينءَ!

● اي پڌا! ڇا يشودرا سان چند هيٺان ڪجهه راتيون گذارڻ ڪان وڌيڪ ٻي ڪا مڪتي آهي؟

● مون موت کي ڏسي ٺهڪ ڏئي چيو: ”اڙي مون تنهنجو ڪوڙ پڪڙيو آهي. دراصل تون مجسم ڪوڙ آهين!“

● موت کي ترسءِ، ايڏي تڪڙ جو اٿس!

ڏسين نه تو نه مان ڪيڏو رذل ويٺو آهيان!

Gul Hayat Institute

● اي بِک- مڳان! اي مَوت، هاڻي موتي وڃ!
ٻي پيري مان توکي ساري زندگي بيک ۾ ڏيندس.

● جيت جنئي کي نہ مار! مٽان پَل ۾ پاڻ کي ماري وڃهين! آپگهات چڱو نہ ٿيندو آهي!

● شمع ٿيءُ! آهستي ٻَر! باکَ جو اُجهامي وڃ! پروانو تہ جلي، گهڙيءَ ۾ جان ڇڏائي ٿو وڃي.

● روحل! ڪَنڊڙيءَ جون سڀ ڪَنڊون جاچي ڏِس! مٽان ڪٿي توکي آنءُ بہ ملي وڃان!

● ڇا ماٿيلي جي ماڙيءَ تي، مومل اڃا ڦري رهي آهي ۽ رڳو تون نہ ٿو ڏسي سگهين!

● راڻا! ڇا اهي ڪَرها جي چندن چرندا ها، رڳو ڪاڪ جو سپنو ها!

● ڇا هن اکَ- مَڪڙِ جا گوناگون رنگ ڏسي، توکي ڪوئي رنگ ياد نہ ٿو اچي!

● فنا بقا جي شروعات آهي.

● هي بئنڪ بئلنسون، هي زندگيءَ جا عيش آرام هَن جي اندر کي مُردو ڪري ڇڏن ٿا. جو ٻاهران تہ چُست چالاڪ هجڻ جي ڏِک ڏئي ٿو، پر اندر ۾ اَڄَر آهي، ناس ٿي ويو آهي مٺ جهڙو آهي!

● ڪنهن جو ڪيتو ڪير ٿو ڏئي! اي خدا! مان تنهنجي مصلحت تي ڇا ٿو چئي سگهان!

● يا خدا! ڪُپڙي تہ خالي ٿي وئي آهي. ڪجهہ ڪٿا ٻيا بہ ڏي!

● ڇا حافظ کي خبر هئي تہ بهشت ملندو ئي ان کي آهي، جو غرقِ گناهہ هوندو آهي؟

● جي بهشت دلاسو ۽ دوزخ دڙڪو آهي تہ پوءِ چڱائي عبث آهي.

● سيزر کي پنهنجو حصو ڏي، هَن لاءِ ادائي گز زمين ڇڏي ڏي، تولاءِ ساري ڌرتي پئي آهي.

● موت اِن تي منحصر نہ آهي تہ تون زندگي ڇا کي ٿو سمجهين! تون سوچيندو ئي رهندين تہ هوَ اچي توکي ٻَڇيءَ کان جهليندو!

● ڇا منهنجي ڪمري کان هي ڪائنات وڏي آهي؟ ٻَلو آهي!

Gul Hayat Institute

- ابا! مان اچان ٿو. اورين آسمان تي انتظار ڪجانءِ!
- ’سورين ڪورڪي گارڊ‘! تون جڏھن طفل مڪتب ھُئين تڏھن مان تنھنجو استاد ھوس، مون کي اڄا تائين تنھنجو نالو ياد آھي ۽ اھو بہ ياد آھي تہ تون منھنجي ذھين ترين شاگردن مان ھُئين!
- نٽشي مري ويو. خدا اتيئي آھي.
- جھدالبقا سان توکي آشنا ڪنھن ڪيو؟
- زندگي! ھاٿي ڏوليءَ مان منھن ڪڍ! تنھنجو گھر اچي ويو آھي.

ھي سڀ ڪُھار تنھنجو نہ، پنھنجن ڪُلھن جي سور جو سوچي رھيا آھن!

- مٿان منھنجي موت تي روئين! ڳوڙھا زندگيءَ جي امانت آھن.
- اي موت! خدا توکان ڪيتري پنڌ تي آھي؟
- چولو بدلائڻ، سنڌيءَ ۾ محاورو ڪيئن نہ ٿيو؟ ڇا جسم چولي وانگر آھي. ڇا بدلي ۾ چولو ملندو؟ ڇا ان تي ايترو برٿ ھوندو جيترو مون ھن چولي تي پريو آھي، جيڪو لاھي رھيو آھيان؟
- ڊپ؟ ڇانئٽ جي ٻي پاسي جو؟ چو ۽ ڇا لاءِ؟؟
- موت جو ذڪر ڪري زندگي کي رسائي ڇڏيو اٿي. ھل تہ ان سان ٺاھ ڪيون!
- اچٿو آھين تہ آءُ! مان تنھنجي آجيان لاءِ تيار بيٺو آھيان.
- موت! تون منھنجي ڇانئٽ وٽ ھبڪين ڇو ٿو؟
- ھي ڊچٿا ڳدڙ موت کان ڊڄن ٿا. موت مون کان ڊڄي ٿو. پر ھو پنھنجي ڪُوڙي مڙسي ڊيڪارڻ لاءِ مون کي ڊچٿو ڪوٺين ٿا.
- مون ڪيتري وقت کان ٻي جھان لاءِ ويزا وٺي ڇڏي آھي پر اڃا سفر جو خيال نہ آھي.
- ايڏي انا؟ اناالحق کان بہ زيادہ!
- جيڪو رام نہ ڄاڻي، ان جي سارام تي ڏيان نہ ڏي!
- جي تون بہ دھريو آھين تہ دھريت ضرور غلط ھوندي ۽ مون کي خدا ۾ اعتبار ضرور ڪرڻو پوندو.
- تون ان ۾ ڇو پيو آھين تہ خدا آھي يا نہ آھي! ڇا ان ۾ تنھنجو

Gul Hayat Institute

ويساهه ڪافي نه آهي؟

● ”موت کان پوءِ ڪوئي موتي آيو آهي جا جو ٻڌائي سگهي ته اڳتي ڇا آهي.“

”اهو تون ڪيئن ٿو چوين؟ مان ته چوان ٿو ته موت کان پوءِ سڀئي موٽي آيا آهن. رڳو هو اڳيون سڀ ڪجهه وساري ويٺا آهن.“

● تو موت کان پنهنجو شناختي ڪارڊ لهرايو آهي؟

● ڪينٽري زيتون وانگر نه ڪرا! طوفان ۾ ڪچوئي ڇٽي وَڃ!

● رِٿ بہ تون رٿوان بہ تون، منهنجا تير بہ تون، تہ ’مان‘ ڇا آهيان؟

● ڇا زندگي موت جي آغوش ۾ هڪ ڇٽيل گل وانگر آهي؟ پر گل ته بار بار ڦٽندا آهن، رڳو ٻي موسم جو انتظار ڪر!

● ڇا تون موت آهين؟ پر تون ته خوبصورت آهين، مون توکي ڪيڏو نه خوفناڪ سمجهيو هو!

● پتائي جي مرڻ کان اڳ ۾ بند ڪمري ۾ ساز پاڻ ئي پئي هليا. فرق اهو آهي تہ مان سمهڻ کان اڳ ڪئسيٽ پليئر تي ڪوئي ڪلاسيڪي گيت هلائي ڇڏيندو آهيان ۽ ٻڌندي ننڊي موت ۾ ٻُڏي ويندو آهيان- صبح تائين.

● مقدر مُنهن تي ڏڪ هڻندو آهي، ڏوڪو نہ ڏيندو آهي.

● انسان خدا جو عڪس بہ آهن، شيطان جو بہ. ڇا تو اهڙو گل ڪڏهن ڏٺو آهي جو شيطان جو عڪس هجي؟

● اي خدا! تنهنجي صراحي منهنجي اڳيان سارو ڏينهن پريل رکي رهي پر مون ان مان ڍُڪ بہ نہ پيتو! هاڻي جڏهن سج لهي رهيو آهي، مون کي ڪيڏي نہ اُڄ لڳي آهي؟

● زندگي تہ اونهي ساگر وانگر آهي! مون تہ اڃا تانگهي ۾ ٿاڦوڙا هڻيا آهن.

● مون موت کي ڏڪي تہ ڪڍيو آهي، پر موت بہ نِرڄو ٻڪاري آهي، ساهه ولوڙ ڪانسواءِ ڪٿي ويندو!

● ... سڀ کان وڏو ڪوڙ موت آهي. دراصل زندگي اڪت آهي. ڏهرائي ... [illegible]

Gul Hayat Institute

جو سلسلو نہ ٽٽو آهي.

● وَچ، وچ! هاڻي تنهنجو وارو آهي ۽ موت جهڙو بي صبرو ڪوئي نہ آهي. هن جا پيرا اڳيئي رڪاب ۾ آهن، چڙو توکي پيلهہ چڙهڻو آهي.

● چون ٿا تہ موت واريءَ ۾ توڏي وانگر تيز ويندو آهي.

● ماڻهوءَ جي چم ڪان اول هُن جي موت جو ڏينهن طئي ٿيل آهي.

● توڙي زندگي ڪوڙي ٿوهہ وانگر هجي ۽ موت مِٺيءَ ڇانهينءَ جي ڦار وانگر هجي، زندگيءَ کي موت تي ترجيح ڏي!

● جڏهن بہ اچين آءُ، موت! مان تنهنجي آجيان لاءِ ٻاهر اچي رهيو آهيان.

● موت! تون مهمان آهين. مٿان نِرمہ موتي وڃين!

● موت اهو مهمان آهي، جنهن جو وڏو لقمو تہ مِن جو ميزبان هوندو آهي!

● پلي رنگ رَليون ڪَر! پلي شاهہ حسين کي نہ ٻُڌ! اهو ڄاڻين ٿو تہ ڪفن جي دسترخوان تي ويٺو آهين؟

● تون موت کي وساري ڇڏيندين تہ ڇا تون ڀائين ٿو تہ موت بہ توکي وساري ڇڏيندو! موت ايڏو بي مروت ڪٿي آهي!

● موت جي ياد پيغمبريءَ جي صفت آهي.

● تون ڪير جو اسرارِ اِلاهي ڄاڻڻ چاهين ٿو؟ تون تہ هن ڪٺليءَ کي بہ پوري طرح سمجهي نہ سگهيو آهين؟

● اڄ تہ نند موت وانگر اچي رهي آهي.

● ٻي جي موت تي نہ کِل! موت تنهنجي پنيان بہ بيٺو آهي ۽ کِلي رهيو آهي.

● زندگيءَ سان محبت، موت جي شعور جي مانع نہ آهي.

● موت اهو سيسار آهي، جنهنکي هر ڪنهن جي سسي وات ۾ آهي.

● ازل جي ٻوتا ميل ۾ هاڻي تنهنجو موت مٿان مٿان آهي.

● موت! توکي ايڏي تڪڙ ڇو آهي؟ مان جڏهن ٿڪجي پيرن [illegible] توکي سڏي وٺندس!

● مٿان [illegible]

جنهن کي تون خدا ٿو چئين!

● هي سڀ ڳِڙ آتي جي بگهڙ جي ڏِک ڏين ٿا. اهي سڀ موت جي اوناڙ ٻڌي ڪَن ڪڙا ڪن ٿا ۽ پُڇ ٽنگن ۾ چپائن ٿا.

● هي ڪائنات پاڻ مان پاڻ اُيري آهي، سمجهه ۾ ته نٿو اچي!

● خدا کي ڪِدي وڃ ته ڪائنات ۾ معنيٰ ئي ڪهڙي ٿي رهي؟

● "چنڊ جي صورت چڱي آهي يا سيرت چڱي؟" مون درياهه جي ڇولين کان پڇيو.

"صورت جي باري ۾ ته ٻه رايا ٿي نه ٿا سگهن."

ڇولين وراڻيو: "باقي رهي سيرت، سو پهرين ڏسون ته اسان سان ڪيستائين سات ٿو نڀائي."

● مون توکي چنڊ سمجهيو هو پر مون کي اها خبر نه هئي ته چنڊ رڳو درياهه جو ساٿي ئي نه آهي، اُن جو پاڇو ڳٽر ۾ به پيو ٿو!

● اڳي منهنجا چَپ پيار جون ڳالهيون ڪندا ها، هاڻي رڳو اڪيون ڪنديون آهن.

● ڪِرشن کي بنسري جو سهارو ڇو وٺڻو پيو؟ شايد هَن کي سُريليون اکيون نه هيون!

● پراوا، ٻنهنجا فقط عشق ۾ ٿي سگهندا آهن.

● رني ڪوٽ ڏانهن ويندي صديون پراڻا ڇوڏا نظر ايندا آهن جي سخت پٿر تي چڪا آهن. تو منهنجي دل به ايئن ڪري ڇڏي آهي!

● منهنجي توسان دل ايئن ٿي وئي آهي جيئن ٻڙ جون ٻه وليون هڪ ٻئي مٿان وري، ڳنڍجي وينديون آهن ۽ انهن مان ڳُونچ ڦٽي نڪرندا آهن.

● تون وارَ ڪارا ڇو ٿي ڪرين؟ تنهنجا اڇا وار مون کي ياد ڏياريندا آهن ته اسان زندگي گڏ گذاري آهي.

اهي ڪارا وار توکي اوپرو بڻائي ٿا ڇڏن.

● ڳوڙها روڪ! ڳوڙها انهن کي روڪي نه سگهندا ڇو ته انهن کي هر حالت ۾ وڃڻو آهي. گهوڙا چرڪي رهيا آهن، شايد اهو رستو ڏسي رهيا آهن جنهن تي انهن کي وڃڻو آهي. هوائون دم روڪي سوچي رهيون آهن ته ڪهڙي مهل ٿو اچي، ڇو ته انهن کي وڃڻو آهي. جن ڪهڙا پيري ڪوهه

Gul Hayat Institute

خالي ڪري ڇڏيا، انهن کي ويٺو آهي.

ڪلال! خالي وٽيون اونڌيون ڪري رک! هو پوئين ڦڙيءَ تائين ٻي ويا آهن ۽ مٽ سُڪي ٺوٺ ٿي چڪا آهن. انهن کي ويٺو آهي! ڏس، سجُ ليارن ۾ ڇپي ويو آهي ۽ ان جا ڪرڻا اهي رسيون وٽي رهيا آهن جي آسمان مان لڙڪن ٿيون. انهن کي ويٺو آهي!

پکين کي انهن جي ارادي تي حيرت نـه ٿي اچي، ڇو تـه اهي ڏور ڏور تائين اڏامندا آهن. انهن کي ويٺو آهي. ها، رڳو هي درخت، جن جون جڙون ڌرتيءَ کي چنبڙي پيون آهن، هوا ۾ پنهنجون ٽاريون پانهن وانگر هلائي هنن کي الوداع ڪري رهيا آهن. انهن کي ويٺو آهي. ها هي مٽي ڇاتي ڪٽي رهي آهي تـه هي منهنجا ڇٽيا هاٿي مون مان ڪڪ ٿي پيا آهن. انهن کي ويٺو آهي. نـه روڪ انهن کي، اهي اروڪ مسافر آهن. انهن جي منزل دور هوندي بـه نهايت ويجهي آهي انهن کي ويٺو آهي. انهن جو پيڇو نـه ڪر! اڃا تنهنجو وارو نـه آيو آهي پر انهن کي ويٺو آهي.

تون بـه جُتي پيرن مان نـه لاهجانءِ! تولاءِ بہ رستو ساڳيو آهي، ها پر هن وقت انهن کي ويٺو آهي. هي اُنهيءَ رستي جا راهي آهن، جو ڪٽي نـه ڪٽيو آهي ۽ جو هر ڪنهن کي پنهنجي واري تي سڏي ٿو. پر هاڻي رڳو انهن کي ويٺو آهي. ان رستي تي ريت ڏاڍي نرم آهي.

ڪاٻہ سج جي تيز تپت نـه آهي، جهڙالا ڏينهن ۽ راتيون جيءَ ڪولي وَسن ٿا. پوءِ بہ ان رستي تي ڪنهن جا پير ترڪن نـه ٿا ۽ ويندڙ بنا ڪنهن تيز يا تابي جي وڃن ٿا. تون روئين ڇو ٿو؟ ڳوڙها روڪ! انهن کي ويٺو آهي.

● توکي اها شڪايت آهي تـه توسان منهنجي سڄي زندگي گذري وئي، مون توسان عشق نـه ڪيو! چري! عشق جي زندگي تـه پوپٽ جيتري ٿيندي آهي. جي مان توسان عشق ڪيان ها تـه توسان سڄي زندگي ڪيئن گذاري سگهان ها! عشق تـه جذبو آهي، جهڪي آهي، جولان آهي جو ٻنا تـه ٽپي ويندو آهي پر جلد ئي ٿڪجي ڏئي ڪرندو آهي ۽ ان جي ڳچي نـه تـه تنگ ضرور ٿيندي آهي.

● هوءَ موڪلائڻ وقت مايوس ٿي وئي پر مون هن سان ڪلي

موڪلايو. ممڪن آهي ته اسان وري نه ملون پر پوءِ به ڪِلي موڪلائڻ چڱو آهي، زندگيءَ کان موڪلائيءَ وقت ته ويتر چڱو آهي.

● موت جون ور وَڪڙ گهٽيون گهمندي، تون مون کي روبرو ملي وئينءَ پر تو مونکي ڪونه سڃاتو.

● مون ته تنهنجي ’مير‘ وانگر پرستش ڪئي هئي تون سيني جي نظر ۾ خدا ٿينءَ يا نه!

● پهريون پيرو ته تون مونکي اهو محبوب ملي آهين، جنهنکي بدلائڻ جي ضرورت نه ٿي پوي!

● تون هزار صورتن ۾ مون وٽ آئينءَ، پر مان هڪ جهلڪ مان توکي سڃاڻي ورتو.

● تنهنجيءَ ڪچ ۾ هي رابيل جهڙو ٻار کهڙو نه چڱو لڳي رهيو آهي، تون جا خود شاخ وانگر لڏي رهي آهين.

● اي گلاب جا گل! ڪيتري وقت کان تنهنجي سڳند اچي رهي هئي ۽ مون چاتو ٿي ته ڪنهن وقت تون منهنجي هٿ ۾ هوندين!

● اي سڳند! مون توکي پريان ئي سڃاڻي ورتو ته منهنجيءَ ناريءَ ۾ ڪڙڻ ٿي چاهين ۽ توکي ان تي رشڪ نه ايندو ته ان ناريءَ ۾ ڪيئي گل ڪِڙي چٽي ويا آهن.

● ڇا محبت چڱي آهي يا ساري زندگيءَ جي رفاقت چڱي آهي؟ ٻڙ ۾ گل نه ٿيندا آهن پر ٻي وڻ کان پائيدار ٿيندو آهي، جو مُند نگ و بوءِ سان جهنجهي ويندو آهي.

● اي خوبصورت عورت! تنهنجي جواني مُڙي چڪي آهي پر منهنجي شاعريءَ ۾ اڃا خوبصورت آهي.

● منهنجي شاعري اهو آئينو آهي، جنهن ۾ تنهنجي چهري جا گهنج نظر نه ٿا اچن.

● ڪيڏو پري هوندي ويجهو هوندي هئينءَ؟ اڄ ته مان ٽي- ايس- ايليٽ وانگر ٿيمس ندي تي ڪوهيڙي ۾ ڏسي رهيو آهيان ۽ تون پاڻيءَ تي ڪشتيءَ وانگر گم ٿي وئي آهين!

● معصوم شاهه جي مناري تي ڏاڪا چڙهندي مان ساهي پٽڻ لاءِ هڪ

Gul Hayat Institute

هنڌ بيهي رهيس تہ هوءَ مون کان ڪجهہ ڏاڪا هيٺ بيهي رهي. شايد هن سمجهيو تہ مٿي چڙهندس تہ هي پاڪر ۾ ڇڪيندو. ان کان پوءِ ڪائي اڻ-ورتل ڇُمي مناري جي ڏاڪڻ تي اچا تائين هيٺ مٿي وڃي رهي آهي ۽ هن جا چپ ڳولي رهي آهي.

● چنڊ تہ لهي، انڌيري ۾ گم ٿي ويندو آهي. تون منهنجي شاعريءَ لاءِ سدائين چوڏهينءَ جو چنڊ آهين، جنهن لاءِ اماوس جي رات نہ اچڻي آهي.

● ڇا مون سان چار گهڙيون توکي مهانگيون پيون آهن؟
مون تہ توکي اَمرتا ڏئي انهن جي قيمت چُڪائي آهي.

● جيڪي سچ پچ عشق ڪندا آهن، سي انارڪليءَ وانگر جيئري پورايا ويندا آهن.

● تو سمجهيو تہ تون ايڏي سُهڻي آهين! ڏِسُ، خدا مون کان هڪ گل کسي مون کي پوري ڦلواڙي ڏني آهي!

● ڇا تو ڪڏهن پوپٽ کي گل پٽيندي ڏٺو آهي؟

● پيار؟ ڪهڙو پيار، اوشو! انسان جي پيار جي ڳالهہ ٿو ڪرين؟ ڪنهن پَسونءَ جي ڳالهہ ڪرين ها تہ دل سان لڳي ها!

● عشق توکي نيون اکيون، نوان ڪن ۽ نئين زبان ڏيندو، تون ڪنهن سان عشق ڪري تہ ڏس!

● عشق ڪيئي پيرا نہ ڪبو آهي. معشوق ڪيئي هوندا آهن، عشق هڪ هوندو آهي.

● عشق ڪنهنبي مان ڪڏي نہ ميندو آهي، پوءِ ان کي ڇني ڦاڙي ڇڏيندو آهي.

● ڪير سهڻو آهي، تون يا چنڊ؟ مان نٿو چاهيان تہ تون پنهنجي ساراهہ پاڻ ڪر! مان اهو سوال چنڊ کان ٿو پڇان؟

● اچ! مونکي موت جو بہ ايترو انتظار نہ آهي، جيترو تنهنجو آهي.

● اي پڪل، رسيل انب وانگر عورت! منهنجا چپ تنهنجا ڪيڏا عادي ٿي ويا ها! هاٿي جڏهن تون نہ آهين تہ اهي مطلع جي قافين وانگر هڪ ٻئي سان ملي نہ ٿا ملن ۽ زندگيءَ جو غزل پورو ٿي نہ ٿو ٿئي!

● اي سانوڻ رات! هوءَ جڏهن پيار ۾ پرجي ويندي آهي. توکان

وڏيڪ ڀرپور لڳندي آهي!

● ڇوري! اهي ٻه انب لڪاءِ! طوطن کي ٺڪڻ جي عادت آهي.

● تون جا سيمر بر به آهين ۽ برسيمر وانگر نرم ۽ نازڪ به آهين. تون آءُ ته توکي هير وانگر چُميون ڏيان!

● مٿان ڄامشوري ۾ سنڌوءَ جي ڪناري تي ويٺين! هوءَ توکي پاڻيءَ جي لهر لهر مان گهوريندي ۽ مياروُن ڏيندي!

● اي هرڻي! منھنجو وقت ڪيترو بي مزي ٿو گذري، تون ڪهڙي رڻ ۾ ڇپي وئي آهين؟

● ڇا مان تنھنجي گج ۾ فقط هڪ شيشو آهيان؟

● اي منھنجي محبوبا! تون انجيل واري مر ۽ لوبان ته نه آهين؟ تنھنجا انجير ڪيترا نه رسيل ۽ پرڪشش آهن! تنھنجو آواز سليمان جي گيت مان ته نه اُڀريو آهي؟ منھنجي شاعريءَ لاءِ تنھنجو سارو وجود الهام وانگر آهي.

● چنڊ! تون نديءَ جي پاڻيءَ ۾ ڪيڏو نه وڻندو آهين؟ ڪڏهن پاڻ کي منھنجي ڳوڙهن ۾ به ڏس!

● عشق عشق کي چڪي ٿو، حسن عشق کي نٿو چڪي.

● وار ائين ته نه ڇوڙ! گهٽائون ميرجي نه پون!

● پياري! تون رڳو منھنجي شاعريءَ ۾ آهين، مون ٿي ته توکي بقا ڏني آهي! مون کان ٻاهر توکي فنا جون تيز هوائون اڏائي ونديون!

● ڇَري تو منهن ورائي به نه ڏٺو آهي! مون تنھنجي چوٽيءَ جي سڳين ۾ هيءَ ڪائنات ٻڌي ڇڏي آهي!

Gul Hayat Institute

● تون ڪڏهن موتي ايندينءَ! رابيل تڙپيا آهن ۽ انهن جي خوشبو تنھنجو انتظار ڪري رهي آهي؟

● جڏهن مون هن گهر جا سڀ دروازا کولي ڇڏيا ها. تڏهن تون ڪٿي ڪونه هئينءَ ۽ جڏهن کان مون اهي اندران بند ڪري ڇڏيا آهن، تون جتي ڪٿي آهين؟

● جڏهن کان تنھنجي ياد جو دل ۾ غاليچو پٿاريو آهي، پير ڌرتيءَ تي نه ٿا ٽڪن!

● تون چنگ چڙي جي لار آهين! تون مون کي ٻوڙي مارينديئن ءَ؟

● محبت رڳو انسان سان ٿيندي آهي. خدا سان ته رڳو عقيدت ٿيندي آهي.

● تون انسان آهين يا عاشقي آهين؟
ڇا عاشقيءَ ڪي به رنگ روپ ٿيندو آهي.
ويس وڳو پيو هوندو آهي؟

● سسئي! ڇا تون منهنجي من کي پنهونءَ جي پهراڻ وانگر ڌوئي سگهندينءَ؟

● تون ڪائنات ۾ هڪ ئي سهڻي ته نه آهين!
مون ۾ تنهنجو پارُ ايترو ڇو ٿو ٻري؟

● سومل! تون ڏاکڻ تي ڇو نه چڙهندينءَ؟
ڇا مومل جي بدن مان توکي ڪجهه راتو حصي ۾ نه مليو هو؟

● ايڏي ڇَٽ نه ملاءِ! مونکي ڪرشن وانگر نيرو ڪري نه ڇڏين!

● هَٽُ هَٽُ! ويل وڃائيءَ، هوءَ ڪَکر ڪارونيار تي آئي هئي، تو هن کي ڏڪاري ڇڏيو!

● "بيڪس! توکي ماٺوءَ ۾ خدا ڏيکاريان؟ ڇگو مون سان جيپ ۾ چڙهه!"

● بابل! مون تنهنجو ڪهڙو ڏوهه ڪيو هو؟
هي ڪِپَر ڇو پنڊي ۾ بند ڪري، منهنجي ڏوليءَ ۾ رکيو اٿئي؟

● آءُ ته ٿالهي وڃائي، ڇاهي کي چانڊوڪيءَ ۾ نچايون!
توکي خدا ۾ اعتبار به اچي ويندو ۽ رقص ڏسي مونکي ڪائي نِرتڪي به ياد اچي ويندي، جا بمبئيءَ ۾ مون ڏانهن پاڻ وڏي آئي هئي ۽ مونکي چيو هئائين ته، "مان فلاڻي آهيان."

● ڪنوار! گهونگهٽ هٽاءِ ته ڏسان ته تون ڪيتري خوبصورت آهين؟
ماٺهو توکي ۾ ئي دنيا چون ٿا!

● تون هوا جو جهوتو هُئينءَ، آئينءَ ۽ هلي وئينءَ؟ هوا جي جهوٽي کي موتئي جو گل روڪي ته نه سگهندو آهي! ها ان جي سڳند ۾ انهيءَ هوا جي جهوٽي جي سار ضرور هوندي آهي، جنهن جي گهلندي اهو ٽڙي پوندو آهي.

● جي عشق بي ثبات نه هجي ها ته اهو آبِ حيات جي ڍڪ وانگر

Gul Hayat Institute

تنگ ڪري وجهي ها!

● مان چوان ٿو وچ، ڀلي وچ! منهنجي شاعري ۾ تنهنجا لنبا وار وچڙي ويا آهن. اهي ڇڏائي سگهين ته ڀلي وچ!

● مان ڄاڻان ٿو ته تون منهنجي شاعريءَ جي تخليق آهين، پر منهنجي توکي اجازت آهي ته تون پنهنجي خالق کان انڪار ڪري سگهين ٿي.

● حسن کي خدا سان رقابت ٿيندي آهي. گهڻ ۾ گهڻ شاعري ۾ ته ٿيندي آهي.

● رقاصا! ڇا تون مونکي ايترو اپنائي سگهين ٿي جو مان تو ۾ رقص ڪري سگهان؟

● 'مينون رنڙا يار مناوڻ دي' اها سِٽ ڪنهن جي آهي؟ ڇا ان کان وڌيڪ پياري سِٽ ڪوئي لکي ٿو سگهي؟

● ڊيٽ! مِرون! تون استريءَ کي فقط ٽونري ٿو سمجهين يا ڇنائي ٿو سمجهين؟ اِستريون ديويون ٿينديون آهن. دالان جي چڪ ۽ در جو پائدان نه ٿينديون آهن.

● هوءَ آئي، هلي وئي، پر منهنجي ڪمري ۾ اڃا موتئي جي مهڪ آهي.

● هي وار، جڻ ته سانوڻ جون گهٽائون! ۽ هي منهن جڻ روهيڙو ڦٽو آهي!

● چلي بادامي! توکي مون لاءِ خدا چلي ڏنو آهي.

● شايد تون چنڊ وانگر آهين. چنڊ به هڪ هند نه بيهندو آهي!

● ايڏو رُني آهين؟ تون ته اڃا منهنجي ٽُنرن ۾ تري رهي آهين!

● وچ، موتي وچ! تون مون سان ساٿ ڪٿي رکي سگهندينءَ؟ مان ته ان واديءَ ڏانهن وچي رهيو آهيان جتان ڪوبه نه موٽيو آهي!

● چنڊ ڪونييت مٿان پياميءَ وانگر وچي رهيو آهي. نه ڄاڻان پاڻ ۾ ڇا ڳالهائن ٿا؟ ڇا چين کي به ڪن ٿيندا آهن، ڇا ڪارونجهر انهن کي ٻڌي سگهي ٿو؟

● پاٽيءَ ۾ سج ۽ چنڊ، اُهي مچيون آهن، جي هر اوجهاڻ مان تِرڪي ويندي آهن.

● هيءَ مهاڻي ڪيڏي نہ خوبصورت آهي، توڙي هن کي مڇيءَ جو هڪ ٻيرو بہ نصيب نہ آهي.

● اي نوريئڙا! تون ڄاڻين ٿو تہ تون اهي نموريون ڪُتري ڪيترا وڻ ناس ڪري رهيو آهين؟

● مان ٿي تہ هيءَ ساري ڪائنات آهيان. هي سج ۽ چنڊ مون ۾ ٿي اڀرن ۽ لهن ٿا ۽ ڏينهن رات منهنجي ئي وجود جو حصو آهن!

● سج لهي رهيو آهي ۽ نديءَ کي سجدو ڪري رهيو آهي. ندي جا هن کي پاڻ ۾ سمائي ڇڏيندي.

● وڳر ايندا، وڳر ويندا. ها، پر انهن کي روهہ جون راتيون ياد رهنديون؟

● چوڏس رات ڄاهي کي نچندو ڏسندين تہ توکي الوهيت جو احساس ٿيندو.

● جهڙ ۾ اَڪ جون نيرڙيون ڦلڙيون تہ پياريون آهن، پر موت بہ کو اُس ۾ ٿوهر جا ڪنڊا نہ آهي!

● هو بوٽيندو وڃائي رهيو آهي ۽ شام جو سج تعجب ۾ هيٺ لهي هن کي ڏسي رهيو آهي.

● (هڪ تصوير):-

جوئر ڏڏي ۾ آهي ۽ ٻارڙو ڏاڏي جي ڏڏيءَ تي چڙهي ڪاني مان سنگ پٽي رهيو آهي! ڪوئي جهرڪ پڙڪو ڏئي اڏامي ٿو. نہ ڄاڻان اُن جي اکين ڇا ڏٺو آهي؟

Gul Hayat Institute

● هائو انسان کي سمجهہ آهي پر آهو ڪيئن ٿو چئين تہ هو انهيءَ ڪري ٻيءَ مخلوقات کان بهتر آهي؟ ڇا ڪٺليءَ ڪڏهن پنهنجي ڪڻ ٻيءَ ڪٺليءَ کان لڪائي آهي؟ ڇا ڪنهن پکيءَ ٻئي پکيءَ کي ڪڏهن چيو آهي تہ تو منهنجو ميوو ڇو ڇريو آهي!

● ڇا ايڏي ستم ڪشي چڱي آهي؟ پوپٽ جي سامهون گل ٽٽي رهيو آهين!

● رڳو تون ٿي تو اُن کي سڄو چوين نہ تہ نرگس جو گل انڌو آهي! توکي اها ڳالهہ ڪنهن پوپٽ تہ نہ ڪئي آهي؟

● املتاس جي گل تي هجي يا ٿوهر جي شاخ تي، زندگي آهي تہ ڦڙو ماڪ جو، جيڪو صرف سج اُڀار تائين آهي!

● هر انسان هن زندگيءَ ۾ ائين آهي جيئن حضرت يونس مڇيءَ جي پيٽ مان ٻاهر اچڻ لاءِ آتو هو.

● درياهہ چنڊ کي پيرين پوندو آهي تڏهن بہ رڳو ان جو عڪس پائي سگھندو آهي، چنڊ کي تہ ڪارونيار ڪڪر بہ پائي نہ سگھندا آهن ۽ هو پنهنجي راهہ تي رمندو آهي.

اها ٻي ڳالهہ آهي تہ ڪنهن ڪنڊيءَ جي شاخ ۾ هن جو پاند اٽڪي پوندو آهي، پر اُن ڪان بہ پاڻ ڇڏائي ويندو آهي. دنيا جا سارا رابيل جا گل هن کي خريد ڪري نہ سگهن، نہ ڪائي خوشبو اُن لاءِ چار وچائي سگهي ٿي.

چنڊ ڪويل جي ڪوڪ وانگر هوندو آهي. ان کي ڪوئي بہ پنهنجي دام ۾ نہ آڻي سگهيو آهي، نہ آڻي سگهندو؟

● پٿر. چپ مان ڇڄي، پهاڙ سان ٽڪرائيندو اچي هيٺ ڪريو. مون تڏو ساهہ پري ڇيو: ”هن جون چٽڙيون لٿيون تہ پرواهہ نہ آهي. آزاد تہ ٿي ويو!“

● ساندو ماڻهوءَ کي پنتي ڪهوري ٿو ڏسي ۽ سوچي ٿو هن مونکي ٻي سبب پٿر چو هنيو؟

● چنڊُ بگهڙ جي اکين ۾ بہ چمڪندو آهي ۽ سَهي جي اکين ۾ بہ چمڪندو آهي، پر بگهڙ جون اکيون سهي ۾ ڪَتل هونديون آهن.

Gul Hayat Institute

● اي ڪارونجهر جي هيٺان تلاوَ! تو ۾ ڪڏهن مور جو عڪس پيو آهي؟

● هيءَ ڪٽلي بہ پنهنجي ڪتب ۾ نازنين هوندي! ڇا نہ سَبڪ رفتار وڃي رهي آهي!

● ڇا هڙيا تنڊ ۾ گولاڙا ڏسندا آهن يا ٻيو ڪجهہ؟

● غصي کي ڇڏ! موتي آءٌ! ڏِسُ سج سمنڊ ۾ ٻڏي رهيو آهي؟

● اي خوشبو! مان توکي گل ۾ موٽائي سگهان ٿو!

● اي سڳنڌ! تون هن ول جي امانت آهين، پر مان اُن جي سخا کي

روڪي ۾ ته نٿو سگهان!

● اي من، اٿي جاڳ! ڏِس پرهه جا پکي اٿيا آهن ۽ ان جي حمد و ثنا ڪري رهيا آهن، جنهن کين هڪ نئون صبح ڏيکاريو آهي ۽ جهرڻا به پنهنجي پڻ پُڻ ۾ جُٽي رهيا آهن ته کين هڪ ٻيو ڏينهن مليو آهي جڏهن هو پانڌيئڙن جي پياس ٻجهائي سگهندا ۽ درخت انهن جي گونجار تي جهومي رهيا آهن ۽ سوچي رهيا آهن ته ڪنهن ڪنهن تي ڇانوَ ڪري ڪنهن ڪنهن جو ٿڪَ پجي سگهندا؟

● ڏسين ٿو؟ صبح جي صراحيءَ مان سچ انگوري شراب وانگر پيٽجي رهيو آهي!

● سانوڻ، ايڏو وسيو آهي جو هن جون انبڙيون، ڏوڀي، سايون ڇَهڇَ تي ويون آهن!

● سانوڻ! ايڏو ته نه وس! منهنجي محبوبا ساري پجي وئي آهي ۽ هن جو چولو هَن جا اُرهه پسائي رهيو آهي.

● سانوڻ! ايڏو ته نه وس! هن جي وڻ ۾ پڪا انب پجي ويا آهن.

● توکي هن پوپٽ جي رنگن کان وڌيڪ خدا جو ٻيو ڪهڙو ثبوت گهرجي ٿو؟

● جي مان چوان ته جهرڪيءَ کي آکيرو ٺاهڻ خدا سيکاريو آهي ته ان ڳالهه جي ان کان وڌيڪ ڪهڙي سؤلي سمجهاڻي تي سگهي ٿي!

● ماکيءَ جي مک گلاب تي اُڏري آئي آهي.

مٿان هن کان هَن جو رزق کسين!

● ماکيءَ جو مانارو نه ڏاهه! لکين گل جڏهن رَتَ ڏيندا آهن تڏهن مانارو ٺهندو آهي.

● ڏِس، انب ٻُور سان ڀوڪيا آهن ۽ ماکيءَ جون مکيون اچي ڪٺيون ٿيون آهن ۽ مون ۾ وديا پتيءَ جي آتما ڪَر موڙي رهي آهي!

● هر وڻ منصور هوندو آهي، جڏهن ماڻهو اُن کي وِڍيندا آهن.

● جيترو ئي ماڻهوءَ جو ٻاهر ڏٺو مُنو، صاف سٿرو آهي، اوترو ئي هن جو اندر پلپلو آهي، ڪيئرو آهي.

● توکي معلوم آهي ته جڏهن منهنجي اليومينم جي ڪلبل دريءَ مان

Gul Hayat Institute

تي پيرا ڪراچي جي ڪنهن مُرغ جي ٻانگ ايندي آهي تڏهن مان پنهنجي گهڙيال ڏانهن ڏسندو آهيان. ڇا اهو ڪٿي تيل وقت اچي ويو آهي؟ ڇا مان پنهنجيءَ صليب کي کُلهوڏيان.

● نه رڳو گهوڙي کي موت جي اڳواٽ خبر پوندي آهي پر ٻي هر جاندار کي به اڳواٽ پتو پئجي ويندو آهي. رڳو انسان کي خبر نه پوندي آهي جو ان ڏس ۾ احقرالمخلوقات آهي يا انسان کي.....؟

● ماڻهوءَ کي موت ۾ گهٽو ڪجهه ڇڏڻو پوندو آهي، جو سچ پچ من جو هوندو به نه آهي. جئپور ۾ مون هڪ راجا جي خالي محل سرا مٿان لنگور ڏٺو هو، جنهن جو پڇ هڪ وڏي سوال جي نشان وانگر هو ۽ ان جي سامهون سورج گهڙي هئي جا سانجهي تيندي ئي بيهجي وئي هئي!

● من وڻ جون پاڙون اکڙي ويون آهن. ان ڪري الڪو نه آهي ته ڪڏهن ڪِري، من گل جون پتيون پکڙجي ويون آهن، ان کي الڪو نه آهي ته ڪڏهن ٽو ڇٽي! پرندا جيستائين جيئرا آهن واءُ ۾ پنهنجا پَرَ هڻندا رهندا آهن. رڳو انسان کي ئي انت جو خيال مايوس ڪندو آهي. ڇاڻين ٿو ته ڇو؟

● موهن ڪلپنا! توکي موت کان اڳ اها خبر نه هئي ته تون ٻي ڪهاڻي نه لکي سگهندين: تنهنجي زندگي جي سڀ کان وڏي الميه ڪهاڻي اها هئي ۽ اها وقت جي آڳرين هوا تي ائين ئي لکي ڇڏي هئي جو تون ان کي درست به نه ڪري سگهين!

● تون ئي ته منهنجو ساٿي آهين، موت کان حياتيءَ تائين، حياتيءَ کان موت تائين، مون توکي ’ميران‘ کان وڌيڪ ڳوليو آهي. تون جو تنبوري جي تارن ۾ سُتل آهين ۽ منهنجي ڇُهاءُ سان جاڳي پوين ٿو!

● ’رب ارني‘ جو آواز اچي رهيو آهي؟ زندگي ڪوهِ طور وانگر ٻري رهي آهي ۽ چوڌاري رات جو انڌيرو آهي.

● وسي رهيو آهي. وسي رهيو آهي، مينهن وسي رهيو آهي. مان ٻنيو ٻيڪڙي وينو آهيان، ڇت ٽپڪا ڪري رهي آهي.

يا خدا! ايترو وساءِ ته سنڌو نستار ني وچي ۽ پکي ڊجن يا پسون، توڙي ماڻهو، انهن مان ڪوبه اجارو نه رهي.

● [illegible]

Gul Hayat Institute

- ڏنگڻ نانگ جي فطرت آهي، ڪير پيارڻ منهنجي فطرت آهي.
- منهن جو ايترو منو، اندر ۾ توهه ڪان وڌيڪ ڪوڙو. ايڏو ڪوڙو جو هُن جي زهر، هُن کي ئي کائي رهي آهي!
- تون موت جي خيال کي دل مان تڙي ڪڍيو آهي جڻ تہ ائين ڪرڻ سان تون نہ مرندين! پاڳل! جي چوويهہ ڪلاڪ اسٽالن کي اهو احساس هجي ها تہ ماڻهو ڪڏهن بہ مري سگهي ٿو تہ هو ايڏا ظلم نہ ڪري ها ۽ يوء يو- ايس- آر نہ ڊهي ها! موت جو احساس ئي ماڻهوءَ ۾ چڱائيءَ جي پيڙهہ پختي ڪري ٿو.
- ڪو توکي رهڻ پائي، تہ هن کي چاقو نہ هڻ!
- نانگ کي لٺ سان هٽائي ڇڏ. پنهنجي راهہ وٺي ويندو. هرويرو ان کي مارين چو ٿو؟
- معافي تہ اوصاف خداونديءَ مان آهي، پو ايڏي ڪاوڙ ڇو؟
- گڏهہ. لفظ. گڏ + ڏهہ مان ٺهيو آهي.
- ڇا عوام سچ پچ اُيرندا؟ جي ها تہ آهي سج وانگر اُيرندا يا سج گرهڻ وانگر اُيرندا!
- هاڻي تنهنجي مٽي مان ڪميونزم جو سوداءُ سَل ڪري بہ ڪڍي نہ سگهبو! تون جڪڙجي چڪو آهين ۽ پنهنجا زنجير توکي وٽي ويا آهن.
- ڇا چادم- نخشب مان اُيرندر چنڊ کي بہ گرهڻ ٿيو هو؟
- اڄڪلهہ تہ هر ڪُرسي ڏسي ڪرسي ٿي اچي!
- تون ٺڳي ڪري خدا جو نالو وٺي رهيو آهين، جو تہ تنهنجي فلسفي ۾ تنهنجي لعين مقصد لاءِ خدا کي ذريعو ڪري استعمال ڪري سگهجي ٿو.
- ڇا مان تُنهنجا ڇل ڪَپت وائڪا ڪيان؟ ير مان يانيان ٿو تہ مون ڪان اڳ موت تنهنجي ڳلي ۾ رسو وجهي رهيو آهي. ڪَپتي، پاڪنڊي، بهروپي، ڇا تون موت سان بہ بگلو ڀڳت ٿي سگهندين؟ ڏاڍو ٻلو آهين!
- ڪتنا هڏو بہ ڇباڙي رهيو آهين ۽ ڀؤنڪي بہ رهيو آهين! ڇڻ اهڙو ڇگو ٻهريدار آهين!
- اهڙي ڪهڙي سوچ آهي، جنهن توکي جاسوس بڻايو آهي؟

Gul Hayat Institute

● اُٺ جا پُٽ! منھنجي خيمي ۾ ڇو آيو آھين؟

● ھي چمڙو اونڌھہ ۾ ڇايو ھو، اونڌھہ ۾ مري ويو آھي. ھن روشنيءَ جي دنيا تہ ڏسي نہ ڏٺي! شايد اھا ھن جي ڀاڳ ۾ نہ ھئي!

● ڀيرو! ڪنھن سان دوستي ٿو رکين؟ ھن جي سيني ۾ اسلحہ خانو ڏٺو آٿي؟

● مترنا مترتا ڪان وڌيڪ متر لفظ آھي پر رکو لفظ ٿي تہ آھي!

● جڏھن دوست دشمني ڪندو آھي تہ ھن ڪان برو دشمن ڪونہ ھوندو آھي.

● غالب جو ھڪ شعر آھي:

ھے کہاں تمنا کا دوسرا قدم یا رب،
ہم نے دشت امکان کو ایک نقش پایا.

جي دشت امڪان عالمي تاريخ کي سمجھيو وڃي تہ ان استعاري جي دائري ۾ ڪيتري وسعت پيدا ٿي وڃي ٿي! سمجھڻ وارا سمجھي ويندا تہ ھن دؤر ۾ نقشِ پا ڇا آھي؟ ڇا اُن کي حوادث جو طوفان ملياميٽ ڪري ڇڏيندو يا اھو ڪنھن منزل جي نشاندھي ڪندو؟ ھن وقت تائين تہ دشتِ امڪان جو ڪوئي نقش پا مون لاءِ معاون ثابت نہ ٿيو آھي.

● وڃ، وڃ، پنھونءَ جي ڪيڏ وڃ! مان توکي جھليان نہ ٿو. ممڪن آھي تہ ڏرتي ڦاٽي پويءَ توکي ڪنھن ڪُڏي ايل پنھوار ڪان بچائي وٺي! پر اھو سمجھي ڇڏ تہ امڪان ۽ ايقان ۾ فرق آھي. ڌرتي توکي ھميشہ لاءِ ڳھي بہ سگھي ٿي.

Gul Hayat Institute

● مومل! ايڏي عشق جي انڌ! تو ڏٺو ٿي نہ تہ راٿو ڪاٺو آھي!

● قوم پرستيءَ ڪان اول اھو طئہ ڪر تہ تنھنجي قوم ڪھڙي آھي!

● مان توکي پيري ۾ وجھي وڻ ۾ لٽڪايان تہ ڇا تون ائين سمجھندين تہ تون وڻ جي ٿاريءَ تي لڏي رھيو آھين؟

● ابوءِ! آزاديءَ جي رستي تي ڪيڏي نہ گسَ آھي! ساھہ تہ منجھي!! پٽر ھجن ھا تہ بہ چگو!

● مون دريا خان جي قبر تي متو ٽڪرائي چيو: ”اٺ! متيءَ مان اٺ! سج نصف النھار تي اچي چڪو آھي.“

● توکي معلوم آهي تہ جڏهن اسٽالن جي ڌيءَ سيوتلينا هڪ يهوديءَ سان شادي پئي ڪئي، تڏهن اسٽالن هُن کي ڪهڙي گار ڏني هئي؟ جي تون سيوتلينا جي آتم-ڪهاڻي پڙهين تہ دهريت جي دريده دهنيءَ تي ڏندين آڱريون ڏين!

● تون انسانذات سان محبت ۽ انسان سان نفرت ڪرين ٿو. دهريت اهوئي تہ سيکاريندي آهي!

● هڪ دهريو تيستائين انسان دوست آهي، جيستائين هُن کي اقتدار نہ مليو آهي.

● ڇا تاريخ مان ڪوئي مثال ڏئي سگهندين تہ فلاڻو خدا دشمن، انسان دشمن نہ هو؟

● دنيا ۾ اقتدار ئي هر خرابيءَ جي جَڙ آهي. دولت بہ جڏهن اقتدار لاءِ ذريعو ڪري استعمال ڪئي ٿي وڃي، تڏهن ئي ان ۾ خرابي ڪنهن گٽر وانگر تتي پوي ٿي!

● اي ڪيرٽر! ڇا تون ويڳي ويڳاڻي ٻار وانگر آهين؟ ڪنهن وقت تہ تنهنجي هر چپ کي دودي جيڏي دل هئي!

● اي روپا ماڙي! ڇا ٻاڳهي اڃا تو مان اُفق ۾ نهاري رهي آهي؟

● تون اکيون ٻوٽيندين تہ ڇا سج نہ چمڪندو؟

● اي هماليہ! تنهنجي ديد ڪيترو نہ دور ڏسي ٿي؟ تُنهنجي پَٻ وٽ ويٺي ڪوئي تنهنجيءَ چوٽيءَ کي ڏسي بہ نہ سگهيو آهي!

● مائو ميان! تنهنجي تهذيب سمير جي تهذيب کان بہ پراڻي آهي ۽ ان جي هر سِر پڇي، پُري مٽي تي چڪي آهي. پوءِ ڇا؟

● تون پاڻ تہ انگ اڪهاڙو آهين. توکي رڳو ان تي فخر آهي تہ دنيا ۾ سڀ کان اڳ ۾ تنهنجن وڏن آڏاٽو ناهيو هو!

● من کي ايتري بہ رَسي نہ ڏي تہ نانگ ٿي پوي!

● سوچي ڳالهاءِ! هر لفظ هڪ تلوار آهي جا توتي ڪري سگهندي آهي.

● فصاحت درياهہ جي روانيءَ وانگر آهي جا ڪڏهن ڪڏهن صاف پاڻيءَ کي لوڙهي ويندي آهي، ان ڪري مان تقرير لکي پڙهندو آهيان.

Gul Hayat Institute

- دوستي غلطيءَ جو ٻيو نالو تہ نہ آهي!
- جي ڪائي ڪوڙي ءِ ڪوڙي ڪهاڻي آهي تہ اها دوستي آهي.
- دوست، اُنهيءَ دشمن جو نالو آهي. جو تنهنجي ويجهو آهي.
- جنهن ڪي نظريا دوستيءَ کان وڌيڪ پيارا آهن، اهو تنهنجو دوست ڪڏهن بہ نہ ٿي سگهندو.
- هاتي دوستيءَ تي ڪيترو بہ مانجهو مل! اها گهٽو گشڪو سهي نہ سگهندي.
- سچ ڳالهائي اس ۾ پلي ويهہ، ڇانوَ ۾ ويهڻ لاءِ ڪوڙ نہ ڳالهاءِ!
- جي دوستي فريب آهي تہ رکو رفاقت تہ الائي ڇا هوندي!
- نہ وڃونءَ جي اولاد سان ڪڏ چپر چڱو آهي نہ واڳونءَ جي اولاد سان ڳڏ ڪير.
- توڪي موت جي مُنهَن ۾ ڌڪيندڙ جي تو جيترو جوکو پاڻ نہ ڪٽي، تہ اهو سمجهہ تہ يا هو مڪارءِ فريبي آهي. يا ذهني امراض جي شعبي ۾ داخلا جهڙو آهي.
- چتي ڪتي جي چڪ کان پالتو ڪتي جو اڻ- چتائو چڪ بُرو ٻيندو آهي.
- افسوس! مون ڪي ڪيتري وقت کان پوءِ سمجهہ ۾ آيو تہ دوستيءَ جي نانوَ واري ڪا شيءِ نہ آهي.
- ڄاڻو سَڄاڻو! سوين! سنگت؟ ڪنهن سان بہ نہ!
- جڏهن بہ مون ڪنهن جي پڳ جو پيچ ٻڌو آهي، هُن اها پڳ منهنجيءَ ڳچيءَ ۾ نوڙي ڪري وڌي آهي.
- ماڻهوءَ تي ڪاوڙ ۾ مون هن کي ڪتو جهڙي ڳالهوَ ڏنا، افسوس جو مون ڪتي تي ڪاوڙ وقت هن کي ماڻهو جهڙي گهٽ وڌ نہ ڳالهايو!
- اعتبار؟ خدا کانسواءِ ٻيءَ ڪنهن ڳالهہ ۾ اعتبار ڪهڙيءَ چڙيا جو نو اهي؟
- [illegible] تو، باقي ماڻهوءَ جو ڪکيل جهي

Gul Hayat Institute

● اڳي تہ ترانسڪائيٽ لفظ گار وانگر ڪم آڻيندو هئين! ڇا هاڻي نئين گار "اسٽالنسٽ" تنهنجي جيب کي نئون سواد ڏني ٿي؟

● سياستدان اديبن کان وڌيڪ سياڻا هوندا آهن. گهٽ ۾ گهٽ هو دوستيءَ ۾ تہ اعتبار نہ ڪندا آهن.

● شل نہ هڪ ڪميونسٽ کي ملڪيت جي چُوس پوي، پوءِ هاڻار تہ ڇڏ، توتي ماڪوڙن لاءِ بہ ماس نہ ڇڏيندو!

● نرگس لطيف جا "آهيان جي وچ ناهيان" جي مصنفہ آهي، ان سان گڏجي، مون گوئٽي انسٽيٽيوٽ مان ڪجهہ ڪتاب پڙهڻ لاءِ ورتا. انهن ۾ ڪجهہ ڪتاب منهنجي مرغوب اديب "هينرڪ بول" جا بہ هيا. جنهن ۾ هن جون 22-1921ع ۾ آئرلينڊ جي سفر واريون ڊائريون بہ هيون. اتي برفباريءَ کان پوءِ ڏاڍي سردي هئي. هينرڪ بول پنهنجي ڊائريءَ ۾ لکيو آهي تہ آئرلينڊ ۾ هن کي ٻن قسمن جا ماڻهو مليا. هڪڙا اهي جن کي چيو پئي ويو:

"اوهہ! اڄ ڪيڏي نہ سردي آهي" تہ انهن جواب ٿي ڏنو: "سچ، ان کان بري نہ ٿي سگهي ٿي" ۽ ٻيا اهي جن چيو پئي، "تون شايد هتي پهريون دفعو آيو آهين، ان کان بہ بري ٿي سگهي ٿي." اهي ٻہ طبيعتون جتي ڪٿي آهن.

منهنجي گهر کان ڏهاڪو قدمن تي ڊاڪٽر انور اعوان جي اسپتال هئي، هو اڳئينءَ سنڌ گورنمينٽ ۾ وزير خورشيد شاهہ جو مامو هو. تازو ڇام سادق جي وزارت وقت ايم ڪيو ايم سکر ۾ ڏاڍا هٿيار هٿ ڪيا. منهنجي ۽ ڊاڪٽر انور جي اسپتال جي چوڌاري ايم ڪيو وارن جا هزارين گهر آهن. جن ۾ اڪثر پلي پيٽ جا ڪونجڙا رهندا آهن، جن کي اڳي دڙڪو ڏيندا هياسين. هنن جو ساهہ سڪي ويندو هو پر هاڻي هٿيار حاصل ڪري شينهن ٿي پيا آهن. مان سارو گهر ڀريل ڇڏي ٿي سال اڳي بيماريءَ سبب اچي ڪراچيءَ [illegible] آهيان. هتي خبر پئي نہ پنهنجا پاڙيسري، جن کي [illegible] آڙيءَ اوڏيءَ ۾ [illegible] ايندو هوس [illegible] سڀڪي تانبو [illegible] شيءِ گهر مان [illegible] ويا آهن. جڏهن [illegible] [illegible] [illegible] خبر [illegible]

[illegible]

ڪلاشنڪوف جو برسٽ هڻي، پوءِ ٽڪرا ٽڪرا ڪري ماريو اٿائون. زرينا جڏهن چوريءَ جي ڳالهہ پڌي، روئي رهي هئي تڏهن مون کي هينرڪ بول واري مٿين ڳالهہ ياد آئي: "موسم اجا وڌيڪ خراب ٿي سگهي ها!" مون هن کي چيو:

هوءَ سمجهي نہ سگهي تہ مان ڇا چئي رهيو آهيان!!

● تنهنجو دماغ بہ يو- ايس- ايس- آر وانگر ٽڙڪي پيو آهي!

● امام ابو حنيفہ چوندو هو تہ "ظالم ۽ متڪبر پنهنجي موت کان اڳ ۾ هن دنيا ۾ ڪجهہ نہ ڪجهہ ضرور سزا پائي ٿو ۽ ذلت ۽ نامراديءَ جو منهن ڏسي ٿو؟" ڇا مسوليني، هٽلر ۽ اسٽالن ان نامراديءَ ۾ شريڪ نہ هيا؟ ڇا ٽراٽسڪيءَ جو مٿو اسٽالن ڇتايو نہ هو؟ ڇا لينن جو مٿو موت کان پوءِ تاريخ ڇني نہ ڇڏيو ۽ اسٽالن کي ڪفن ۾ مٿي ڇپائڻ جي جاءِ ڪريملن ۾ نہ ملي ۽ پنهنجي ديس ۾ جو ڪجهہ ٿيو آهي، اهو تہ توکان ڳجهو نہ آهي يا مان. ان تي بہ وقت وڃايان ۽ توکي اهو ٻڌايان تہ ڇا ڇا ٿيو آهي؟ ها، جيڪي اجا ٿيڻو آهي، اهو منهنجي ڪمري ۾ نقش بديوار آهي ۽ مان نند مان اٿي روز ان جي آجيان ڪندو آهيان جو اچڻو آهي، جو پنڌ ۾ آهي، جو گهڻو ڏور نہ آهي. نہ وري اها ڳالهہ منهنجي اکين کان اوجهل ٿي آهي تہ برائي ڪئن پنهنجو انت پاڻ ٿئي ٿي؟

● قاتل! قاتل! قاتل! پوءِ تيمور لنگ آهين يا مائوزي تنگ آهين، مان تنهنجي پيءُ کي بہ سڃاڻان، تون مون کي لڳي نہ ٿو سگهين!

● پگل آئيني جي پور جو ڪئي ڪري رهيو آهين؟ هان، وٽ هي آئينو، جو صدين کان سچو ۽ صاف آهي ۽ جنهن ۾ تون اڄ بہ پنهنجوچهرو ڏسي سگهين ٿو.

● وڃون پنهنجيءَ فطرت کان باز آيو تہ ڪائنات بدلجي ويندي!

● محمود غزنوي جڏهن مري رهيو هو تڏهن هن موت کان پہ ڏينهن اڳ ۾ حڪم ڏنو: "منهنجي سامهون آهي هيرا آڻي رکو جي مون سومنات مان آندا ها."

[illegible] ديو، جيسٽائين هن جون [illegible]

Gul Hayat Institute

● ادب کي انقلابي سياست جو ذريعو نہ بڻايو. ادب پنهنجيءَ جاءِ تي انقلاب آهي.

● هٽلر تہ مري سگهي ٿو، پر گوئبلز ۽ گوئرنگ نہ مرندا آهن.

● ڪنهن هلِ کان پڇيو اٿي تہ ڇيڙن ۾ ڪيترو مزو آهي؟

● شينهن پنهنجو حصو ڪٽندو، پوءِ شينهن آمر هجي يا جمهوري نمائندو.

● تون بازن جا پر تہ ڪتريندو رهيو آهين پر پنهنجين اکين جو خير ڪڏهن نہ سوچيو اٿيئي!

● دوستيءَ جو پکي فقط هڪ پر تي اڏامندو آهي، ٻي پَر جو فقط ڏسندڙ کي گمان هوندو آهي.

● آخر ۾ انسان کي، جي هو خوشنصيب آهي. فقط پنهنجو خاندان ڪم ٿو اچي.

● تون پٿر آهين، ڪاٺ آهين، تجربي ڪار آهين. نہ تو ۾ جذبو، نہ احساس، نہ دل آهي. سياست ۾ جو نہ تو وڃين؟

● ڇا چتو ڪتو چوڪيداري ڪري سگهندو آهي؟ هوَ تہ پنهنجي پرائي کي ڪائيندو آهي؟

● ان کان ڪوئي وڏو گناهہ نہ آهي تہ ڪنهن جي اعتماد کي ضرب پهچائي وڃي.

● اي سنڌ! تون منهنجا محاورا ڪڏهن سمجهندينءَ! يا تون اهو نہ ٿي سمجهين تہ مون کي ڪوئي پيغام بہ آهي!

● پٽ کان پُٽي ڏسندين تہ اکِتي کان اکِتي ويندين.

● جوڏاس! مان توکي تنهنجي نرم گفتگوءَ مان سڃاڻان، مان ڄاڻان ٿو تہ تون جاسوس آهين پر مون توکي چيڪ چڏي ڏنو آهي، جو تہ مان ڄاڻان ٿو تہ صليب کانسواءِ منهنجي تقدير جي تڪميل ناممڪن آهي.

● جي نوح جي ٻيڙي ۾ ڪوئي عرب هجي ها تہ تلور جو نسل نہ بچي ها!

● ڪتو مري ويو ۽ ڇيڙ هن کان ڪَن ۾ پڇي رهيو آهي. "مون کي ڪنهن جي آسري تو ڇڏي وڃين؟"

Gul Hayat Institute

● ڇيڙا پليءَ جا خواب لهي رهيا آهن!

● مون هن کي ڏسي چيو: ”تون ايڏو اکين پوڙ آهين، جو ڪنهن وقت تنهنجون بي جان اکيون پٽيل رهجي وينديون!“

● جا توکي موت کان پوءِ معاف ڪريان

جو نه؟؟ منهنجو جهيڙو تنهنجي جيءَ سان هو، تنهنجي لاش سان نه نه آهي.

● هن ساري زندگي اهو سوچيو ته هن سان هيٺين ۽ هن سان هونءَ پلئہ ڪندس. هن اهو ڪڏهن نه سوچيو ته موت سان پلئہ ڪيئن ڪندس!

● تو سڄي عمر سازش ۾ گذاري آهي. ميڪاولي به ايڏي سازش ڪري ٿڪجي پوي ها. جو نہ هو تو وانگر دهريو نہ هو.

● گوئبلز! جا هيءَ اخبار تنهنجي منهن ۾ ٿُڪ نه ڏئي رهي آهي؟

● جون ٿا ته جهنگ سيال ۾ رانجهو هير کي ڇڏي پڇي وڃي ها ته بچي وڃي ها پر جا رانجهوءَ جي اهڙيءَ زندگيءَ کي ڪا معنيٰ ٿي سگهي ها؟ اها زندگي ته خودڪشيءَ کان به بُري هجي ها! ها، پر تون رانجهو نہ آهين!!

● تون انقلابي آهين؟ تو پنهنجي طبيعت ۾ ڪهڙو انقلاب آندو آهي؟ تون جو پنهنجي آپ- سوارت. ڪُڌائيءَ نيچ پائيءَ مان آجڪائي نه پائي سگهيو آهين؟ تون جو اهو هر ڪوڙ اختيار ڪرين ٿو جو تنهنجي فرضي سچ جو ذريعو ٿي سگهي. جيتوڻيڪ اهو ڪوڙ توکي توڙ تائين نه ٿو پهچائي. رڳو توکي مُنهن ۾ چائي نو وڃهي. جڏهن جمهوريت پسند اليگزينڊر هرزن جو تو ڀاري انقلابيءَ سان اختلاف ٿيو ته هن توکي انقلابي شهوت جو بادفرنگ ڪوٺيو هو. هرزن جا اهي همعصر جن کي پوءِ بالشيوڪ سڏيو ويو، اهو به وساري وينا ها ته جمهوريت پسنديءَ سبب، هرزن کي زار ديس بدر ڪيو هو. تون انقلاب جي ڪفن جو ڪيڙو آهين، تون جو پاڻ کي جديد دنيا ۾ ان جي فڪر جو نمائندو سڏي رهيو آهين. رڳو اهو شيشي جو پُڙ آهين جو اجا تائين لينن جي لاش تي رکيو آهي، جنهن کي ڪنهن وقت ڪريملن مان ڪيي فٽي ڪندا؟ جا تون جيفرسن جي آزاديءَ جي پڌرنامي جي حمايت ڪرين ٿو ۽ والٽ وٽمئن جي شاعري اُتم سمجهين ٿو؟ نه، تون در پردي اڃا ڪميونسٽ پڌرنامي جو حمايتي آهي، جنهن تي تون پنائيءَ جو شعر ڪعبي

جي غلاف وانگر اوڙهي، سنڌ جي عوام کي بيوقوف بڻائي رهيو آهين ۽ جو تنهنجي ترقي پسنديءَ (جنهن کان وڌيڪ جديد دنيا ۾ ڪائي دقيانوسي ڳالهه نه آهي) جي چار ۾ نه ٿو ڦاسي، مون کي اناپرست ڪوٺين ٿو ۽ ايئن ٿو سمجهين ته تنهنجو انڌو وشواس جڳ لاءِ ڪوئي فانوس آهي. انڌو وشواس انقلابيءَ جهڙو خطرناڪ جيوڙو ٻيو ڪوبه ناهي. تنهنجو ساٿ ڪوڙهئي جو ساٿ آهي ۽ جي مان تنهنجي ڪوڙهئي هٿ سان پنهنجو هٿ ملائڻ نه ٿو چاهيان ته تون ان کي ڪپڻ ٿو چاهين، جئن اهو قلم کي نه جهلي سگهي. تون معاشيات جا ٻه اکر پڙهي، پاڻ کي جديد علم جو ڄاڻو ٿو سمجهين ۽ ڪميونزم جي باسي بڪواس دسترخوان ۾ ڍڪي پيش ڪري رهيو آهين. نه مون تنهنجي انقلاب کي واري جڙيو آهي، اهو گٽر جو فلسفو آهي. گٽر جو ماڻي فقط گندي نالي وڃي رهي آهي. پر ڇا ڪجي، هڪ ڪافر جو تعصب مومن جي تعصب کان به وڌيڪ پائدار ٿيندو آهي ۽ ڪافر ان جي بچاءَ ۾ مومن کان به وڌيڪ محنت ڪندو آهي. دراصل تو ۾ انا آهي، جنهن تي سماجي ڍاڪڻون رکيو آهي.

مان ته سينٽ جا پرسي (St: John Perse) وانگر چوان ٿو:

"And it is enough for poet to be the guilty conscience of his time."

ترجمو: اهو شاعر لاءِ ڪافي آهي ته پنهنجي دؤر جو مجرم ضمير ٿئي).

● سياستدان، جي دانشور به آهي ته هن جي دنيا ڪجهه ماضيءَ جي تاريخ آهي ڪجهه حال ۾ ملُ هنگامو آهي ۽ ڪجهه پنهنجيءَ يا اڏاري عينڪ مان مستقبل جو ديدار آهي، جنهن ۾ هن جي نظر جو فريب ڪيترو شامل آهي، اهو مستقبل ئي ٻڌائي سگهي ٿو. شاعر جي اڳيان ازل کان ابد تائين وسيع ميدان ڦهليل آهي ۽ هن جي اکين کي ڪنهن به عينڪ جي ضرورت نه آهي. هن جي ديد جٽي آهي ته هو ڏُور ڏُور تائين ڏسي سگهي ٿو. فقط عقل جا انڌا سياستدان هن کي نابين سمجهن ٿا ۽ پنهنجيءَ بينائيءَ تي تڏن ٿا، پر جڏهن کان هنن جي عينڪ ڀڃي پئي آهي تڏهن کان اهڙا معذور ترين شخص مون ٻيا نه ڏٺا آهن.

● اي سنڌيو! ڇا اوهان ڄاڻو ٿا ته غلام قادر روهيلو ڪير هو؟ ...

Gul Hayat Institute

اوهان اهو چاٿو تا تہ هن جڏهن خنجر جي نوڪ سان شاهہ عالم جون اکيون ڪڍيون هيون ۽ حرم جون نازنينون بي عزت ڪيون هيون تڏهن مستقبل آڌواتيءَ ۽ هن جي بي جي بي جي انتظار ۾ هو؟

● شاهجهان چرچي ۾ چوندو هو تہ:

”پوربو شيراز- مملڪت ماست؟“

شاهجهان کي اها خبر نہ هئي تہ پوربو سنڌيءَ ۾ ڇاڪي چئبو آهي ۽ نہ وري، شيخ مجيب کي اها خبر هئي!

● ڪسيءَ جا ڪيڙا! تون تہ ڪاريهر جي ڏک ڏٺي رهيو آهين؟ ڪڏهن تو جهارو ڦري ۽ تون ڪنر ۾ وهي وڃين؟

● تون پاڻ کي پلي سقراط چئہ، پر آنءُ جو هيملاڪ توتي اَجائي وڃايان! آنءُ اهڙو اياڻو نہ آهيان!

● سنڌي ماتھوءَ جو وڏي ۾ وڏو مرض ڪچهري آهي جو سندس سنڌ سُڪائي تو وجهي.

● سچ نٺينگ تي اُيري رهيو آهي. دادوءَ جا شهر! تون ڪڏهن پنهنجي آرس مان جاڳندين!

● ڇا ساڳيو ديس بلهي شاهہ ۽ جنرل ضياءالحق کي پيدا ڪري سگهندو آهي؟

● هن ڳالهہ تہ جمهوريت جي تي ڪٺي پر صحيح فقط پاڻ کي ئي سمجهيو

● تو دوستو وسڪيءَ جو اهو ڪردار پڙهيو آهي جيڪو ساٿين هٿان سارو شهر تباهہ ڪرائي پاڻ، ريل تي چڙهي، ڪلندو هليو ويو هو. سازشي! ڇا تون سمجهين ٿو تہ مان توکي نہ ٿو سڃاڻان!

● هو ڪهڙو بادشاهہ/ راجا هو. جنهن مهمان لاءِ وڏو محل ٺهرائي، ان جي بنياد ۾ لوڻ وجهايو هو ۽ جڏهن هن جو مهمان آتي اچي ٽڪيو هو، تڏهن پاڻي هارائي هَن لوڻ وارا بنياد ڳارائي وڌا ها ۽ محل اچي پٽ تي ڪريو هو ۽ مهمان دپجي ويو هو. اي هندستان جا ڪميونسٽ! ڇا تون پنهنجيءَ تاريخ مان سبق نہ سکيو آهين.

● سڪندر موتي ويو، ڪانءُ اچا آبِ حيات تي ويٺو آهي.

Gul Hayat Institute

- ڇا آزاديءَ لاءِ خوني انقلاب ضروري آهي؟
- لومڙ بگهڙ کان خراب ٿيندو آهي. بگهڙ سڌو حملو ته ڪندو آهي!
- ڇتي ڪُتي جي ڪِڱ ڏسي عرفي جي غلطيءَ جو احساس ٿو ٿئي.
- ڇا آمريڪا ايتري خراب آهي؟

آمريڪا ايمرسن، ٿارو، والٽ وٽمئن پيدا ڪيا ۽ دنيا کي نازي جرمنيءَ، فاشي اٽليءَ ۽ هيرو هٽو جي جاپان مان جند ڇڏائي! ڇا اها روس کان به خراب آهي، جنهن ۾ سوين اديب ماريا ويا. گدام آرٽسٽن جي شهڪارن سان ڀريا ويا ۽ جو ڪنهن وقت زار جي امپيرئلزم جو نئون روپ هو، پر هاڻي ٿئي، آمريڪا جي پيرن ۾ ڪريو آهي ۽ ليلڙاٽيون ڪري ٻيڪ مڱي رهيو آهي؟

اي پاڪستان جا جعلي ترقي پسندؤ! اوهان کي آمريڪا جي نفرت تي پاليو ويو آهي ۽ اها نفرت ائين آهي، جيئن وش ڪنيا ۾ زهر هوندي هئي.

- توکي ڏسي مون کي آواڳون ۾ اعتبار اچي ويو آهي، ڇو ته تون اسنان جي روپ ۾ نانگ آهين.

- تنهنجي ساري رفاقت انهيءَ گهاٽي گاهه وانگر هئي، جنهن ۾ نانگ لڪو ويٺو هو ۽ جڏهن اُن تي منهنجي لت آئي ته ڪڪيائين.

- تون مذهب، رنگ، نسل، آزاديءَ، انقلاب، مطلب ته جنهن نالي ۾ ٻي انسان جو خون وهائين، تون خوني آهين. ڪنهن جي، ڪهڙي به نالي ۾ رتوڇاڻ ڪرڻ نيڪ آهي. انسان جي خون کان مقدس ڪائي شيءِ نه آهي، جي ائين نه هجي ها ته سڀ انسان آدمخور هجن ها. مان ته چوان ٿو ته ساري زندگي مقدس آهي، پوءِ اها انسان جي هجي يا ٻي جاندار جي. تتر جي ڳلي تي به ڇُري نه وهاءِ! مون کي ائين ٿو لڳي ته تون ڪائنات کي تڪبير ڏئي رهيو آهين. ان جون ڀولڙيون ڀڏي فرشتا حيرت ۾ اچي ويندا هوندا ۽ سوچيندا هوندا ته ڌرتيءَ جا فرشتا ڪيترا نه پيارا آهن، اسان کي خدا بهشت ۾ قيد ڇو ڪيو آهي!

- ڳاڙهو ريت جو رنگ آهي؟ خوني! ڇا ان ڪري توکي اهو پسند آهي يا ان ڪري جو اهو ٻاڪ جو رنگ آهي؟ ڇا ڪوئي خوني به ٻاڪ جو ڳولائو هوندو آهي؟ هو ته رات جي انڌيري ۾ لڪندو آهي ۽ چنڊ جي فانوس

تي بہ ڪاوڙيو آھي.

● سائنس تباهي آهي، جي ان ۾ انسانيت نہ آهي. گلف واري جنگ ان جو ثبوت آهي. اڄڪلهہ ڏاڍو ڳاٻو نہ آهي، ڏاڍو ڏاند آهي، جنهن جا سنگ اسٽنگر ميزائيل آهن.

● اسرافيل پنهنجي صور ڦوڪي رهيو آهي جا رڳو مان ءِ ڪارونجهر ٻڌي رهيو آهيان!

● دودا، تون اڃا نہ تو جاڳين؟ قيامت جو سج نيزي جي نوڪ تي پهچي چڪو آهي.

● مينهن جا مانداڻ ڪر. ساري گهر ڪي باهہ لڳي آهي.

● اي ويهين صديءَ! تو ۾ نوانوي فيصد جانور هيا ۽ هڪ فيصد انسان هيا. پر مان پاڻيان ٿو تہ اهو جتي مان انسان ذات جي خوشامد ڪري رهيو آهيان!

● ٻڌ! ٻڌ! ڪارونجهر مان آواز اچي رهيا آهن. جي اهو ڦاٽو تہ تون ساري جو سارو جلي ويندين!

● تون شڪارپور ۾ منهنجو گهر ڳولي رهيو آهين! هي ساري سنڌ منهنجو گهر آهي، جتي صديون منهنجيءَ جُتيءَ جو آواز گونجندو رهندو.

● آدرش وادي! جا تنهنجي وادي ڪنهن اونهيءَ کڏ ۾ آهي، جتي توکي تنهنجو آدرش ڪيرائي مارائيندو؟

● مون پوني کان ڪجهہ ميل پري ٽڪريءَ تي شيوا- جيءَ جو ڪوٽ ڏٺو تہ مون کي ائين لڳو ڄڻ ان جي هر سر ڪاٽي سٽ سڻي رهي آهي.

● مون گوا ۾ هڪ پورچوگيز گورنر کي اکين ۾ گهوري ڏٺو ۽ سوچيو تہ ڇا ٻُت تراش انهن ۾ اهي ڪونڪني ڇپائي سگهيو آهي جي هن مارايا ها؟

● سسي ڦس! هتي وڃ! پٿر پاڻ ٿي چاڙهيءَ تي مٿي ڏڪجي رهيو آهي.

● هن گهڙيءَ سان تہ نياءُ! تون ويٺو صدين جو سوچين!

● ”بروٽس! مون کي توتي غصو نہ آهي“ سيزر چيو. ”تون منهنجي ڇاتي ۾ کهاءُ ڏٺو آهي جو قلوپطره ڪيو آهي؟ تون تہ مُئي کي ٿو مارين!“

Gul Hayat Institute

● منھنجا سياسي آدرش! مون تنھنجو ايترو انتظار ڪيو آهي، جيترو جيڪڏهن خدا جو ڪيان ها تہ ڪيئي ملڪ فلڪ پٺتي ڇڏي وڃان ها! تون ڪڏهن ايندين؟

● ڇا تون واچ جو ڪانٽو آهين جو ڦري ساڳي جاءِ تي ايندين؟ زندگي تہ قطب نما جو ڪانٽو آهي جو توکي پنھنجي توڙ تي رسائيندو.

● تاريخ جي مھڪ بہ مقناطيس وانگر ٿيندي آهي. جا رڳو انھن کي ڇڪيندي آهي جن کي لوهہ لڱن ۾ هوندو آهي.

● ميان تون آهين تہ پلو پر ورديءَ ۾ چار پلا پائي پاڻ کي شينھن جو پٽ سمجهي رهيو آهين.

● هر ڪوئي ڪرسيءَ تي ڊنوسار (Dinossaur) لڳندو آهي.

● هن اخبار جي ڪالم ۾ ڪتي جي ڳگ وهي رهي آهي؟ ڇا هي ڪتو چتو ٿي پيو آهي؟ هي مون کي چڪ بہ تہ نہ ٿو پائي، رڳو هوا جي جهوتي تي ڀونڪي رهيو آهي، جڻ چئي رهيو آهي، "تو ايڏي سرهاڻ جو ڪٿي ڪئي آهي جا منھنجي مٽي ۾ سور وجهي رهي آهي؟"

● منھنجي توسان دل ائين ٿي وئي آهي جيئن ٻڙ جون پڻ ولڻون هڪ ٻئي مٿان وري. ڳنڍجي وينديون آهن ۽ انهن مان ڪونج ڦٽي نڪرندا آهن.

● تون وار ڪارا ڇو ٿي ڪرين؟ تنھنجا اڇا وار مون کي ياد ڏياريندا آهن تہ اسان زندگي ڪڏ گذاري آهي.

اهي ڪارا وار توکي اوپرو بڻائي ٿا ڇڏن.

● وڃ ڪڏهن ٿي ڪري اُن جي آڪيري کي خبر نہ هوندي آهي.

● توکي ان مارڪسي- ليننني پوليءَ ڪانسواءِ ٻي پولي اچي تہ اُن ۾ لکين! مون کي تہ ان مان مُئل مڇيءَ جي ڌپ اچي رهي آهي.

● ڪجھہ ڪتن جي ڀونڪ ٻڌي، عرفي پنھنجو رستو ڇڏي ويندو ڇا؟

● ڪنھن چيو تہ: "تنھنجا دوست توتي ڪاوڙيا آهن."

مون جواب ڏنو: "هو ڪاوڙيا تہ پنھنجي غلطيءَ تي آهن، رڳو مان اُن جي نشاندهي ڪيان ٿو تہ هو مون تي ڪاوڙ ڇنڊن ٿا."

● احمقن جي ساٿ کان اڪيلائي هزار بار بهتر آهي.

● مون ناسڪ ۾ روهڙيءَ وانگر چُر ڏني، جنھن مان حلالي نڪري

تي ويو ۽ حرامي ڦاسي تي پيو. سرحد جي ٻنهي طرفن مونکي اهڙا ماڻهو مليا آهن جن جو تعداد ۽ طبيعتون ساڳيون آهن.

● سڪندر اعظم! مان به تو وانگر ذوالقرنين آهيان ۽ مون به پنهنجي مٽي جي ٻنهي پاسي بار ڪنيو آهي. ڪنهن وقت مون کي به تو وانگر اعظم جو خطاب ملندو.

● احمد شاهه ابداليءَ سنڌ ۾ مدد خان کي موڪليو. دراصل هتي جيڪو به حملو آور آيو آهي، مدد لاءِ آيو آهي.

● ائين ڇو آهي ته هر ٻنائيءَ جو پيش ور قاضي ڦاڏن ٿيندو آهي؟

● اقتصاديات جو شخصيات تي ايترو اثر نه آهي، جيترو شخصيات جو اقتصاديات تي آهي.

● مونکي جنوبي آفريقا جي ڪميونسٽ ليڊر ڪرس هاني جي قتل تي ڏاڍو افسوس آهي. جي ائين آهي ته اوهان ڪميونسٽ حڪومتن کان نفرت ڇو ٿا ڪيو جي ڪميونسٽ مخالفن کي مارائيندڙيون هيون؟

● علامه اقبال نيل جي ساحل کان ڪاشغر جي خاڪ تائين ڇا ڏسي رهيو آهي؟ مون کي ته هڪ ويران رستي تي لٽيل قافلو نظر اچي رهيو آهي، جنهن جا قافلا سالار سڀ مري چڪا آهن.

● وڃ، وڃ حسني مبارڪ وٺ وڃ! هو توکي هر فرعون جي قبر ڏيکاريندو. تون به پنهنجي لاءِ مخروطي منارو پسند ڪر ۽ مون وٽ هي به جوتا زائد آهن، اهي به اتي رکي اءِ! مٿان تنهنجي موت کان پوءِ ماڻهو اهي توکي هڻن!

اي اصحاب ڪهف! مان ته ڪيترو وقت اڳي جاڳيو آهيان. اوهان هاڻي اٿيا آهيو. جڏهن دنيا بدلجي وئي آهي!

● اي گهوڙي سوار! خيال ڪجانءِ ته گهوڙي جي ننگ ٿڙي، تنهنجي گردن نه ٽوڙي وجهي!

● ڏاهپ ڪيترا ڏنپ ڏياري ٿي، ڏنپ ڪيتري ڏاهپ ڏين ٿا!

● تو اهڙا شهيد ڏٺا آهن، جي بقيد حيات هوندا آهن.

● اي شيطان صفت انسان! تون انسان صفت انسان مان ڇا ڇاٿين!

● مراد کي احمد نگر جي جيل ۾ آفيم ڏئي مارڻ وارا اورنگزيب!

Gul Hayat Institute

توکي قدرت گهٽي وٽي ڏني هُئي!

● جي تنهنجو مڪافات عمل ۾ اعتبار نہ آهي تہ تنهنجو ہي ڪهڙيءَ ڳالهہ ۾ اعتبار ٿي سگهي ٿو؟

● رچ ۽ ڪتي جي ويڙهہ ۾ شريڪ نہ ٿيءُ، تماشائي ٿي رَهُ!

● اوهان جو دماغ ايترو ڌوئي صاف ڪيو ويو آهي جو اهو لانڊري ٿي پيو آهي!

● ويهين صديءَ ۾ ڊارون، فرائڊ ۽ مارڪس جي تعليم ہي هر تعليم کان وڌيڪ اضطراب جو باعث هئي.

● عشق ۾ ’سِيسي نيزي پانڊ، اچل تہ ہہ اڌ ٽٽي‘، ان کي تہ ڪا معنيٰ آهي، سياست ۾ اها سٽ مون کي تہ بنهہ بي معنيٰ ٿي لڳي.

● مارئي تين سولو آهي، ڪوهہ تان گهڙا ڀرڻ ڏکيو آهي.

● ہاہيهي کي تون ڇو ٿو مارين! جي اڄ نہ مري تہ سانوڻ ڇا جي لاءِ وسندو!

● تنهنجو نانءُ ياد اچي ٿو تہ وات وِهہ سان ڀرجي ٿو وڃي، تون جو ڪالهہ امرت کان مِٺو هئين!

● ڪهڙي ڄَٽ سان تو ڳالهائين؟ دفعي ڪريس! هي سياسي هيروئني آهي.

● ڪيڏو ساڙ رکيو اٿئي؟ منهنجي دوزخ جي باهہ ۾ تہ اڳيئي ٿو ٻچرين! مان پنهنجون ٻہ ڪاٺيون اُن ۾ ڇا لاءِ وجهان؟

● حيرت آهي تہ شاهہ لطيف بچي ويو هو ۽ هن کي ڪنهن سنڌيءَ شهيد نہ ڪيو هو!

● تون ٻوڙو آهين، گونگو ناهين. اسرافيل جي صور اچي رهي آهي پر تون اٿين نعرا هڻي رهيو آهين جڻ اڳينءَ فلسطين ۾ رهيو پيو آهين!

● ڪيرٽر تان گڏ چلانگ ڏيندو آهي تہ ٻہ سامهون واري ڇپَ کي ڏيان ۾ رکي ڏيندو آهي. تون تہ خلا ۾ چلانگ ڏئي رهيو آهين!

● جيئن انسان پيريءَ ۾ اچن ٿا، هنن جي اندر جو ابليس اکيون مهٽي جاڳي اٿي ٿو، هوس اڄگر جيان وات پَٽي ٿو ۽ هو سمجهن ٿا تہ سندن موت اچا پري آهي، جيئن جيئن سندن موت کين ڏسي واڳ ڊري ڪري ٿو، جيستائين

Gul Hayat Institute

ڪين پاڻ ڏانهن ڇڪي هڏن سوڏو رڙڪي تو ڇڏي! ڪيڏا نه اياڻا آهن جي ٻاڻ ڪي گهڻو سياڻو سمجهن ٿا ۽ زندگيءَ جي نالي ۾ موت کي وساري ڇڏن ٿا! جي اوهان کي پيريءَ ۾ اهڙا انسان نظر اچن ته اهي ناليءَ جا ڪيڙا سمجهو توڙي اُهي ڏک فرشتي جي ڏيندا هُجن! هو برابر فرشتا آهن، پر جهنم جا.

● پيڙيءَ جي رسي نه ڇوڙ، اڳتي اوڙاهه آهي!

● سنڌ! مان ٿي ته تنهنجي سرحد آهيان، مون کي ڪوئي اورانگهي نه ٿو سگهي.

● بال ٺاڪري! هي ڄرو تو مون کي ڇو هَنيو؟ بابر ته مون کان ڇار سؤ سال اڳي هتي آيو هو؟

● ڇا سنڌ جي ڪائي تاريخ آهي؟ ڇا سنڌ جي ڪائي جاگرافي آهي؟ نه. سنڌ آئون آهيان. جيستائين منهنجي شاعري زنده آهي تيستائين سنڌ کي ڪوئي مٽائي نه ٿو سگهي.

● هر آمريت آمريءَ ۾ دفن ٿي ويندي. سنڌ جي تاريخ زنده جاويد آهي.

● سج ڪيئي پيرا گهڙي وانگر درياهه ۾ غرق ٿي چڪو آهي، پوءِ به تار ترڻ وارا رات لنئي ڪان اڳ ڪنڌيءَ تي پهچي وڃن ٿا.

● ڇا ميهار کي ملڻ لاءِ ٻڏڻ اوس آهي؟

● امرتا پريتم! ڇا تنهنجو وارث شاهه اڄا قبر وچان ٻولي رهيو آهي؟ مون کي ته ڪجهه ٻڏڻ ۾ نه ٿو اچي!

● منگلاج ۽ لاهوت جو سفر سؤلو آهي. مون سان ادبي دوستي نڀائڻ ڏکي آهي.

● هر ڪوئي موت جي ڪن ۾ ڦيرائيون ڪائي ٻڏي وڃي ٿو، ڪوئي اوڙار پرسان، ڪوئي ٻراڙ پرسان. ڪوئي رڃ سيرم، ڪائي ڪشتي ڪٺي ٻڏي، ان تي سوچ اجائي آهي، ان جي ڪري ڪهڙو فرق پوي ٿو؟

● ڪبيرا هي ڪنهن جو راڳ گونجي رهيو آهي، جنهن سان نٺيي ڪنب جي ڪنب ڪڙڇ ٻري رهي آهي؟

* جڏا ... [illegible] ... آهي جو ... [illegible] ... ڪيڏي

[illegible]

Gul Hayat Institute

● ڪُتا ڊونڊ تي وڙهي رهيا آهن. بُلهي شاهه! تون ته پاسي ٿي بيهه! ڊونڊ جي ڏپ ساڙي رهي آهي.

● هڏا به وڏي ويا آهن، ڪُتا به وڏي ويا آهن. ماڻهو دروازا بند ڪري ڪليل درين مان ٻاهوڙ ٻڌي رهيا آهن. ڳجهون اڃا ته آسمان ۾ آهن. اهي ڪڏهن ٿيون لهن، ڪيئن چئجي!

● ڪنهن جو موت ڪنهن کي سڏي رهيو آهي؟
ڪن ايترا سِرلا اَٿي جو آواز ٻڌي سگهين؟
اها تنبوري جي تَڻ تَڻ ته بند ڪر!

● طوفان کان ڇو ٿو گهبرائين؟ طوفان ته تنهنجو ساٿي آهي. سَڏ به آهي ته وراڻي به آهي.

● اسرافيل پنهنجي صورُ ڦوڪي رهيو آهي پر مان ڇا ڪيان تون ته پيدائشي ٻوڙو آهين!

● جيئن شفاف جَر ۾ پکيءَ جو عڪس نظر ايندو آهي، ائين مٿان منهنجين اکين ۾ تنهنجو عڪس نظر اچي! ان ڪري مان توڏانهن ڏسان نٿو.

● دل ۾ آيو ته سوُيَٽ تي دم- عيسيٰ ڦوڪي هن کي پوپٽ بڻايان، پر پوءِ ڪجهه وقت مون هُن کي ترِيءَ تي ڪٽي اُس ۾ رکيو، ٿوريءَ دير ۾ هن پر کوليا ۽ مون کي ڏسڻ کان سواءِ اڏامي ويو.

● جوانيءَ جي الهڙ اکين ۾ ڪيترو نه اعتماد هوندو آهي، يقين هوندو آهي ۽ اها غير يقيني ته ڏسي سگهنديون آهن جا تجربي ۾ هوندي آهي!

● شال توکي خدا جواني بخشي ڏي تنهنجي حسن کي نهنڊ به نه اچي! مان زندگيءَ کان پنهنجي حصي کان به گهٽو وٺي چُڪو آهيان. وڌيڪ هوس رکو مون لاءِ شرمندگيءَ جو باعث آهي. مان توڏانهن هٿَ، هٿ چراند لاءِ نه وڌائي رهيو آهيان، دعا لاءِ وڌائي رهيو آهيان.

● هَوس جو پيالو ڀَرجي نه ڀريو. بس گهڻو پيتو اٿي.
هاڻي بس ڪر!

● ڪنهن جي مٿي تي هٿ گهمائي ڏس! ساري ڪائنات تنهنجي هٿ ۾ اچي ويندي.

● مان [illegible] جهاڙ بڻو آهيان. هر [illegible]

تنهنجو منهن نظر اچي رهيو آهي.

● تو اُتي ٻيلاٽين ۾ ٻَہَر ڏٺا آهن؟

سنڌ جهڙا پيارا پکي ڪٿي ڏٺا اٿئي؟ تون فلوريڊا وڃي يا فيوجي ياما، توکان سنڌڙو نہ وسرندي.

● هن ٻُست جي ڏوڏيءَ جا گل ڪهڙا نہ ڳاڙها ها! اهي هوا ۾ لڏي شفق جي لالاڻ سان ڇا ڳالهائي رهيا ها!

● ميان! سوچ توکي سنڌ ۾ قبر لاءِ جاءِ بہ ملندي يا نہ؟ مان سيوهڻ ۾ تہ محمد تغلق جي قبر ڪٿي ڳولي نہ سگهيو هوس. چون ٿا تہ اُتي پوريو ويو هو.

● اي شمس تبريزي! سچ ڪي ايڏو بہ نہ گهور تہ پنهنجي بينائي وڃائي ويهين!

● اي ’بيدل‘ اڄ تہ عشق جي پوئينءَ ڇاڙهي تي چڙهون ۽ ڏسون تہ اُڳتي ڇا آهي! اڪر تہ پهرين ڇاڙهيءَ کان اڳتي چڙهي نہ ٿا سگهن!

● اي گل! جيترو ٽڙندين، اوترو فنا جي وڏيڪ ويجهو ويندين.

● هي ساري ڪائنات فنا جي مُٺ ۾ ئي تہ آهي! تو ڪڏهن اها مُٺ کولي ڏٺي آهي؟

● اي ڪنوڻ! تون مون تي کِلي رهين آهين!

پنهنجيءَ حياتيءَ جو پتو اُتي تہ ڪيتري آهي؟

● ازل بہ تون، ابد بہ تون، ڇا جيڪي وچ تي آهي، سو بہ تون آهين يا فقط منهنجيءَ نظر جو فريب آهي!

Gul Hayat Institute

● اڄا تہ موت مون سان چوپڙ کيڏي رهيو آهي ۽ مان ’پَنءِ ڇَڪا‘ چئي هُن تي کِلي رهيو آهيان.

● مان هڪ دل مان نڪري ٻيءَ دل ۾ ڏڪ ڏڪ ڪندس، منهنجو اُلڪو نہ ڪر!

● ڪيترائي ماڻهو، موت جي بستري تي مُٺا جو ٿا ڏسن؟

● جي خدا توسان گڏ آهي تہ توکي ڪهڙي ڪَس آهي؟

● جي تون موت کي سمجهي سگهين تہ جيڪر تولاءِ ڪوئي مسئلو نہ رهي.

● پنھنجي جنم جي ڏينھن تي، پنھنجي مرڻ جو ڏينھن ملھاءِ، ڇو تہ تنھنجيءَ زندگيءَ مان ھڪ سال ٻيو بہ گھٽيو.

● ”تون ڪير آھين، جو منھنجي جاڳ ڪي
جھنجھوڙي رھيو آھين
۽ ڇني رھيو آھين
تہ توکي نيٺ ننڊ اچي ويندي،
۽ توکي وجھہ نہ ملندو،
وري وجھہ نہ ملندو.“

● جيستائين پڪي ھوا ۾ پر ڦڙڪائن ٿا ۽ ماڪوڙيون پنھنجي ڏر ۾ وڃن ٿيون، تيستائين تون آھين، پر جڏھن ڪجھہ بہ نہ ھوندو تڏھن بہ تون ھوندين ڇو تہ تون ئي تہ آھا ’ڪجھہ بہ نہ‘ آھين.

● مان چوان ٿو تہ ”تون آھين، تون آھين، تون آھين“، اھو منھنجو پويون نعرو آھي ۽ منھنجي آخري آزاديءَ جي علامت آھي.

● عيسيٰ جا صليب تي پويان لفظ ھئا ”يا خدا! تون مون کي ايترو آزمائين ڇو ٿو؟“
مون تہ توکان اھو سوال بہ نہ پڇيو آھي، توڙي ساري عمر مان صليب تي رھيو آھيان.

● اي خدا! تون ساري ڪائنات بہ آھين ۽ ٻيو ڪجھہ بہ آھين، جنھن لاءِ عين اليقين ضروري آھي، پر اھو ھر ڪنھن جي حصي ۾ نہ ٿو اچي!

● اي خدا! منھنجي دشمن کي معاف ڪر. ھن کي بہ مون وانگر روح آھي ۽ ھو بہ مون وانگر امر آھي.

● اي خدا! منھنجي دشمن جي روح ۾ چڱائي وجھہ، ھن کي سمجھہ ڏي ۽ ھن کي پنھنجي رحم کان محروم نہ ڪر!

● اي خدا! مون کي ڪبوتر بڻاءِ، مون کي جھنگ- ٻلي جون اکيون نہ ڏي!

● اڄ تہ سڄل سرمست سان واريءَ مان گھوڙا ٺاھيون!
آخر ھن ٻي ڪنار بحر جي ڪناري تي سڀ ٻارڙا تہ آھيون!

● ھر دلق پوش جي سيني ۾ دل نہ ٺھندي آھي.

Gul Hayat Institute

● نٽشي! هو نہ مئو آهي، جنهن جي موت لاءِ تون ڍنڍورو ڏيندو وتندو هئين! مون تہ هِن کي ڪلهہ بازار ۾ ڏٺو هو. هو ايندڙ ويندڙ کان ڪجهہ مڱي رهيو هو.

ها، نہ رڳو تون مري ويو آهين پر تنهنجو ڍنڍورو بہ ٺپي چڪو آهي.

● ميان! اجا اورئين فلڪ تي پهتو آهين؟

اجا گهڻا فلڪ اورانگهڻا آتي؟ مَلڪ توکي حيرت مان ڏسي رهيا آهن!

● جي تون پياسو آهيون تہ شاعريءَ جهڙي گهڙامنجي ڪابہ نہ آهي.

● اي خدا! مون تہ فقط شاعري ڪئي آهي. ماٺهن مون کي پيغمبرن واري سزا ڇو ڏني آهي؟

● اي شاعري! مون اکين جي ساري ننڊ توکي ڏني، مون کان پيو ڇا تي گهرين؟

● توکي منهنجيءَ زندگيءَ تي چڙ آهي، پر توکي منهنجي موت تي وڌيڪ چڙ ايندي، جو تہ موت مون کي اُهو ڪجهہ ڏيندو جو مون کي زندگي نہ ڏئي سگهي آهي ۽ جنهن جو مان حقدار آهيان.

● ساڙ اها رنگين عينڪ آهي جا پائڻ سان اُس جو تَوُ ويتر وڌنيدي آهي.

● ڇا لفظ بہ صليب تي چڙهندا آهن؟ جي هائو تہ پوءِ منهنجي شاعري پڙهي ڏس!

● منهنجي هر اسلام پسند ۽ اشتراڪيت پسند نقاد کي اِن تي غصو آيو آهي تہ مان هنن جي تنقيد جو جواب نہ تو ڏيان ۽ ان ڪري مون کي هو گاريون ڏين ٿا. منهنجو جواب مستقبل جي تاريخ ڏيندي.

● ڇا تون ايتري اهميت جو اهل آهين تہ مان توکي جواب ڏيان؟ مون هڪ نئون ڪتاب لکيو آهي پر اُن جي هڪ سٽ بہ مون توتي وڃائڻ نہ چاهي آهي. اهو ئي منهنجو جواب آهي.

● ڀُلو آهين، مان تنهنجو همعصر نہ آهيان! مان ڪاليداس جو همعصر آهيان، غالب جو همعصر آهيان، اها ٻي ڳالهہ آهي تہ تنهنجي دؤر ۾ بہ جنم ورتو اٿم. گوئٽي کان پڇي ڏس تہ هو توکي ٻڌائيندو تہ هي منهنجو همعصر آهي.

● ايوريسٽ ڪان اوچو ٿيڻ ڪيڏو نہ خراب آهي! تون تہ پٻ وٽ بيٺو آهين، ائنا پورنا تي بہ نہ آهين!

● چمڙي جي اولاد! منهنجو نقاد ڪيئي صديون پوءِ پيدا ٿيندو. اجا تائين تہ ڇاڇر ۾ ڇيرون هڻن وارا آهن!

● ننشي! مان تو ڇوان تہ موت مري ويو،
هن ڪي منهنجيءَ شاعريءَ آفت ماري وڌو آهي.
هاٿي شاعريءَ لاءِ ڪابہ
اسرافيل جي صور نہ ايندي
مون عزازيل کي بہ پوري ڇڏيو آهي،
هو انارڪليءَ جهڙو خوبصورت تہ نہ آهي
پر مون فقط عشق جي دفاع ۾
هن کي ديوار ۾ دفنايو آهي
جتان هو وري نڪري نہ سگهندو
تون پلي ڊنيورو ڏي، تہ
موت مَري چڪو آهي!

● منهنجي هٿ ۾
ايتري تيزي ڪٿان ايندي؟
هي تون ٿي تہ لکي رهيو آهين
تون جو وڻ پاڙون پٽي ڇڏيندو آهين،
سمنڊ اٿلائي وجهندو آهين
۽ بوڙان بوڙ وڏندو آهين،
تون ٿي تہ هي قلم تيزيءَ سان هلائي رهيو آهين!
جڏهن مون کي ننڊ جا گهيرٽ ٿا اچن
۽ منهنجون اکيون پٽجي، پوتجي وڃن ٿيون
ها، منهنجا مونا
طور سينا وانگر جرڪي رهيا آهن
۽ تون 'رب ارني' چئي رهيو آهين!
نون ايڏو اٿاهہ سمنڊ هوندي،

Gul Hayat Institute

منهنجي واهڙ ۾ ڪيئن وهي آيو آهين؟
آخر ڪهڙي انسان کي
سيلاب نوح کي روڪڻ جي سگهه آهي،
۽ سو به ايتري
جو بنا ڪنهن شعوري ڪوشش جي
هو اُهو سڀ ڪجهه بچائي سگهي
جو بچائڻ جهڙو آهي؟

● اي خدا! تون منهنجي روح کي پکي جي روح وانگر ٻڌايو آهي. مان اهو ڏسي حيران ٿي وڃان ٿو ته اهو ڪيستائين پرواز ڪري ٿو سگهي!

● اي خدا! ايتري روشني به نه ڪر جو منهنجون اکيون جهانورائي وڃهين!

● اي خدا! تون منهنجون اکيون آهين! تو سان مان اهي ڳالهيون ڏسي سگهان ٿو جي ٻيا انسان ڏسي نه ٿا سگهن. مان تو سان اهي ڳالهيون ٻڌي سگهان ٿو جي ٻيا انسان ٻڌي نه ٿا سگهن. توئي ته مون کي قلم گهڙڻ سيکاريو آهي ۽ منهنجي هر تحرير مان ليئو پائي ان کي ڏسي رهيو آهين ۽ پنهنجي حقير شاگرد جي مٿي تي هٿ ڦيري رهيو آهين.

● اي خدا! ڇا مان توکان ڪنهن به گناهه لاءِ معافي وٺان؟ ڇا تون اِن تي قادر نه هئين ته مون کي گناهه کان روڪي سگهين ها!

● سعديا شيرازيا! پُل صراط ايتري تکي به نه آهي، جيتري ماڻهو چون ٿا! تون ۽ مان آسانيءَ سان ٽپي ويندا سين!

● زمهرير لاءِ ڪهڙي پشميني مان لباس سبايا آٿي؟

● توکي ان جو ڪوئي پَوَ نه آهي؟ دوزخ جي آگ مان توکي فقط حُقي لاءِ ٽاندو گهرجي؟

● يَزيد! دليل ته تو وٽ به آهن پر حُسينيت لاءِ دليل ڪافي نه آهي.

● اج به شام لهرن ۾ ائين ئي لڙهي رهي آهي جيئن دجله ۽ فرات ۾ لڙهندي هئي؟ ڇا وري ڪوئي شهيد ٿي رهيو آهي؟ سج جا ڪرڻا قطرا قطرا ٿي ڇو وهي رهيا آهن؟

● ڇا خدا کان وڏو ڪوئي مؤذن آهي. جنهن جو آواز تو ۾ هر هر

Gul Hayat Institute

وقت هَري رهيو آهي.

● ڪوهِ طور يڪ لخت پاره پاره ٿي پيو آهي ۽ سڀئون پني تي پٽرن وانگر اڏامي رهيون آهن. ڇا ڪوئي 'رب ارني' چئي رهيو آهي؟

● عشاء جو وقت آهي. خدائي خاموش ٿي ويئي آهي. مون هھڙي بانگ تہ اڳ ڪڏهن نہ ٻڌي آهي!

● خدا جي سامهون سربسجود ٿي ۽ انهيءَ هر پل کي نيڪالي ڏي جو تو دنيا سان گڏ گذاريو آهي.

● هر پل جو تو دنيا سان گذاريو آهي، توکي قبر ۾ ڪيڙي وانگر چرندو نظر ايندو.

● تون پل ڏيڪ تي گهمندو ڦرندو وَت، توکي ڪائي جَهل نہ آهي پر 'موتو قبل از موتو' دل ۾ سانديءِ!

● يا خدا! مون کي ٻيهر جواني نہ ڏجانءِ.
متان هيءَ پياري پيري مون کان کسي وٺين!

● "خدا آهي!" مون اهو چئي ڌرتيءَ تي ائين لٽ هڻئي چڻ سيني دهرين جي قبر تي لت هنيم.

● هُن جي خدا سان ايتري دشمني ئي خدا جي وجود جي ثابتي آهي. ٻيلا جي خدا ڪونہ آهي تہ ايتري دشمني ڇا لاءِ؟

● مون جيڪي اشراقي ۽ عالم ۽ فاضل پڙهيا آهن يا جيڪي مسيحي وحدت الوجودي صوفي پڙهيا آهن، جن مقدس انجيل ۽ جديد عهدنامي جي تفسير نَو فلاطوني طرز تي ڪئي آهي، انهن اسان جي صوفيانہ فڪر تي مسيحي اشراقيت جو اثر ڇڏيو آهي ۽ ان اسلام کي متاثر ڪيو آهي. فلاطنيوس جو تہ زياده اثر آهي. جنيد بغداديءَ اندر بہ اشراقيت جا لڇر ها. ڪجهہ مثال آهن: "ڇاڪاڻ جو انسان جو روح هُن جي جسماني زندگيءَ کان اول موجود هو ۽ ان ۾ پوءِ بہ موجود رهي ٿو، ان ڪري پنهنجي ماخذ ۽ مَنبہ ڏانهن موٽڻ جي ڪيس تانگهہ رهي ٿي."

"پنهنجي اپائڻهار کان ماڻهوءَ جي ڀهرين وڇوڙي جي نوعيت ڪهڙي هُئي ۽ انهيءَ صوفيانہ وصل (ميلاپ) کان پوءِ، ٻي وڇوڙي جي نوعيت ڪهڙي آهي؟" جوهر، صفات ۽ حقيقت جي مسئلي جي تحقيق تي بہ يوناني اثر آهي.

Gul Hayat Institute

مثلاً: "اهو ويساهه تہ الله تعاليٰ ئي واحد حقيقت آهي، اسان (يعني مخلوق) رڳو مظاهر (ڏيک) آهيون ۽ اهو بہ تہ انساني صفات -صفتون) رڳو هڪ نقش بي ثابت (پاڻيءَ چٽ)، آهن، جن ۾ ان خدائي صفات جو هڪ ميرانجهڙو پاڇو نظر اچي ٿو ۽ جَوابدي ۽ دائمي آهي..."

اهي اشراقي خيال ۽ تصور بغداد ۾ ڏاڍو ڦهليا ۽ اسلامي فلسفي جي رنگ روپ ۾ هنن جو وڏو هٿ آهي.

ڊاڪٽر علي حسن جي ڪتاب تان ورتل)

● اي خُدا! مون کي منهنجي دريده دهني معاف ڪر!

مون کي اها هستي بہ تہ تو ڏني آهي، اهو آواز بہ تہ تو ڏنو آهي جو آسمان کان بلند تر آهي!

● مون ايران جي شهر قُم ۾ هڪ ايرانيءَ کي ڏٺو، جنهن گدري سان ماني کائي خدا جو شڪر ڪيو. مون اها ماني هتان جي ست رڃيءَ کان بهتر سمجهي.

● جي تون شاعريءَ جيتري عبادت ڪرين ها تہ الائي ڪهڙي ولايت تي هجين ها؟

● ڇا تون منهنجو رب آهين؟ پر تون منهنجي در تي ڪيتري ئي وقت کان سڏي رهيو هُئين! رڳو مون نہ سڃاتو.

● ڇا ڪوئي انسان هڪ تِر جيترو جيت بہ خلقي سگهيو آهي؟ ڇا هڪ تر جيترو جيت ڇاتي سگهي ٿو تہ آڪاس، جنهن ۾ اڪڻ ستارا آهن، ڪٿي ٿو ڪٿي؟ مان مڃان ٿو تہ اهو جيت پپل جي چوٽيءَ تي پڇي سگهي ٿو پر ان جي حقيقت ئي ڪهڙي آهي؟ ڇا اُنهيءَ ستاري جهڙي آهي جو هن آڪاس جي اتاهين وڻ ۾ پوئين پن جيان آهي. ڇا ان جيت جي انا کي ان مان تسلي ملندي تہ هو پپل جي پوئين پن تي پهچي چڪو آهي؟ ڇا ان کان اهو ڪيڙو ماڪوڙو چڱو نہ آهي جو انهيءَ جي جڙ تائين پهتو آهي ۽ پاڻ کي هر واچوڙي کان محفوظ سمجهي ٿو؟

اي تِر جيترا جيت! تون هن ڪائنات جي حقيقت کي ڇو ٿو سمجهڻ چاهين؟ ائين نہ ٿئي تہ واءُ جو جهوٽو توکي بولاٽيون ڪارائيندو اڏائي وڃي! انهيءَ تي قانع ٿي تہ تون وڻ جي چوٽيءَ تي پهچي چڪو آهين. ان کان مٿي

Gul Hayat Institute

جو وڻ آهي، تنهن ۾ ڪَتين جون تاريون ڏسي، پنهنجي، وت ڪان وڌيڪ ٽپو نہ ڏي! حيرت تي قناعت ڪر! اهو اسرار جو نہ کُلي سگهي. ان تي حيرت ڪان سواءِ ٻيو چارو ڪهڙو آهي!

● رب! تون رحيم ۽ غفور آهين پر جي مان ايترا گناهہ نہ ڪيان ها تہ ڇا تون مون کي ڳولي لهين ها!

● جُنيد بغدادي، جنهن وقت ڪجهہ سالن جو هو، ان وقت ڪجهہ ماڻهو هن جي مامي سَقطيءَ سان 'شڪر' تي بحث ڪري رهيا هئا. اوچتو سَقطي جنيد ڪان پڇيو: "پٽ! شڪر ڇا آهي؟" جنيد جواب ۾ چيو: "شڪر اهو آهي تہ انسان خدا جي نافرماني نہ ڪري جو انسان کي ايترا عطيا (سوکڙيون) ڏئي ٿو."

سَقطيءَ چيو: "ممڪن آهي تہ خدا جو توکي عطيو ڏنو آهي، اهو تنهنجي زبان هجي."

(ڊاڪٽر علي حسن، شعبهءِ دينيات الازهر يونيورسٽي مصر)

جي سَقطي منهنجو مامو هجي ها ۽ اسان جو سوال جواب ساڳيو هجي ها تہ سَقطي فقط لفظ 'زبان' بدران، لفظ 'شاعري' ڪم آڻي ها، جو مون لاءِ خدا جو عطيو آهي.

● قراة العين حيدر! فقط آنءُ تنهنجو آگ جو درياهہ تري ٻي ڪنڌيءَ تي پهتو آهيان پر اتي تہ ڪجهہ بہ نظر نہ ٿو اچي! يا مون ۾ بينائي نہ رهي آهي!

● ڇا اَسان ٻئي ايملي برانٽ جي ناول 'وُدَ رنگ هائيٽس' (WUTHERING HEIGHTS) مان ٻہ ڪردار هئاسين؟ ڇا ڪتاب ڪان ٻاهر بہ زندگي ائين گذري سگهندي آهي، جيئن اسان گذاري هئي؟

● گوشت جي بُوءِ سنگهي، هزارين هاٿار مڙي ويندا آهن. محبت ڪندي اسان اهو ڇو نہ سوچيو هو؟

● گهر کي دشتِ نجد بڻاءِ! ليليٰ پاڻ ئي پيهي ايندي!

● هاٿي پٿر ڇو ٿا هڻو؟ هاٿي تہ نہ مان مجنون آهيان ۽ نہ منهنجي ڪائي ليليٰ آهي؟ يا اهو محمل جو بظاهر خالي لڳي ٿو، دراصل خالي نہ آهي؟

● سڄي دنيا ٻئي پاسي آهي، مُنهنجي پاسي تون آهين. ڇا اهو ڪافي

Gul Hayat Institute

نہ آهي؟

● تون مون کي روح آڇيو،
مون توکي فقط جسم آڇيو،
تارازيءَ جي پڙ ۾ تون ڪيڏي نہ
ڳوري ٿي لڳين!

● آه! جڏهن هو تنهنجي ڳلا ڪن ٿا
تڏهن منهنجن ڪنن ۾ ٻرندڙ شيهو وجهن ٿا.

● مٽان پاڻ کي اڪيلي سمجهين! تون جتي آهين، جنهن جاءِ تي آهين، جنهن بہ رفاقت تي مجبور آهين يا پاڻ کي تنها محسوس ڪري رهي آهين، مان تو سان آهيان.

● نيٺ تہ پنهنجي پنهنجي لوڙهي جو ٻندو هٽائي، ڏڪندا اچي هڪ ٻئي جي ياڪر ۾ پونداسين ۽ چند اسان کي ڏسندو رهندو!

● نفرت ڪر!
انهن کان جي نفرت ڪن ٿا
۽ نفرت ڪرڻ سيکارن ٿا،
انهن کان نفرت ڪر جن جي روح تي
ٿوهر جا ڪنڊا آهن،
۽ جن تي برساتن جي ڦڙي نہ پئي آهي،
۽ ان جي ڪري هو نادان
آسمان کي گاريون ڏئي رهيا آهن،
۽ جن کي خبر نہ آهي
تہ اهو جڏهن وسڻ تي ايندو آهي
تہ ٻنا ٻوڙ وسندو آهي،
ايترو جو اُن جي ريلي ۾
درياهہ اُٿلي پوندا آهن!
نفرت ڪر!
نفرت ڪرڻ وارن کان نفرت ڪر!
جي پنهنجي دشمن کي

Gul Hayat Institute

ان ڪري انسان نہ ٿا سمجهن
جو تہ هو هنن جو دشمن آهي،
۽ اهو وساري ٿا ڇڏن
تہ هن کي بہ ٻار ٻچا آهن،
جي بہ جلي مرن ٿا
جڏهن هن جي جهڳي کي باهہ ڏني وڃي ٿي.
نفرت ڪر!
ريلون اڏائڻ وارن سان
۽ هوائي جهاز اغوا ڪرڻ وارن سان،
جي اهو وساري ٿا ڇڏن
تہ انهن ۾ ٻار بہ آهن،
اهي مرد ۽ زالون بہ آهن
جن هنن جو ڪوئي ڏوهہ نہ ڪيو آهي!
نفرت ڪر!
● تون سگار جو وزم
پورو نہ هٿي سگهندين.
تہ منهنجو نظم
پورو ٿي ويو هوندو.
اجا تو وقت جي گهوڙي تي،
هنو بہ نہ رکيو هوندو
تہ اُن جي آخري سٽ لکجي چڪي هوندي،
۽ جڏهن تون
رڪاب ۾ پير رکندين
تہ ٻئي نظم جي
قافيي ۽ رديف جون
واڳون
منهنجي وَس هنديون.
مان چاٿان ٿو

Gul Hayat Institute

تہ هيءُ عمر تيز رفتار آهي
پر منهنجي شاعري
اُن کان بہ وڌيڪ
تيز رفتار آهي
۽ ڪنهن بہ وقت
منهنجو قلم
اَڙيءَ جو انتظار نہ ڪندو آهي
اي موت!
جيستائين تون اچين
مان ايترا فاصلا طئہ ڪري ويندس
جو توکي
مون تائين پهچڻ ۾
ڪافي صديون لڳنديون.
اهو بہ ممڪن آهي
تہ تنهنجو گهوڙو
ٿڪجي پوي
۽ مان
توکي
پُٺ تي چڙهي وڃان!

● هڪ ڏينهن ايندو جڏهن
مون ۾ چُرپُر نہ هوندي،
سچ ۽ چنڊ لڪي ويندا
۽ ڪڪر ڪارونڀار ڪري،
مُنهنجي جنازي نماز تي ايندا.
۽ موت کي اجازت نہ هوندي
تہ هو ڪنهن صف ۾ بيهي سگهي.
ان ڏينهن شاعري
روئيندي اکيون مهٽيندي.

Gul Hayat Institute

۽ اُن جا لڙڪ
گل مهر جي گلن کان وڌيڪ ڳاڙها هوندا،
۽ املتاس زرد ٿي ويندا،
۽ سرءُ جي سرد هوا
واريءَ تي هر وٿاڻ ۾ مون کي ڳوليندي،
۽ هر نئين چاول ٻار کي
جاچي ڏسندي
تہ اُن کي مون جهڙا روش تہ نہ آهن
اُن جا سوسات
سرنهن جي تارين سان ڳلي ملي پچندا
تہ هو وري ڪڏهن ايندو،
جنهن جا راڳ
ڌرتيءَ ۽ آسمان ۾
ايئن گونجندا هئا،
جيئن واءُ
گهاٽي بن ۾
گونجندو آهي،
۽ ان جا گيت ٻڌي
سارا وڻ تاڙيون وڄائيندا آهن،
۽ پن ايئن ڪرندا آهن
جڻ ان تي سِڪا گهورَ ٿي رهيا آهن.
اهڙا راڳي
واري واري سان تہ نہ ايندا،
پر اسان کي پڪ آهي
تہ هو موٽي ايندو،
۽ پُرانا ٻڙ
ان ڳالهہ جي گواهي ڏئي سگهندا.

● اي ٿوهر جا گل! ڪَنڊا تہ توکي بہ ٿين ٿا، پر تو ۾ گلاب جي

Gul Hayat Institute

خوشبو ڪٿي؟

● بگهڙ مرندي دم تائين بگهڙ رهندو، هن کي سَھي وانگر ساٿو ٻڌائي نہ ٿو سگهجي.

● جڏهن عڪس ٿڪي ويو، تڏهن مون آئينو ڦٽي ڪري ڇڏيو، جي آئينو ڳنڍي عڪس کي ڏسبو تہ وڏيڪ ڪرپ ايندي آهي.

● هر دؤر ۾ لِلي پَٽ جا چامڙا ڀڏل گليور کي سُيون چڀائيندا رهندا.

● ڪوهہ – بي ستون کوٽيندي جو فرهاد جي هٿن مان رت وهي رهيو آهي، سوئي شيرين جي لڙڪن مان وهي رهيو آهي.

● نظام الدين اولياءَ جي درگاهہ تي مون کي هڪ ديوانو مليو، جنهن چيو تہ، ”مان امير خسرو آهيان.“ مون هن کي جواب ڏنو، ”پر امير خسروءَ کي تہ ڪيئي سال مُئي ٿيا آهن!“ هن ٺهڪ ڏئي چيو، ”مومن مري سگهندا آهن، ڪافر نہ مرندا آهن بشرطيڪ اُهي عشق جا ڪافر هجن.“

● ڇا تو دل ۾ ڪيو آهي؟ گيلور کي چامڙن جون ڇُهنڊڙيون ڪا نئين ڳالهہ تہ نہ آهي، پر اهي ڇُهنڊڙيون ڪهڙي طرح ٻہ هن کي پائن، ڪهڙي دؤر ۾ ٻہ هُن کي پائن!

● شبليءَ منصور تي گُل ڦٽي ڪري گل ڪان معافي ورتي تہ مان توکي گناهہ ۾ شريڪ ڪري رهيو آهيان.

● نور محمد ڪلهوڙي کي ٻہ ايترو شرم هيو جو ڀٽائيءَ کي زهر مٽائيءَ ۾ موڪليو هيائين. توکي تہ اهو شرم ٻہ نہ آهي!

● ڇا منهنجي شاعري زيب النساءِ مخفيءَ جي رات وانگر تنها آهي؟

● مون آگري ڪان ڪجهہ ميل پري فتح پور سڪريءَ ۾ اها جاءِ ڏٺي هئي، جنهن ۾ چوڪڙي ٺهيل هئي، جنهن تي ويهي تانسين ۽ بيجو باورا مقابلو ڪندا ها.

● ماڌو لال حسين! تنهنجي يڪتاري جي تَڻ تَڻ ابدي آهي. هي بندوق جي تَڙ تَڙ، ٿورو وقت هلي سگهندي!

● اي ڪبير! تون اڃا تائين منهنجي پرسان چرخو ڪتي رهيو آهين ۽ مان تنهنجو اُلجهيل سٽ سُلجهايان پيو؟

● منهنجي ’ڪُن فيڪون‘ جو ڇا ڪوئي حد حساب آهي؟ منهنجو

Gul Hayat Institute

ادب اچا من ڪائنات وانگر تيزيءَ سان ڦهلجي رهيو آهي.

● منهنجن مخالفن کي ساڙ آهي تہ مان ايترو پڙهيل چو آهيان ۽ مون ايترو لکيو ڇو آهي؟ هو سوچن ٿا تہ هي شاهہ لطيف وانگر اُمي ڇو نہ آهي؟ ڇا شاهہ اُمي هو؟ هن پوري نندي ڪنڌ جو علم واتون وات هٿ ڪيو هو. هن جي بيتن ۾ پنجابي ۽ هندي دوَها جهلڪن ٿا جي ڪنهن وقت هن پڙهيا يا ٻڌا هوندا ۽ جي هن جي تحت الشعور مان اُيري آيا هوندا. ايئن آهي تہ هن هڪ ئي رسالو لکيو پر جي ويهہ لکي ها تہ هن تي ڪنهن کي اعتراض ٿئي ها يا فردوسيءَ جا همعصر هن جي پر ڪوئيءَ تي انگشت نمائي ڪن ها جي هو ڏهہ شاهنامہ لکي ها؟ڇا هنن کي خبر آهي تہ سمر سيٽ مام ڪيترا ناول لکيا هئا. ٽالسٽاءِ ۽ دوستو وسڪيءَ ڪيترو لکيو هو؟ اِها ٻي ڳالهہ آهي تہ 'سينٽ مائڪل جي ڪهاڻي' جي مصنف ايڪزل منٿي جو فقط هڪ ئي ڪتاب آهي جنهن هن کي امر ڪري ڇڏيو آهي هن جو ٻيو بہ غير معروف ڪتاب آهي جو شايد مون کان سواءِ نندي ڪنڌ جي ٻي ڪنهن اديب پڙهيو هجي!

● پيرزادو عمر منهنجو پراڻو دوست آهي ۽ سپريم ڪورٽ ۾ وڪالت ڪندو آهي. هڪ ڀيري هو ڪلفٽن بيچ تي جاڳنگ ڪندي (ڊوڙندي) مون کي مليو ۽ مون کي ڏسي بيهي رهيو ۽ چيائين: "وان گوگ جي هڪ تصوير ڪيئي سو ملين ڊالر ۾ وڪامي آهي پر جيئري هن کي بُک، ڏک ۽ چريائپ کان سوا ڇا مليو؟ تون وڪالت ڇڏي، سنڌيءَ ۾ شاعري ڪندين تہ توکي ڪهڙو نوبل انعام ملندو؟"

مون هن کي چيو تہ: "مونکي نوبل پرائيز کان بہ وڏو انعام ملي چڪو آهي. نہ رڳو قدرت مون کي هي سارو سمنڊ ڏنو آهي پر ان جي مٿان، ان کان بہ وڏو آسمان ڏنو آهي. توکي تہ سمنڊ جي ڪناري تي چار يا ڇهہ سؤ والن تي هڪ بنگلو آهي، جنهن ۾ چار ٻتيون ٻري رهيون آهن. منهنجي رهائش ۾ قدرت چنڊ جو فانوس ٽنگي ڇڏيو آهي. مان دنيا جو وڏي ۾ وڏو سرمايہ دار آهيان ۽ منهنجو سرمايو بي سي سي آءِ وانگر ڪٽو نہ آهي."

● مان نٿو چاهيان تہ مان پتو پتو ٿي چٽان ۽ مٽيءَ ۾ ملي وڃان. مون کي تيستائين پٽي وٺ جيستائين مون ۾ سڳنڌ آهي ۽ مان انهيءَ جي لائق آهيان تہ ڪنهن جي جُوڙي ۾ ڪم اچي سگهان!

Gul Hayat Institute

● موت ئي هڪ اٽل حقيقت آهي، اها حقيقت نگاريءَ جو حصو ڇو نہ ٿي سگهي ٿي پر ڇا حقيقت نگاري ان کي سمجهائي سگهي ٿي؟

● ’ڪليات فيضي‘ جا ورق ورايم، 173 صفحا تہ رڳو قصيدا هيا ۽ ٻيا غزل هيا.

● هتي نہ ڪوئي ڊيگال آهي ۽ نہ ڪنهن آندري مالرو جي حڪومت جي سربراهہ سان دوستي ٿي سگهي ٿي.

● اوشوءَ جو ڪيسيٽ ٻڌي رهيو آهيان. مٺي ننڊ اچي رهي آهي.

● گرهڻ بہ هر ڪنهن کي تہ نہ ٿيندو آهي. چنڊ کي ٿيندو آهي يا سج کي.

● اڄڪلهہ پارسي گهڻ ٿي پڙهي وڃي، ان ڪري مان هنن کي پنهنجي اٺاٺائيءَ تي مهٺو نہ ٿو ڏيان تہ هو لاهور ۾ ميان مير تي حاضري تہ ڀرن ٿا پر اهو بہ نہ ٿا ڄاڻن تہ داراشڪوہ جيڪو ميان مير جو نهايت عقيدتمند مريد هو، فارسيءَ جو هڪ بلند پايہ شاعر بہ هو ۽ ڪابل ڏانهن جنگ تي ويندي هن جتي جتي بہ داہو ڪيو هو اتي هن ويد فارسيءَ ۾ ترجمو ڪيا ها.

● توتي مان ڪاوڙ ڪيان، توتي؟

ها... ها... ها... توکي اها خوش فهمي ڪيئن ٿي؟

● سولزي نتسن! تون سورنهن آنا صحيح هئين. مان پنهنجي غلطي مڃان ٿو.

Gul Hayat Institute

● غالب تو زندگيءَ کي قيد ـ حيات ۽ بندغم سمجهو هو. زندگي تہ ماڪ بہ آهي، پکين جي اَڏار بہ آهي ۽ ڪڏهن تندو تيز ۽ ڪڏهن هوريان وهندڙ نديءَ جو پاڻي بہ آهي. تون قيد - حيات بندغم ۾ رهي بہ اهي چونڊي سگهين ٿو!

● مان ’ڀٽائي جو رسالو‘ ڪجهہ اڳتي لکي رهيو آهيان. تون مون کي نہ ٿو سمجهي سگهين، اها ئي ڳالهہ آهي.

● منهنجو سرو سامان ڪهڙو آهي؟ ڪجهہ ڪتابَ، ڪجهہ تصويرون. جي بہ مون کي هِت ئي ڇڏڻيون آهن. مون ۾ فرعونيت بہ نہ آهي پر اي سنڌ! جي تون مون تي مخروطي منارو ٺهرائيندينءَ، تہ ڪنهن جو

ڪنهن تي احسان ٿيندو، اهو مستقبل ئي ٻڌائيندو.

● هي منهنجا شعر آهن يا ننڍ جون وليون پکڙجي ويون آهن ۽ انهن ۾ ڪيئي گل نڪتا آهن؟

● ڇا منهنجي شاعري نيٺ ايئن ڪناري لڳندي جيئن نوح جي ٻيڙي ڪوه - ارارط سان لڳي هئي؟

● پويان ترورا ڏسي مان سوچان ٿو ته منزل ڪيڏي نه ڏور آهي. جڏهن سج نصف النهار تي هو ته منهنجو ڪھوڙو سج تي نرا ڪٽي رهيو هو ۽ مون پانيو تي ته پنڌ پورو ٿي ويو آهي.

● منهنجا خدا! مون کي معاف ڪجاء. منهنجي عبادت رڳو منهنجي شاعريءَ ۾ ئي آهي. منهنجي شاعري انهيءَ ٻڪرار جي گفتگو وانگر آهي، جنهن کي موسيٰ عليه السلام جي موجودگيءَ جو احساس نه هو.

● اي خدا! تون منهنجيءَ شاعريءَ کي طور وارو جلوو پسائيندين، تڏهن ٻه اها راضي نه ٿيندي.

● شام ٿي وئي آهي. چراغ جلاءِ! اوندهه جي فريب ۾ نه آءُ! اوندهه ته ڪيئي شمس تبريزي واري ڇڏيا.

● اي خدا! مان چاهيان ٿو ته مان پاڻ سان ٻه - ٽي گل ڪٺان جي ابد تائين تازا رهن. ڇا منهنجي شاعري توڪريءَ جو ڪم ڏئي سگهندي؟

● تون ڪارونجهر جي چوٽيءَ تي پهچندين ته ازخود مور وانگر ٽهوڪا ڪندين.

● ڇا ڪنهن خوبصورت گل تي نظم 'ادب براء ادب' آهي يا 'ادب براءِ زندگي' آهي؟ ڇا گل زندگيءَ جو حصو نه آهن! مان ته توکي رڳو چوان ٿو ته ادب ڪنهن سياسي پارٽيءَ جو ڪارائو ڪمدار نه آهي! اديب اُن پارٽيءَ سان متفق ته ٿي سگهي ٿو پر هو اُن جو نعري بازي يا اشتهار بردار نه آهي. ڇا شفق ۾ هر- هاري زندگيءَ جو حصو نه آهن يا هي شاعر جو ميز تي ڪنڌ جهڪائي صبح کان شام تائين لکي رهيو آهي ۽ جنهن کي نه پنهنجي ٻک جو احساس رهيو آهي. نه اڃ جو. ڇا اُن جي دل ۽ دماغ زندگيءَ جو حصو نه آهن؟

تو زندگيءَ کي سمجهيوئي ڪيترو آهي جو تون 'ادب براءِ زندگي' پيدا ڪرڻ ٿو چاهين؟ ڇا موت کي سمجهڻ کان سواءِ زندگيءَ کي سمجهڻ

Gul Hayat Institute

ممڪن آهي؟ ڇا شاهہ جو رسالو فقط اِها سٽ آهي:

”سائين سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار.“

۽ انهي سيٽ ۾ اهو ’سائين‘ ڪير آهي؟ ڇا اهو ’سائين‘ جو ذڪر ادب براءِ ادب آهي يا ادب براءِ زندگي آهي؟ ڇا پنائيءَ جي ذات جي تلاش ۽ ان سائينءَ جي تلاش ٻڪي پيٽ تي نہ ٿي سگهندي آهي؟ دراصل اها ٿي ٿي تن ڪي تسا ڏئي سگهندي آهي. ڇا اها تلاش زندگيءَ جو حصو نہ آهي؟ ان تي غور ۽ فڪر جڏهن ادب ۾ اچي ٿو تہ اهو ’ادب براءِ ادب‘ آهي يا ’ادب براءِ زندگي‘ آهي؟

ڇا تون ڏڪو آهين جو اهڙا پاڃاري ڪنيو ٿو وتين جا تولاءِ اٺويهين صديءَ ۾ سياست ناهي هئي؟ ادب زندگيءَ جو حصو آهي ۽ زندگي ادب جو حصو آهي ۽ روح جي ٻڪ جسم جي ٻڪ کان وڌيڪ بامعنيٰ آهي ۽ اها ٻک جيڪو ادب تخليق ڪري ٿي، تون اُن کي ڪهڙي زمري ۾ رکندي؟ ۽ محبت ڇا آهي؟ ڇا اها زندگي ناهي؟ هر محبت جو گيت ’ادب براءِ ادب‘ هوندي ’ادب براءِ زندگي‘ آهي. تو کي سياسي شعبده باز رڳو لفظن جي ڄار ۾ ڦاسائن ٿا؟ ماني نڪر تہ ڪتي کي بہ ملندو آهي. ڇا تون ڪتو آهين تہ ان لاءِ پڙڪندو وتين؟ اها ’هڏي مٿان هوڏ‘ سياست لاءِ آهي پر اُن لاءِ سياست ڪافي نہ آهي ڇا؟ تون مصوري ۾ اهي هڙپان بہ ڏيکاري سگهندو آهين، جي بکئي پيٽ ۾ آهن پر هي ٻائوريءَ جون تاريون ۽ سرنگهوءَ جا گل جڏهن ڦٽي پون ٿا ۽ تون انهن جا گيت ڳائين ٿو تہ ڇا اهو ’ادب براءِ ادب‘ آهي يا ’ادب براءِ زندگي‘ آهي؟ ڇا اهو مينهن تون ٿو وسائين جنهن ۾ اهي ڦٽي پوان ٿا؟ ۽ تون ڏوَ ۾ ڏلهو تي انهن هيٺان ننڊ ڪرين تہ ان کي زندگي چوان پر جي اُجهندي ۾ انهن جي سونهن ڏسان تہ ان کي ڇا چوان؟

ادب فقط ادب آهي. ان کي سياست جي ڪشڪول ۾ وجهين تہ تون ’وس وارو‘ آهيان، پر اهو چاتي چڏ تہ ادب فقط پيٽوءَ جي پاند لاءِ نہ آهي. ادب ذريعو نہ آهي. ادب مقصد آهي. ايئن جيئن خدا ذريعو نہ آهي پر مقصد آهي، خدا کان تون ’سنڌ سڪار‘ جي دعا گهرين تہ مون کي اعتراض نہ آهي پر جنهن کان اها دعا گهري رهيو آهين، اهو ادب جو موضوع نہ آهي ڇا؟ نظريا زندان نہ ٻڌاءِ! انهن مان نڪري آءُ! ٻاهر ڪليل هوا آهي ۽ آسمان ۾ چنڊ وڃي رهيو آهي.

Gul Hayat Institute

نيو فيلڊس طرفان شيخ اياز جو جلد نئون ايندڙ ڪتاب

# ڪٿي نه ڀڄبو ٿڪ مسافر

(آتم ڪٿا)

---

نيو فيلڊس جو شايع ٿيل ٻه سؤ نمبر ڪتاب

# خواب خوشبو ڇوڪري

ليکڪا: مهتاب محبوب

Gul Hayat Institute